# اوچا ڳاٽ پهاڙن جا



نجم عباسي

# اوچا ڳاٽ پهاڙن جا

(ڪهاڻيون ۽ انٽرويوز)

نجم عباسي

نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.
1993ع

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر **هڪ سؤ ڇاهتر**

ڇپائيندڙ نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.

ڇپيندڙ نيو فيمس پرنٽنگ پريس،
هوم اسٽيڊ هال چاڙهي، حيدرآباد.

پهريون ايڊيشن آگسٽ 1993ع

**قيمت** 50/- رپيا

(سڀ حق ۽ واسطا اداري جا قائم)

---

OUCHA GAT PAHARAN JA (Short Stories & Interviews) by NAJUM ABBASI. Published by New Fields Publications, Tando wali Mohammad, Hyderabad, Sindh. Pakistan. First Edition: August 1993.
Price Per Copy Rs. 50/-
Book No. 176.

# ارپنا

عاصم آخوند جي نالي،

جنهن ڪچيءَ عمر ۾ ئي،

پڪي ڪميونزم جو،

اڀياس شروع ڪري ڇڏيو آهي.

— نجم عباسي

# فهرست


**مهاڳ** – نجم عباسي ٧

## ڪهاڻيون

١– اوچا ڳاٽ پهاڙن جا ١٣
٢– مٺي ڦريل ٢٥
٣– منفار جو من ٣٥
٤– پڪار ٤٢
٥– اڄ به اسانجي، سڀان به اسانجي ٤٦
٦– احمقپايون ٥٢
٧– مان ڪهاڻيڪار ناهيان ٥٦
٨– راوڻ ۽ روح ٦٠
٩– موت ڪا سزا نه آهي ٦٨
١٠– پنهنجي لاءِ، پنهنجي قوم لاءِ ٧٧

## انٽرويوز

١– گهڻين ئي ڇوڪرين چاهيو پر مان محبت جو اظهار نه ڪري سگهيس ٨٦
٢– سنڌي زبان جو مهان عوامي ڪهاڻيڪار ڊاڪٽر نجم عباسي ١٠١
٣– نوجوان ليکڪ پراڻن ليکڪن کان وڌيڪ سگهارو ٿا لکن ١٣٠
٤– هڪ خاندان کي ڏنل انٽرويو ١٤٦

# نجم عباسيءَ جا ڇپيل ڪتاب

۱. طوفان جي تمنا (ڪهاڻيون) ٻه ڇاپا-۱۹۶۹
۲. پٿر تي ليڪو (ڪهاڻيون) ٻه ڇاپا-۱۹۷۳
۳. ڳاڙهو لالٽين (ناٽڪ- ترجمو) ۱۹۷۴
۴. جيڪي منهنجي من ۾ آهي (ڪهاڻيون) ۱۹۷۷
۵. ناچڻي (ڪهاڻيون) ۱۹۷۸
۶. ايڏو سور سهي (ڪهاڻيون) ۱۹۷۸
۷. مون پڻ ڳايو هو (شاعري) ۱۹۷۹
۸. ڏنم اٿ ڏتل (جيون ڪهاڻي) ٻه ڇاپا-۱۹۸۰
۹. رشتا ناتا (ڪهاڻيون) ۱۹۸۱
۱۰. اڪيلا نه آهيون (ڪهاڻيون- ترجمو) ۱۹۸۲
۱۱. سورج هوندي مرجهايل (ڪهاڻيون) ٻه ڇاپا-۱۹۸۲
۱۲. للڪار (ڪهاڻيون) ۱۹۸۳
۱۳. پهاڙن ۾ پڪار (ڪهاڻيون- ترجمو) ۱۹۸۴
۱۴. پيار ڪهاڻي (ناول) ۱۹۸۴
۱۵. بلنديون (ناول) ٻه ڇاپا- ۱۹۸۴
۱۶. پروفيسر (ڪهاڻيون) ۱۹۸۴
۱۷. دارون هن ديواني جو (ڪهاڻيون) ۱۹۸۵
۱۸. ڪهاڻيءَ جو قافلو (تنقيد) ۱۹۸۶
۱۹. گانڌي (جيون ڪهاڻي- ترجمو) ۱۹۸۷
۲۰. تصوف جي چير ڦاڙ (مضمون) ۱۹۸۷
۲۱. تلاش (ناول) ۱۹۸۷
۲۲. زلزلو (ناول - ترجمو) ۱۹۸۸
۲۳. ماستريائڻي (ناول- ترجمو) ۱۹۸۸
۲۴. مٺي سنڌ سڪار (ڪهاڻيون) ۱۹۸۸
۲۵. دوکو (ڪهاڻيون) ۱۹۸۸
۲۶. لينن جي انقلابي ڪهاڻي (ترجمو) ۱۹۸۹
۲۷. منهنجون بهترين ڪهاڻيون- ۱۹۹۱
۲۸. پاڻ ۾ ويڻا آهيون (ڪهاڻيون) ۱۹۹۲

مهاڳ

# منهنجو اٺيهون ڪتاب

هن ڪهاڻي ڪتاب سان منهنجون ڪتابي صورت ۾ ڇپيل ڪهاڻين جو انگ ٽي سؤ ڪهاڻيون پورو ٿئي ٿو. يعني ڪرڪيٽ جي ٻوليءَ ۾ مون ٽرپل-سينچري (Triple Century) پوري ڪئي. وڌيڪ ڪجهه ڪهاڻيون اڻ ڇپيل اڃا به آهن. سنڌي جو ٻيو ڪو ڪهاڻيڪار شايد ٿي هجي جنهن جا سورنهن ڪهاڻي ڪتاب ڇپيا هجن ۽ جنهن ٽي سؤ کان وڌيڪ ڪهاڻيون لکيون هجن.

ڇهن سالن کان مان اڌ رنگ جي بيماريءَ ۾ ورتل آهيان. منهنجي جسم جو ساڄو پاسو فالج زده آهي. پهرين ته صفا لکي ڪونه سگهندو هوس. هاڻي به ڪڏهن لکي سگهندو آهيان ڪڏهن نه. ساڄي هٿ ۾ مشڪل سان قلم جهلي سگهندو آهيان. پوءِ لکڻ ۾ ڏاڍي پيڙا محسوس ڪندو آهيان. لکندي ساڄي هٿ ۽ ساڄي ٻانهن ۾ سور جون سوئون اپرنديون رهنديون آهن. اڌ ڪلاڪ لکڻ سان ائين محسوس ڪندو آهيان، ڄڻ ڪنهن سيڪرات هاريءَ کي چار ڪلاڪ لاڳيتو ڪوڏر سان ڪانڌي ڪٽڻي پئي هجي. ان ڪري اڌ ڪلاڪ لکڻ کان پوءِ ڪافي آرام ڪرڻو پوندو اٿم. لکي به جونءَ جي رفتار سان سگهندو آهيان. ان ڪري جنهن رفتار سان سوچيندو آهيان، ان رفتار سان هٿ ساٿ نه ڏيئي سگهندا آهن، جنهن ڪري ڪهاڻي لکندي ڪوڙ خيال ذهن مان نڪري ويندا آهن.

منهنجا اکر انگڙ ونگڙ هوندا آهن، جن کي صحيح نموني سڌاري منهنجو ڀاڻيجو الطاف عباسي لکندو آهي.

پوري طرح پڙهي به نه ٿو سگهان. اڌ منو ڪلاڪ پڙهڻ کان پوءِ ڪتاب جي صفحي تي انڌيرو ڇانئجي ويندو آهي. پوءِ چڱي طرح نه ڏسي سگهندو آهيان، نه پڙهي سگهندو آهيان ۽ نه سمجهي سگهندو آهيان.

پنهنجن افعالن جي ڪري ئي مون ۾ مٺي پيشاب جي بيماري وڌي آهي ۽ مون سان هيٺريون ويڌنون ڪيون اٿائين. هن بيماريءَ جي مريض جي طبيعت ڏاڍي سست ۽ ڪاهل ٿيندي آهي. مون ۾ به سستي ۽ ڪاهلي شروع ڪان ئي گهر ڪري ويئي. ايتري قدر جو پوري طرح چڪاسون ڪرڻ، پوري ڪري ڪرڻ ۽ پوري وقت تي دوائون کائڻ کڌهن ڪونه پڄندو هو ۽ اڄ تائين اها حالت آهي. نه وري ٻئي ڪنهن کي اهي تڪليفون ڏيڻ پڄندو آهي. ان ڪري بيماريءَ کي پنهنجي اکين اڏو وڌندو پيو ڏسان. جيتوڻيڪ اهو احساس اٿم ته اها هڪ قسم جي آتم هتيا آهي. پاڻ ڏانهن اهڙي بي پرواهي انسان کي نه ٿي سونهي ۽ وڏي ڳالهه ته مان پاڻ ڊاڪٽر آهيان.

بهرحال انهن حالتن هيٺ ئي هن ڪتاب وارين ڳالهين لکيون اٿم.

پيو منهنجو مسئلو آهي وقت ڪاٽڻ جو. پند ڪري ۽ هلي چلي نه ٿو سگهان. گهر ۾ ٻچن کي نيڪ ڏيئي هلندو آهيان. ان ڪري ٻاهر ڪونه نڪران. پراڻا ۽ نوان، وچين عمر وارا ۽ نوجوان اديب ۽ دوست ايندا رهن ٿا، جن سان ڪچهريءَ ۾ وقت ڏاڍو سولو گذري ويندو آهي. باقي وقت گذارڻ مون لاءِ سزا آهي. اها سزا ڇڏن سالن کان پيو ڀوڳيان. ڪارل مارڪس ۽ لينن جا ڪتاب ۽ انهن جي باري ۾ لکيل ڪتاب ڏاڍا وڻندا اٿم. انهن کي پيو رٽيان.

اسان جو گهر ڏاڍي خاموش جڳهه تي آهي. هڪ ته سڄي پاڙي ۾ گاڏين جو گوڙ ڪونه آهي ۽ تمام گهٽ گاڏين جي اچ وڃ آهي. ٻيو ته اسان جي گهر جي اڏو بند رستو (Blind Street) آهي، جنهن ڪري اتان گاڏيون لنگهن ئي ڪونه. اوڙي پاڙي مان ٻارن جو آواز به ڪو ورلي پڌبو آهي. گهر جا ٻار به اسڪول هليا ويندا آهن ته موت جهڙي ماٺ ڇانئجي ويندي آهي. لبنان ۾، بيروت شهر جي آمريڪن يونيورسٽي هوائي اڏي جي

پرسان آهي. اتان هر پندرنهين منٽين هوائي جهاز اڏامندو آهي. ڏاڍو گوڙ ٿيندو آهي. ايتري قدر جو پروفيسر کي ان وقت ليڪچر ئي بند ڪرڻو پوندو آهي. پوءِ مرڪي شاگردن کي چوندو آهي ته: آواز ترقي جو اهڃاڻ آهي. (Sound is the Sign of Progress)

ماٺ موت آهي. آواز ڇرپر آهي، زندگي آهي. آواز ته راڳ ۾ به ٿيندو آهي. آواز ته پکين جي مٺڙين لاتين ۾ به ٿيندو آهي.

مان لکڻ وقت چاهيندو آهيان ته ڪمري ۾ ڪير نه هجي. باقي ڪمري کان ٻاهر يعني ٻين ڪمرن ۽ پڌر ۾، جي آواز گوڙ جي صورت اختيار نه ٿو ڪري ته ان جي سون کي پرواهه نه هوندي آهي ۽ آءٌ آرام سان لکڻ جو ڪم جاري رکي سگهندو آهيان. وانڊڪائيءَ وقت گهر ۾ ماٺ ڏسي گهٻراهٽ ٿيندي آهي. ان وقت ٻار، موسل ۽ سارنگ اسڪول ۾ هوندا آهن، انهن جو آواز به ڪونه هوندو آهي. گهر کان ٻاهر جو آواز به ڪونه هوندو آهي. اهڙي وقت بورچيخاني ۾ بورچيءَ جي ٿانون سان ٺڪ ٺڪ ۽ پنهنجي ڌيءُ غزاله جي گهر جي چنبڙ ٺوڪ جو آواز به ڀلو ۽ آٿت ڏيندڙ محسوس ٿيندو اٿم. جي صفا چپ هوندي آهي ته ٻاهر اڱڻ ۾ نڪري اچي ويهندو آهيان ته ٻاهر يا آسپاس جو آواز ٻڌڻ ۾ اچي. البت گوڙ جو ڏاڍو حساس آهيان. لطيف آباد ۾ گهر سامهون مسيت هوندي هئي. ان جي لائوڊاسپيڪر منهنجو بلڊ پريشر وڌائي ڇڏيو هو. هنن ماڻهن کي ڪڏهن سائنسي احساس ٿيندو ته وڌو آواز ماحول جي گدلائپ آهي ۽ ماڻهن کي مختلف مرضن ۾ مبتلا ڪري سگهي ٿو.

اندر جي خاموشي ته ٿيڻي ناهي. جيڪو وقت انسان ننڊ ۾ ناهي، يا هو مصروف ناهي، اهو وقت انسان جو ذهن سوچيندو ۽ فڪر ڪندو رهي ٿو. اندر جي خاموشي مطلب آهي ته ان ماڻهوءَ جا دل ۽ دماغ خالي آهن. ان وقت هو وائڙو (Blank) لڳندو آهي. هو ٻاٻو ٻڌو لڳندو آهي، هو خالي خالي نظرن نهاريندو نظر ايندو

آهي. اها ذهني روڳ جي علامت آهي.

ننڊ ۾ به خوابن جي صورت ۾ دماغ ڪم ڪندو رهي ٿو. ننڊ جي حالت ۾ به انسان جو اندر ماٺ نه آهي. سوچيندڙ انسان جو اندر ڪڏهن خاموش رهڻو ناهي.

هڪڙن انٽرويو ڪندڙن مون کان سوال پڇيو هو ته: سوويت يونين ٽٽي چڪو آهي ۽ ڪميونزم جو زوال اچي چڪو آهي، توهان جو ان بابت ڪهڙو رايو آهي؟

اهو سوال ۽ ان جو جواب جيڪو مون ڏنو هو سو ڇڙپ ڪري ويا ۽ شايع ڪونه ڪيائون. هتي آءٌ اهو جواب لکان ٿو، جو مون هنن کي ڏنو هو:

ڪميونزم نه ختم ٿيو آهي ۽ نه ان جو زوال آيو آهي. سوويت يونين جو ٽٽڻ خود ڪميونزم جي تقاضا هئي. ڪميونزم هڪ نظريو آهي ۽ نظريو ائين سولو نه ٽٽندو آهي. حقيقت ۾ ڪميونزم اڃا آئي ڪانهي، سوويت يونين ۾ به نه. اتي اڃا سوشلزم آئي آهي ۽ ڪميونزم ان کان پوءِ ايندي آهي دنيا ۾ اڃا پيا نظريا ٿي قائم آهن. جهڙوڪ ٻڌازم، هندومت، عيسائيت، يهوديت، اسلام ۽ پيا. ڪميونزم جو نظريو نئون آهي ۽ تازي ۾ تازو. ان کان پوءِ ڪنهن به زندگيءَ جو نظريو پيش نه ڪيو آهي. هن نظريي ۾ ٻه خصوصيتون آهن. هڪ ته اهو انسانن لاءِ انسانن اهو نظريو ڏاهيو آهي ۽ ٻيو ته ان ۾ مذهب يا خدا جو دخل ڪونهي. ڪميونزم جو نظريو انسان تڪي توري، ايپاس ڪري، ساڃاهه ۽ سمجهه تي پرکي، پنهنجي هوش ۽ حواس سان ان کي سچائي، سمجهدار عمر ۾ اختيار ڪري ٿو. هيءُ نظريو ڄائي ڄم کان ڪنهن تي نه مڙهيو ويندو آهي. مڙهيو ته ڪنهن انسان تي ڪنهن ڄمار ۾ نه ويندو آهي. هن نظريي جي جاءِ فقط اهڙو نظريو وٺي سگهندو، جو ان کان وڌيڪ انسان لاءِ سائنسي ۽ سگهارو هوندو. ٻين نظرين جي مقابلي ۾ ڪميونزم سائنس ۽ دليلن تي ٻڌل آهي. اهو نظريو آخر دنيا ۾ مقبول ٿي ويندو.

سوويٽ يونين جو ڀڄڻ خود ڪميونزم جو حصو هو. ان کي ڏسي وائسي ڀاڱو ويو آهي. گورباچوف ۽ ٻين روسي ڏاهن محسوس ڪيو ته گهڻ قومي رياست، جيئن سوويٽ يونين هئي، ۾ سوشلزم ڪامياب ٿي نه ٿي سگهي. انڪري هنن سوچيو ته يونين کي ٽوڙي ١٥ قومي رياستون جوڙيون وڃن ته اهو بهتر ٿيندو. ان ۾ هر رياست پنهنجي نموني ترقي ڪندي ۽ جدا جدا قومن جا تضاد ختم ٿي ويندا.

دنيا ۾ ٻيون به گهڻ قومي رياستون آهن جهڙوڪ: هندستان، پاڪستان، يوگوسلاويا، يورپ، آمريڪا ۽ ٻيا ملڪ. اها ٽيچ ڀاڱه ساري دنيا ۾ ٿيندي. پوءِ هرهڪ ملڪي يا صوبائي قومي رياست سوشلزم جي بنياد تي ترقي ڪري، ڪميونزم اختيار ڪري سگهندي. اهڙي ريت عالمي سطح تي سڀ رياستون گڏجي ترقي جون راهون طئي ڪري سگهن ٿيون ۽ پنهنجا تضاد ختم ڪري سگهن ٿيون. ان حالت کي عالميت يا انٽر نيشنلزم (Inter Nationalism) چئبو. ان کان پوءِ ايندو انسانيت (Humanism) جو دور، ان دور ۾ ساري دنيا جي هڪ ٻولي ٿي ويندي ۽ اقتصادي نظام به ساڳيو هوندو. انسان صرف انسان هوندو ۽ الڳ رنگ، نسل ۽ مذهب جو تصور نه رهندو.

مان جڏهن سکر ۾ ٽڪيل هوس، تڏهن ڊاڪٽر امان الله جهتيال پنهنجي شهر گهوٽڪي ۾ مون کي دعوت ڏيڻي وٺي ويو ۽ پنهنجي گهر ۾ رهايائين. گهر جا سڀ ڀاتي باشعور، سڄاڻ ۽ ادبي شوق رکندڙ آهن. مون کي ايڏي عزت ۽ قرب ڏنو جو جيئڻ جو شوق وڌي ويم. ڊاڪٽر امان الله، نور ناز سنڌو، نسيم سنڌو، سندن امڙ ۽ صفيه سنڌو رات جو ٻي اڍائي بجي تائين مون کان منهنجي فن ۽ زندگيءَ جي باري ۾ سوال ڪندا رهيا. ٽيپ رڪارڊ آڏو رکي ڇڏيو هئائون. هي ڪنهن اديب يا صحافيءَ جي مون کان انٽرويو نه هئي پر هڪ علمي خاندان جي مون سان ڪچهري هئي. جيتوڻيڪ مان هنن کي گفتگو ۾ ادا ۽ ادي ڪوٺيندو رهيس، پر

حقيقت ۾ هو منهنجي پٽن ۽ ڌيئرن جيڏا آهن. مان انهن گهر جي ڀاتين سان رڪارڊ ٿيل گفتگو، جا هنن پوءِ مون کي موڪلي هئي، سا به هن ڪتاب ۾ شامل ڪري رهيو آهيان.

جيئن مون مٿي چيو آهي ته جاڳ ۽ واندڪائيءَ ۾ منهنجي اندر ۾ خاموشي نه هوندي آهي. ڪنهن ڪهاڻيءَ جو پلاٽ، ڪنهن مضمون جو سٽاءُ، پنهنجي بيماريءَ جي باري ۾ ۽ ڪڏهن مايوسيءَ ۾ پاڻ کي مارڻ جي سازشن جو سوچيندو رهندو آهيان. بيماريءَ ڏاڍو بيزار ڪيو آهي، زندگي ڏالو آهي، ڇرپر جو. زندگي ڏالو آهي ان کي ماڻڻ جو. مان ڪنهن ڪم جو ڪونه رهيو آهيان. نه پنهنجي لاءِ ڪجهه ڪري سگهان ٿو نه ٻين لاءِ، نه سنڌ لاءِ. سڄي ڏينهن ۾ فقط هڪ صفحو لکي سگهندو آهيان، ۽ هاڻي نه ايترو ڪم به مون ۾ جيئڻ جو اتساهه جاڳائي ٿو.

مان موت کان ڪونه ٿو ڊڄان، پر زندگي تمام پياري شيءِ آهي ۽ وري نه ملندي آهي. مان دوزخ، ٻهچاڻي ۽ قيامت جو قائل ڪونه آهيان. روح، ذهن آهي ۽ ذهن دماغ جي پيداوار آهي، موت سان گڏ دماغ به مري وڃي ٿو ۽ اهڙي طرح روح جو خاتمو ٿئي ٿو.

هڪڙي دوست نازو مون کي چيو ته: توهان جو ڪمال اهو آهي ته توهان اڇي مٿي سان به مذهبي وهم پرستيءَ کي تنقيد جو نشانو بڻايو اٿو. مون هن کي جواب ڏنو ته: منهنجو جسم پوڙهو ٿي ويو آهي پر ذهني طرح مان جوان آهيان. جيئي سنڌ!

— نجم عباسي

١١ سيپٽمبر ١٩٩٣ع

١٠٩- نسيم نگر، فيز ٢

حيدرآباد سنڌ

ايڊيٽر سائين!

جنهن پرچي ۾، منهنجي ڪهاڻي ”اوچا ڳاٽ پهاڙ جا“ ڇاپيو، مهرباني ڪري هيءُ خط به ان ساڳئي پرچي ۾ ضرور ڏجو.

اڄ تائين جيڪي ڪهاڻيون ۽ ناول لکيا ويا آهن، سي زمان ماضي ۽ زمان حال جي ڍنگ ۽ اسٽائل ۾ لکيا ويا آهن ۽ لکجن پيا. ڪيترن سالن کان مون ۾ سوچ پيدا ٿي ته اهڙيون ڪهاڻيون لکجن، جي زمان مستقبل ۾ لکجن. انهن ۾ اهڙو مواد شامل ڪجي، جو حقيقت کان ٻاهر ته نه هجي، پر پڙهندڙ کي ائين محسوس ٿئي ته ائين اڳتي هلي ٿيندو! يا ائين اڳتي هلي ٿيڻ کپي. جيتوڻيڪ هن وقت به اهو ناممڪن نظر نه ايندو. سائنسي ڪهاڻيپ (Science-Fiction) لکڻ جو به ساڳيو مقصد هوندو آهي، اها سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي بنياد تي مستقبل جي زندگيءَ جي باري ۾ اڳ- ڪٿي ڪندي آهي، پر جن ڪهاڻين بابت مون ويچاريو، سي عام سماجي ۽ سياسي هونديون، ان باري ۾ هيءَ منهنجي نواڻ ۽ پهرين ڪوشش آهي. شايد ڪي ساٿي ان تي پنهنجو رايو ڏئي منهنجي رهنمائي ڪري سگهن.

**ڊاڪٽر نجم عباسي**

# اوچا ڳاٽ پهاڙ جا

هو ڪرسيءَ تي ويهي، ڊاڪٽر سڪندر مغل جو ڪتاب: ”ارتقاجي ڪهاڻي“ پڙهڻ ۾ رڌل هوندو ته اوچتو هنجي پيٽ حبيبان،

ﭙويان اڇي هن کي ڳراٽڙي پائيندي ۽ بي اختيار زور زور سان هيانءَ ڦاڙي رڙئون ۾ ﭼتڪندي. هو ڀهرين ته ﭼرڪ ڀريندو ۽ ڪجهه به سمجهه ۾ ڪونه ايندس.

”ﭼو؟ ڇا ٿيو آهي حبو؟“ هو پڇندو.

حبيبان کو جواب نه ڏيندي، پاڻ هنجي روئڻ ۾ واڌارو اچي ويندو. هو ڪتاب بند ڪري، ميز تي رکندو ۽ اٿي رئندڙ پيڻ جي ڪلهن تي هٿ رکي، هن کي پلنگ ڏانهن وٺي ويندو. اتي پاڻ پڻ پلنگ جي ڪناري تي وهندو ۽ ڀيڻ کي به پرسان پنهنجي پاسي ۾ ڪري ويهاريندو. ڀيڻ هن جي ڇاتيءَ ۾ منهن لڪائي، اڃا به وڌيڪ هنجون هارڻ لڳندي. هو پنهنجين ڀينرن کي ڏاڍو پيائيندو هوندو. ڏاڍي پيار سان هن جي پٺيءَ تي پنهنجو هٿ ڦيرڻ لڳندو. هو وري به پڇندو:

”حبو! ڪهڙي ڳالهه ٿي آهي؟“

حبيبان ٿهائين سرس سڏڪا ڀرڻ لڳندي، ڳوڙها ڳاڙڻ لڳندي ۽ اوڇنگارون ڏيڻ لڳندي. هو هن جي پٺيءَ تي نرميءَ سان هٿ ڦيرائڻ جاري رکندي، آٿت ڏيڻ جي ڪوشش ڪندو. هو سوچيندو ته ڀلي روئي، ڪجهه هيانو جو بار هلڪو ڪري، ڳالهائڻ جهڙي ٿئي ته پوءِ ٿو پڇانس......

”تون ته ڏاڍي دلير، بي ڊپي ۽ سگهاري آهين، توکي رئندي ته اڄ پهريون ڀيرو ڏٺو اٿم. تون ته چوندي آهين ته عورت جو رئڻ سندس ڪمزوري، بزدلي، هار مڃڻ ۽ ڏوهي هجڻ جو ثبوت آهي. پڌاءِ ته ڪهڙي ماجرا آهي؟“ ٿوري ويرم ترسي، هو ڀيڻ کان سوال ڪندو. حبيبان هڪدم رئڻ بند ڪري، آنسو اگهي، مات ڪندي.

”ها، مان بهادر آهيان، مان بي ڊپي آهيان ۽ اڄ ساري حقيقت صاف صاف ٻڌائيندس. مون هرويرو روئي، پنهنجيءَ بزدليءَ جي نمائش ڪئي آهي ۽ پاڻ کي ويچاري ثابت ڪيو اٿم. مونکي واقعي ٿي ائين ڪرڻ نه گهربو هو. مونکي خبر آهي ته تون اسان

”ها، مونکي ياد آهي، پر ان وقت مان ننڍو هوس ۽ ايترو شعور ڪونہ هو.“ ڀاءُ وچ ۾ چوندو.

”مون سان بہ جي اهڙي جُٽ ڪئي ويئي تہ ايئن ڪرائڻ ڪان اڳ، بابي جو انت آڻيندس. ان لاءِ تنهنجو ڏنل پستول مون وٽ آهي ۽ سدائين پنهنجي سٿڻ جي ور ۾ لڪائي رکندي آهيان.“

”تون تہ سچ پچ اهڙي جيئري جاڳندي ٿي پئي آهين جنهن لاءِ مان پنهنجن خيالن ۽ خوابن ۾، سوچن ۽ سپنن ۾ ڏسندو رهندو آهيان تہ اسانجي سنڌي عورتن کي اهڙو ٿيڻ گهرجي.“

”پر مونکي اميد آهي تہ تون مون کان اهو نہ پڇندين تہ اهو مرد ڪير آهي ۽ نہ مان اهو توکي ڪنهن صورت ۾ ٻڌائيندس.“

”تون منهنجي سوچ کان بہ سرس سورهہ سنڌي سپاهياڻي آهين.“

”منهنجي طبيعت هلڪي ٿي پئي آهي. تو مونکي وڏو ڏڍ ڏنو آهي. هاڻي مان اطمينان سان پٽ جٽي ڏيکاريندي سانءِ. شايد اهو دنيا کي ڪا نئين بشارت يا ڪو نئون پيغام ڏئي!“

ڀئي مرڪندا.

* * *

حبيبان ٽيو ساهہ پريندي جڏهن هن جي من مٿان مٽين بار لهي ويندو. هن کي سڪون اچي ويندو. هوءَ سرڪي، هيٺيرو ٿي، منهن ۽ مٿي کي هٿن جي ٽيڪ ڏيئي، اونڌي ٿي، ڀاءُ جي سٿرن تي سمهي پوندي. ڀاءُ کي حقيقت ٻڌائڻ ۽ هن جي دلداري ٻڌڻ کري هن جو هيانءُ هلڪو ٿي پوندو. هن جي دل ۽ دماغ وارو دٻاءُ غائب ٿي ويندو. هن جي ڀيڻ ۽ مٿي تي پنهنجائپ ۽ پيار مان هٿ ڦيرائيندي ۽ هٿ جي آڱرين سان وارن ۾ ڦڻي ڪندي، ڀاءُ محسوس ڪندو تہ نہ رڳو حبيبان کي ذهني آسودگي حاصل ٿي آهي، پر هن جو سيٽيل ۽ تاڻيل جسم بہ ڍرو ٿي ويو آهي، هن جو بدني تناءُ (Tension) بہ ختم ٿي ويو آهي. هوءَ ڀاءُ جي هنج ۾ ڏاڍي ٺاپر ۽ آنند سان ليٽي پوندي. ڀاءُ هن جي ڀيڻ تي نرمائي

سان هٿ گھمائيندو رهندو. پوءِ هن کي محسوس ٿيندو ته جڻ حبيبان کي ننڊ وٺي وئي آهي. هن کي جهڪي آواز ۾ سڏ ڪندو ”حبو!“ پر هوءَ جواب نه ڏيندي. ڏاڍي سڪون واري ننڊ هوندس. ڀاءُ ويچاريندو ته الائي ڪيترن ڏينهن کان ان ولوڙ کان پريشان رهي هوندي ۽ اڄ منهنجي آئت جي ٻن لفظن ڪيڏو نه سڪون ۽ خاطري بخشي اٿس، ننڊ اڃا ڪچي هوندس، ڀلي پڪي ٿئيس.

هو ڇڱي ويل هن جي پٺيءَ تي هٿ ڦيريندو رهندو، جئن ماءُ پنهنجي ٻار کي ننڊ ڪرائڻ لاءِ هن جي پٺي ٺپرندي آهي. حبيبان ڏاڍي آرام سان ساهه کڻندي رهندي. جڏهن ڀاءُ کي پڪ ٿي ويندي ته هن کي پڪي ننڊ اچي ويئي آهي ته هو هن کي پنهنجين ٻنهي سگهارين ٻانهن تي کڻي پلنگ تي سڌو ڪري سمهاريندو. حبيبان هڪ ڪَنَ واسطي پنهنجون خماريل اکيون کوليندي ۽ وري هڪدم ٻوٽي ڇڏيندي.

حبيبان بيحد سهڻي ڇوڪري هوندي. هوءَ ٻاويهن سالن جي ڀرپور جوانيءَ ۾ هوندي ۽ پهرين حمل جي پهرين مهينن ڪري هن جو انگ انگ جوڀن جي سنگيت سان ٿاٽ تي هوندو. هن جو رنگ ڀورو سونهري ۽ کير ۽ گلاب جي رنگن جي ميلاپ وارو هوندو. هن جو چهرو بيحد موهيندڙ ۽ ڀڪندڙ هوندو. هن جا پستان، انگيا ڪانسواءِ ئي اهڙا سيٺيل، ڀريا، جوڀن سان جرڪندڙ ۽ دلڪش هوندا، جو نيت نه هوندي به سامهون واري کي هيچي نگاهن سان نهارڻ تي لالچائيندا ۽ هن کي حسرت واري ڳيت ڏيڻ تي لاچار ڪندا. هن کي ٻنا ٻانهن جي قميص پهريل هوندي ۽ هن جا ڀورا، ڀريل، گول ۽ لسا ڏورا، ماڻهوءَ جا ماشا ڦيرائڻ لاءِ ڪافي هوندا.

هن جي پيٺ جي هڪڙي پاسي قميص جو پلؤ هٽي ويو هوندو. ڀاءُ ان کي درست ڪري، پيٺ ڍڪي ڇڏيندو. هن جي قميص جا ميٽيان به ٻنڻ کلي ويا هوندا، جنهنڪري هن جي پستانن جا ميٽيان حصا اگهاڙا ٿي پوندا. ڀاءُ اچي ٻنڻ آهستگيءَ سان ٻند ڪري ڇڏيندو ۽ پوءِ هن کي ڳچيءَ تائين ميٽان اجرڪ وجهي ڇڏيندو.

ﭘاءُ، ڪرسي ۽ ڪتاب ڪٽي، ﭘرسان اچي وهندو. هو ﭘيڻ ڏي نهاريندو. هوءَ گهري ننڊ ۾ هوندي. هو هن جي بي انتها سونهن ڏسي، خوشي ۽ فخر محسوس ڪندو. هو دل ۾ سوچيندو ته راڳ، ناچ، چترڪاري، فوٽوگرافي، مورتي سازي ۽ ٻين آرٽن کي حرام ٺهرائي يا بت پرستيءَ جو نالو ڏيئي بندش وجهي، ۽ عورت تي پردي جي پابندي لڳائي، اسانجي جمالياتي شعور کي چيپاٽيو ۽ ٻوساٽيو ويو آهي، ۽ اهڙي تهذيب اسانجي سماج ۾ وحشي انسان پيدا ڪري رهي آهي.

* * *

حويليون ته ﭘيدن سان ﭘريل ٿينديون آهن. حبيبان جي ﭘاءُ جو نالو روشن شاهه هوندو، پر جڏهن هو هوش سنڀاليندو ۽ شعور سان شناسائي ٿيندس ته هو ﭘاڻ کي فقط روشن سڏائيندو. هو پنهنجي نالي سان شاهه جو لفظ نه ڳنڍيندو، ڇو ته هن جو مشاهدو ۽ تجربو هوندو ته انگريزي جيڪو نسلي ناٽڪ جنم وٺي ٿو، اهو سيدن توڙي غيرسيدن جي ذهن ۽ ڪردار تي اهڙو رويو برپا ڪري ٿو، جو سنڌي سماج ۾ هزارين برايون ۽ تباهيون ۽ ڪروڙين ڪلورن ۽ ڦهرن جو ڪارڻ بڻجي ٿو. هن جو خيال هوندو ته نسلي ۽ رت جا رشتا غيرسياويڪ ۽ جڙتو ٿين ٿا ۽ نسلي ڦونڊ ۽ برتري زهريلي ۽ تباهه ڪندڙ ٿئي ٿي.

جڏهن کان هو انقلابي پارٽيءَ سان واسطيدار ٿيندو، تڏهن کان هن کي هن جا ساٿي، دوست واقفڪار، سٽ مائٽ، گهر اندر توڙي گهر کان ٻاهر "ڪامريڊ" ڪوٺيندا، جڻ ته هن جو نالو ئي ڪامريڊ هوندو.

ڪامريڊ جو پيءُ سيد، پير، مرشد، وڏو زميندار، اڻاهه ملڪيت جو مالڪ ۽ اسيمبليءَ جو ميمبر هوندو. ڪامريڊ کي چار ڀينرون هونديون: جن مان سيني کان وڏيءَ کي، حويليءَ جي روايتن سان بغاوت ڪرڻ ڪري، زهر ڏيئي ماريو ويو هوندو. باقي ٽن مان حبيبان جي عمر ٢٢ سال، سدوريءَ جي عمر ٢٣ سال ۽ مسرت

جي عمر ٢٥ سال هوندي. ڪامريڊ سينئي ڪان ننڍو هوندو ۽ هو ويهن ورهين جو هوندو.

جڏهن ئي ڇوڪري ساماڻي ٿيندي ته هُن جو پيءُ پير هن جي قرآن سان شادي ڪرائي حق بخشرائي ڇڏيندو. ڇوڪري پنج درجا سنڌي پاس ڪندي ته هن کي اسڪول مان ڪڍيو ويندو. پوءِ هن تي پردي جي پابندي مڙهي ويندي ۽ هوءَ حويليءَ جي چائنٺ کان ٻاهر وڃي نه سگهندي. ڪامريڊ بي. اي پاس ڪندو ۽ هاڻي يونيورسٽيءَ ۾ پڙهندو هوندو. هو ترقي پسند، آزاد خيال، روشن ذهن، مضبوط ارادي ۽ رڪ جهڙي بدن وارو ۽ عملي نوجوان هوندو. هو انقلابي پارٽيءَ جو سرگرم ڪارڪن هوندو. هو پارٽيءَ سان گڏ ته ڪم ڪندو هوندو، پر هن جي ذهن ۾ ان پروگرام کي اوليت هوندي ته بغاوت ۽ انقلاب جي شروعات پنهنجي گهر کان ڪجي.

ڀيڻ کي قومي ۽ طبقاتي غلاميءَ جون حقيقتون سمجهائي، هُن ۾ ان غلاميءَ جو احساس پيدا ڪندو. هو گهر ۾ ڏهاڙي ٻه ٽي روزانيون سنڌي اخبارون آڻيندو، وقتي ترقي پسند سنڌي رسالا آڻيندو، گورڪي جو ناول ”ماءُ“، ”لڱ منهنجا لوهه“ ”فلسطيني سورمي خالده جي آتم ڪٿا“، ”ڪميونسٽ پڌرنامو“، ”پڙاڏو سوئي سڏ“ ۽ ٻيا اهڙا انقلابي ڪتاب آڻيندو ۽ ڀيڻ کي اهي پڙهڻ تي هر ڪائيندو ۽ تيار ڪندو. هو هُن کي ريڊيو ٻڌڻ ۽ ٽي. وي ڏسڻ جو تاڪيد ڪندو رهندو.

ڪامريڊ ڀيڻ جو دادلو ته اول ئي هوندو، پر هاڻي ته هو هن کي پنهنجو سڄڻ ۽ رهبر به سمجهڻ لڳنديون. هو سڀ ڳالهه ۾ گهرا، بي حجاب، همدرد ۽ همراز ٿي ويندا. پيءُ جي ڏسر ۽ ڏاڍاين خلاف هُن جو هڪڙي قسم جو محاذ ٺهي ويندو. ماءُ جو ساٿ به هو حاصل ڪري وٺندا.

ڇوڪريون به ڀاءُ وانگر ذهين هونديون ۽ هر معاملي تي سوچڻ لڳنديون، سائنسي بنيادن تي سوچ رکنديون. هو هاڻي باشعور،

بي ڏيهون، ۽ باغي ۽ انقلابي بڻجي وينديون.

* * *

پير پنهنجي اولاد هٿان بلئڪ ميل ٿيندو رهندو يا ائين ڪٿي چئجي ته بلئڪ ميل ٿيڻ لاءِ هو پاڻ پيو موقعا پيدا ڪندو. هن جو ڪردارئي اهڙو هوندو جو هن جهڙو جابر جهڪڻ تي مجبور ٿيندو. هو پنهنجي حويليءَ اندر، وڏي دروازي وٽ، پنهنجي لاءِ هڪ خاص آرام گاهه اڏائي ڇڏيندو، جتي هن جي زال ۽ اولاد کي به وڃڻ جي موڪل نه هوندي. صرف خاص مرد ۽ خاص عورتون اتي وڃي سگهنديون. ڳالهه ڪانه لڪندي. خاندان وارن کي پروڙ پئجي ويندي ته پير ۾ مردانگيءَ جي شوق سان گڏ زناني عادت به هئي. پير کي پاڻ به اندازو هوندو ته سندس گهر وارا هن جي انهن شوقن ۽ عادتن کان اڻ واقف نه آهن. ڪامريڊ ته ڪيس منهن تي ان باري ۾ اشاري سان چئي ڏيندو. پير کي اها به ڪڙڪ پئجي ويندي ته هن جي اولاد وارا چون ٿا ته ضرورت پوڻ تي اسان پوليس ۽ ڪورٽ ۾ اهو ثابت ڪري سگهنداسين ته اسان جي وڏي ڀيڻ ۽ هن جي مڙس جو قاتل بابو (پير) آهي. انڪري به هو هيسيل هوندو.

ڪامريڊ ته دوستن يارن کي چوندو رهندو ته جيستائين منهنجين ڀينرن جي شادي نه ٿيندي، مان شادي نه ڪندس ۽ مان پاڻ پنهنجي هٿن سان انهن کي پرڻائيندس ۽ هٿڻهار گهوڻن لاءِ ضروري نه هوندو ته اهي سيد هجن. اهڙيون خبرون بعضي بعضي پير تائين به پهچنديون رهنديون. ڪن موقعن تي ڪامريڊ خود روبرو پيءُ کي ڌمڪائي چوندو ته جيسين منهنجين سڀني ڀينرن جي شادي نه ٿي ٿئي، تيسين مان پڻ شادي ڪونه ڪندس ۽ پير جڪ کائيندو رهجي ويندو ۽ هن هيڏي ملڪيت جي وارث جو سوچيندو، جنهن لاءِ هو هي سڀ ڪجهه ڪري رهيو هوندو.

ڪڏهن ڪڏهن پير کي ضمير جي ڇهنڊڙي پوندي ته حق بخشائڻ جي اوٽ ۾ هو ڌيئرن سان ظلم، جبر ۽ ڏاڏائي ڪري

رهيو آهي. جرم جي ان احساس ۽ پنهنجن ڀين ڪرتوتن ڪري، هو پنهنجي ڪتنب جي ڀاتين سامهون وڃڻ کان لهرائيندو ۽ انهن سان اکيون ملائڻ جي همت ڪانه ٿيندس. هن اهو به ڀڌو هوندو ته سندس ڏيئرون به باغي ٿي بيٺيون آهن، انڪري به انديشو ٿيندو هوندس ته ڪا چوري منهن تي نه مون کي سچ ٿهڪائي ڏئي ۽ منهنجي چنچري نه لاهي.

پير پنهنجي ڪاڏل اندر ۽ مجرم ضمير ڪري پنهنجي ڏيئرن جي خوشامد ڪندو. هو هنن کي دنيا جو هر سک ميسر ڪري ڏيندو. هر هڪ ڇوڪريءَ کي محل جهڙو شاندار ڪمرو جوڙائي ڏنو هوندائين. ڪمري ۾ گلم غاليچا هوندا. نرم فوم جو پلنگ ۽ قيمتي سينگار ميز ۽ سينگار جو سامان هوندو. هالا جي جنڊيءَ جو هندورو هوندو. ٽي-وي هوندي، وي-سي-آر هوندو. ريڊيو ۽ ڊيڪ هوندو. ايئرڪنڊيشن هوندو، هيٽر هوندو، خوبصورت زيور هوندا، ولايتي ڪپڙا ۽ لباس هوندا. پيو به عيش جو هر سامان هوندو. هرهڪ ڇوڪريءَ کي ڪمري ۾ الڳ ٻانهي هوندي.

ريڊيو ٻڌي، ٽي-وي ۽ وي سي آرتي فلمون ڏسي، حويليءَ ۾ قيد هوندي به هو دنيا جي هر شيءِ ۽ عمل کان واقف هونديون. دنيا جي سماجي ۽ سياسي ميدان تي ڇا پيو ٿئي، نوان فيشن، نئون نئون سامان، ظلم کان ڇوٽڪارو، پاڻ لاءِ عورتون دنيا ۾ ڇا ڇا پيون ڪن.

اخبارون، رسالن، ڪتابن ۽ ڪامريڊ جي ڪچهرين ۽ ليڪچرن سان به هو گهڻو ڪجهه پرائينديون. ڪامريڊ هنن کي پستول به وٺي ڏنا هوندا ۽ انهن کي هلائڻ جي سکيا به ڏني هوندي.

باقي ڪامريڊ پنهنجي لاءِ سادو ڪمرو چونڊيندو، جنهن ۾ هو پلنگ تي ستل پيٺ جي ڀرسان، ڪرسيءَ تي ڪتاب هٿ ۾ جهليو ويٺو هوندو. هن ڪمري ۾ لکڻ واري ميز ۽ ڪرسي هوندي، هڪ سادو پلنگ هوندو، چارساديون آرامده ڪرسيون هونديون. ڪتابن جا ٽي ڪبٽ ۽ پتين تي ڪن انقلابين ۽ دانشورن جون

تصويرون ٽنگيل هونديون. ميز تي هڪ ليٺن جو مجسمو ۽ ٻين شخصيتن جا مجسما هوندا.

منڇهند جي مهل حويليءَ وارا آرام ۾ ڪنهن قسم جو گوڙ شور ڪونه. وقتي اڳڻ ۾ ڪنهن جي هلڻ جي آهٽ ۽ ڳيري جو "گٽهگُهوگهو، گهگهوگهو" جو آواز.

حبيبان گهري ننڊ ۾ هوندي، ۽ هاڻي هلڪا هلڪا ڪونگهرا هڻندي، وقتي وقتي هن جي چپن تي ڏاڍي دلڪش مسڪراهٽ پئي ايندي، شايد ننڊ ۾ ڪو سهڻو سپنو ڏسندي هوندي.

ڪامريڊ ڪتاب پڙهڻ جي ڪوشش ڪندو، پر ان ۾ دل نه لڳندس. پوءِ ڪتاب بند ڪري، پنهنجن ويچارن جي درياهه ۾ ترڻ لڳندو. هن کي ننڊ به ڪانه ايندي ۽ ايدائي ڪلاڪ گذري ويندا.

* * *

اوچتو هن جي ڌيءُ مسرت اندر گهڙي ايندي ۽ ڪرسيءَ جي پٺيان بيهي، پاءُ کي ڀاڪر وجهي، ٻانهون هن جي ڳچيءَ ۾ وجهندي. ڪامريڊ پوئتي نهاري، ڌيءُ کي ڏسي مرڪندو ۽ هن جا هٿ پنهنجن هٿن ۾ وٺي پنهنجون آڱريون پنهنجي ڌيءُ جي آڱرين ۾ جڪڙي ڇڏيندو.

"ننڊ ڪري آئينءَ منهنجي بستري تي ته حبيبان قبضو ڪري سمهي پئي." ڪامريڊ چوندو.

"پاڻو، هڪڙي سچي ڳالهه ٻڌايانءِ؟" مسرت پڇندي.

"سچ ڳالهائڻ لاءِ به اجازت وٺبي آهي ڇا."

"انسان ڏاڍو نيچ ۽ ڪميڻو آهي!"

"سچ ڳالهائڻ ڪري؟"

"مان ڪميڻائي جو سچ توکي ٻڌائڻ چاهيان ٿي. جيتوڻيڪ مونکي احساس آهي ته ماحول ۽ غلامي ئي انسان کي ڪميڻپائيءَ جي سوچ سوچڻ تي مجبور ڪن ٿيون."

"تون ته سچ پچ سنجيده ٿي رهين آهين."

"نوئي ته اسان ۾ دلير ٿيڻ جو ٻج ڇٽيو آهي."

حبيبان اکيون کوليندي، هيڏانهن هوڏانهن نهاريندي ۽ هڪدم اٿي وهندي.

”اڙي، سونکي هتي ئي ننڊ وٺي ويئي!“ هوءَ ڪرَ موڙيندي چوندي.

”توکي ته اهڙي گهاٽي ننڊ وٺي وئي جڻ ته صدين جو اوجاڳو هئي.“ ڪاسريد وراڻيندو.

”واقعي ئي اهڙي سڪون واري ننڊ شايد ٻالڪپڻ ۾ اما جي گود ۾ آئي هجيم.“ حبيبان چوندي.

* * *

اسلام آباد ۾ پير، گهوڙن جو واپار Horse-Trading ڪندو. هو مخالف پارٽيءَ کي ڇڏي، حڪومتي پارٽيءَ ۾ شامل ٿيڻ جو اعلان ڪندو. هن کي شهر جي سڀ کان عاليشان هوٽل ۾ رهايو ويندو، جتي هن کي هر عيش مهيا ڪيو ويندو ۽ هن جو هر شوق پورو ڪيو ويندو. هو دنيا جهان کان بيخبر ٿي ويندو. نشو نه رڳو شراب ۽ حسن جو هوندو، پر انهن ڪروڙين رپين جو به جيڪي هن کي مليا هوندا. هڪ ڏينهن هو پڙهندو ته اخبارن ۾ هن ۽ هن جي خاندان جي باري ۾ هڪڙي خاص خبر آئي آهي. مخالفن جي اخبارن ته ان کي خاص سرخين سان ڇاپيو آهي. ان سان گڏ، اسيمبليءَ جي حڪومت مخالف ميمبرن جي پير ۽ سندس حويلي ۽ خاندان تي ڏاڍي خراب نموني ٽيڪا ٽپڻي به ٿيل هوندي. خبر هيءَ هوندي ته پير جي پڻ حق بخشايل ڏيئرن شادي ڪري ڇڏي ۽ ٽين ڏيءَ پڙهرو ڪيو آهي ته هن اول ئي نڪاح ڪري ڇڏيو آهي ۽ هن کي پيٽ به آهي، ۽ خبرن ۾ اهو به ڇاڙايل هوندو ته ٽيئي گهوٽ غيرسيد آهن ۽ بس ميڇي مانيءَ وارا آهن، ۽ اهو پڻ ڇاڙايل هوندو ته هي شاديون ڪورٽ ۾ سول ميريج ڪري رچايون ويون.... ●

ايڊيٽر سائين

جنھن پرچي ۾ منھنجي ھـيءَ ڪھاڻي ”مٽي ڦريل“ ڇاپيو، مھرباني ڪري ھي خط بہ ان ساڳئي پرچي ۾ ضرور ڏجو.

اڄ تائين جيڪي ڪھاڻيون ۽ ناول لکيا ويـا آھن، سي زمان ماضي ۽ زمان حال جي ڍنگ يا اسٽائيل ۾ لکيا ويا آھن، ۽ لکجن پيا، ڪيترن سالن کان مون ۾ سوچ پيدا ٿي تہ اھڙيون ڪھاڻيون لکجن جـي زمان مستقبل جي ڍنگ ۾ لکجن. انھن ۾ اھڙو مواد شامل ڪجي جو حقيقت کان ٻاھر تہ نہ ھجي پر پڙھندڙ کي ائين محسوس ٿئي تہ ائين اڳتي ھلي ٿيندو يـا ائين اڳتي ھلي ٿيڻ کپي، جيتوڻيڪ ھن وقت بہ اھو ناممڪن نظر نہ ايندو.

سائنسي ڪھاڻيءَ (Science Fiction) لکڻ جو بہ ساڳيو مقصد ھوندو آھي. اھا سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي بنياد تي مستقبل جي زندگيءَ جي باري ۾ اڳڪٿي ڪندي ھوندي آھـي پـر جن ڪھاڻين بابت مون ويچاريو سي عام سماجي ۽ سياسي ھونديون. ان باري ۾ ھـيءَ منھنجي نواڻ ۽ پھرين ڪوشش آھـي شايد ڪي ساٿي ان تي پنھنجو رايو ڏيئي منھنجي رھنمائي ڪري سگھن.

**ڊاڪٽر نجم عباسي**

# مٽي ڦريل

مبارڪ شاھہ کي محسوس ٿيندو تہ ھو تہ حويليءَ جي اوندھہ، گُھٽَ ۽ غلاظت مان نڪري روشني سرھاڻ ۽ آزاديءَ جي فضا

ستر سالن جي پوڙهي سان پرڻجڻ کان اِتِ هٽي بيهندي آهي. پر بي ڳالهه اها ٿيندي ته مبارڪ به پڙهي ڳڙهي روشن خيال، ترقي پسند ۽ مٽي ڦريل ٿي پوندو. وڏي ڳالهه ته سرنديءَ وارا سندس هم-ڪلاسي ساٿي، پر واري شهر ۾ ڪاليجن ۾ داخلائون وٺي رهيا هوندا.

مبارڪ اچي گهر ۾ پنڻ وجهندو ته سان ائين نه ڪندس جيئن بابو چوي ٿو ته حجري ۾ ويهي سندس يا ابا ڏاڏو پيراڻو ڏنڌو يعني تعويذ ۽ دعائون لکڻ ۽ ڦيڻا ڦوڪڻ ۽ مرشدي مريديءَ جو هنر سکان، سان پنهنجي تعليم جاري رکڻ ٿو چاهيان. نيت پير پڌندڙ ماڻهوءَ وانگر مجبور ٿي پوندو ۽ پٽ کي انهيءَ شرط تي ڪاليج پڙهڻ جي اجازت ڏيندو ته هو ڪاليج ۾ سائنس نه پر آرٽ پڙهندو، ڇوته هن جي خيال موجب سائنس ڪفر ٿي سيکاري، خدا ۽ مذهب جي منڪر آهي، ولين، پيغمبرن ۽ پيرن جي چوڻين ۽ قولن ۾ سوال ڪري ٿي، آڏي پڇا ڪري ٿي، عقل هلائي ٿي، اعتراض ڪري ٿي ۽ شڪ جي نگاهه سان ڏسي ٿي ۽ تعويذ ۽ ڦيڻن کي نه ٿي مڃي.

نه رڳو ايترو، پر مبارڪ کان اهو واعدو به وٺندو ته هو آتي ڪنهن ادبي، سماجي ۽ سياسي تنظيم جو ميمبر به نه ٿيندو ۽ نه انهن جي سرگرمين ۾ حصو وٺندو. نه فقط واعدو وٺندو پر ان لاءِ قسم به کڻائيندو جيئن هن ملڪ جا صدر، گورنر، وا وزير ۽ اسيمبليءَ جا ميمبر پنهنجن عهدن تي چڙهڻ کان اڳ، پوءِ محض وات سان ئي سهي، وڏي واڪي قسم کڻندا آهن.

”مون کي سڀ ڪجهه منظور آهي، بيو ڪجهه؟“ مبارڪ پڇندو.

”اهو ڪڏهن به نه وسارجانءِ ته توکي پيري، مريدي ۽ تعويذ ڦيڻي جي اباڻي ڪرت ڪرڻي آهي ۽ بيون ڳالهيون رڳو زماني کي منهن ڏيڻ لاءِ سکجانءِ.“

مبارڪ سوچيندو ته ڪنهن نموني هينئر بابو رڳو منهنجي

جند ڇڏي.

"۽ اهو بہ هينئر ئي تنهنجي ڏيان تي آڻي ڇڏيان تہ اسان جو اباڻو ڌنڌو سمگلنگ کان وڌيڪ فائديمند آهي. سمگلر سر جون سٽون ڏيئي ۽ جان جوکي ۾ وجهي بہ ايترو ڪونہ ٿا ڪمائين، جيترو اسين گهر ويٺي آرام سان ٿا ڪمايون. هي ايئرڪنڊيشنڊ بنگلا، هي ايئرڪنڊيشنڊ موٽرون، هي باغ ۽ زمينون، هي مال متاع ۽ ٻيو گهڻو ڪجهہ اسان جي اباڻي ڪرت جي برڪت آهن. مان توکي رڳو تنهنجي ضد ڪري ڪاليج وڃڻ جي موڪل ڏني آهي يا انهيءَ بدناميءَ جي ڊپ کان تہ ماڻهو ائين نہ چون تہ پٽ کي پڙهڻ نہ ٿو ڏئي." پير چوندو.

مبارڪ ڪاليج ۾ پڙهڻ شروع ڪندو، موٽر هر روز هن کي شهر ڇڏي ايندي ۽ وري کڻي ايندي. ٿوري عرصي کانپوءِ هو ڪاليج جي ادبي ۽ سياسي سرگرمين ۾ ڀرپور ڀاڱو وٺڻ شروع ڪندو. هن جو پيءُ تہ پهرين ڏينهن کان ڪرڪير ڪرڻ، ٻڙ ٻڙ ڪرڻ ۽ ڪُرڪڻ شروع ڪندو ۽ گهر ۾ رَتَ لڳائڻ لڳندو تہ ڇورو هرويرو ٻيو وقت وڃائي، تعليم مان ڇا هٿ حاصل ڪندو.

نيٺ پير کان وڌيڪ برداشت نہ ٿيندو، جڏهن مبارڪ انٽر پاس ڪندو ۽ ڪاليج جي ٽئين سال ۾ ٿيندو تہ پير مارشلا وانگر نادري حڪم ڪندس: "هاڻي تنهنجي تعليم ختم. جي نہ مڙئين تہ خرچ پکو بند ڪري ڇڏيندوسانءِ ۽ گهر مان پڻ ڪيڏي ڇڏيندوسانءِ ۽ اهڙو تہ بيڙو ٿيندين جو دنيا ڏسندي."

مبارڪ نازن ۽ نعمتن ۾ ڄائو ۽ نپنو هو. هن لاءِ تہ ڪشمير جو مسئلو ٻڌجي پوندو. گهڻوئي سوچيندو ۽ ڪا واهہ ڳوليندو پر نيٺ آڻ مڃڻي پوندس. هن کي پنهنجي مستقبل جي باري ۾ ويچارڻ جو وقت بہ کپندو هو.

پير شڪل جو ڪوجهو ۽ ڪي قدر پوائتو، هن جو رنگ ڪارو بدن بي ڊولو، منهن ڇپو، واڇ ڦريل، نرڙ ايريل ۽ ٻاهر نڪتل، جنهن جي وچ ۾ نماز جو ڪارو نشان، پيٽ نڪتل، جنهن

تي هرهر هن کي هٿ ڦيرائڻ ۽ اڻ وڻندڙ اوڳرائي ڏيڻ جي عادت، ۽ گهڙيءَ گهڙيءَ کنگهڪار ڪندو، جنهن ۾ هن جو سارو بدن لڏي ويندو، ناسون ناس جي رنگ سان رنگين، اکين ۾ سرمي جو ٻڪ، نظرون تيز ۽ ڀيهي ويندڙ، ناسن ۾ ناس ڏيڻ ۽ ناسون ڳاڙهي رومال سان اگهڻ به هن جو ڪراهت ڀريو عمل، هن جي هڪ هٿ ۾ گهڙيال جي سئيءَ وانگر هر وقت هلندڙ تسبيح هوندي، چاپئين جهڙي ڏاڙهيءَ کي ڪڏهن به مينديءَ کان ٻالهو نه رکندو، منهن جو ڪارو رنگ ۽ ڳاڙهي ڏاڙهي ڪنهن چترڪار لاءِ بدذوقي، غيرفني ۽ بيجان جو باعث بنجڻ لاءِ ڪافي، مگر بناوتي ۽ اڻ-ٺهڪندڙ، البت هن جي ڳالهائڻ ۾ مينتاج ۽ اعتماد هوندو. ڏسندڙن مان ڪن جي ذهن ۾ اهو سوال اڀرڻ لازمي هوندو ته ڇا هيءُ بزرگ ئي "حورن جو مڙس" ٿيڻو آهي! دعا تعويذ لکڻ، ڦيڻا ڦوڪڻ، پاڻي، تيل ۽ لوڻ پڙهڻ لاءِ هن جو الڳ ڪمرو هوندو، ان پوري ڪمري ۾ ايراني غاليچو وڇايل هوندو ۽ ان جي هڪ پاسي ريشمي رضائي وڇايل هوندي، جنهن تي ٻٽ ڪي ٽيڪ ڏيئي رکيل وڏا ۽ ٿلها گول دهلوي وهاڻا رکيل هوندا، پير انهن کي ٽيڪ ڏيئي پلٿي ماري ويهندو ۽ آڏو صندليءَ جهڙي ميز، جنهن تي ڪجهه تعويذ، ڦيڻي ۽ فال جا ڪتاب ۽ ناس جي دٻلي ۽ ڪٽيل ننڍين پنن جون ٽي ٿهيون هونديون، ڪاري مس ۽ لکڻ لاءِ ڪلڪ.

سوالي حجري کان ٻاهر جتي لاهي، پيرين اگهاڙو، اکيون هيٺ ڪري پير جي سامهون، صندليءَ آڏو اچي ٻانهون ٻڌي ۽ جهڪي ويهندو ۽ ليلائي عرض ڪندو.

مبارڪ جي پنهنجي اباڻي ڪرت جي تربيت شروع ٿي ويندي، تعويذ ڪيئن لکجن، ڦيڻو ڪيئن هڻجي، مريد کي پاڻي، تيل، يا لوڻ تي ڪهڙي آيت پڙهي ڏجي، مريدن ۽ عقيدتمندن سان ڪيئن ملجي ۽ هنن جي سوالن جا جواب ڪهڙي ريت ڏجن، ڇهه مهينا هن کي پاڻ سان گڏ وهاري، پيءُ هن کي پوري سکيا ڏيندو. پيءُ ان ڪري به بيحد خوش هوندو جو پٽس ڏاڍو هوشيار ۽ ذهين

نظر ايندس.

جڏهن ڪرڙ شاهه ڏسندو ته مبارڪ هاڻي پڙ ٿي ويو آهي ته هن کي اجازت ڏيندو ته پلي سڌي طرح تعويذ لکي، ڦيٽا هڻي ۽ مريدن سان لهه وچڙ ۾ اچي. ان ڏينهن پير پنج ديڳيون لهرائي خوشيءَ ۾ خيرات ڪندو.

مبارڪ جي پهرين ڏينهن جي ڪارڪردگي: هڪ سوالي ايندو ۽ چوندو ته ڊاڪٽر چوي ٿو ته توکي ڪئنسر آهي، خدا جي واسطي دعا ڪيو ۽ تعويذ لکي ڏيو ته مان صحتمند ٿيان. ٻيو سوالي چوندو ته مون کي ٻن سالن کان سلهه جو مرض آهي هاڻي ته دوا لاءِ به ڏوڪڙ ڪونه بچيو اٿم. مهرباني ڪري دعا لکي ڏيو ته ان بيماريءَ مان جان ڇٽي. ٽئين سواليءَ کي ڪٽ تي ڪٽي ايندا ته هن کي زهريلي نانگ سنگهيو آهي، ڪو تعويذ ڦيٽو ڪيو ته هن جي حياتي بچي پوي.

هنن ٽنهي سوالين کي مبارڪ هڪڙي ئي قسم جو تعويذ لکي ڏيندو جو هن ريت هوندو: ”بابي پير کي يا گهر جي ڪنهن ڀاتيءَ کي رڳو مٿي ۾ سور پوندو آهي يا رواجي بخار ٿيندو آهي ته بابو هڪدم هنن کي شهر وٺي ويندو آهي. اتي ڪنهن ايم-بي-بي-ايس ڊاڪٽر جو نه پر ولايت مان پاس ڪيل ڊگريءَ واري ماهر ڊاڪٽر کان هن جو علاج ڪرائيندو آهي، سو هن تعويذ هڙي خطرناڪ بيماريءَ کي ڪيئن ڇٽائي سگهندو؟“ اهڙو تعويذ لکي، ويڙهي، هرهڪ سوالي مريض جي حوالي ڪندو.

ٻيو سوالي ايندو ۽ چوندس ”مان ٣٥ سالن جو ٿي ويو آهيان پر اڃان شادي ڪانه ٿي ٿئي، ڪو تعويذ ڏيو ته ڏٽي گهر آباد ڪري،“ مبارڪ هن کي تعويذ لکي ڏيندو: ”بابي جون ست ساماٽيل ڏيئر ڪنواريون ويٺيون آهن، جن مان ڪي ته جواني به چڙهي چڪيون آهن کي حق بخشايل آهن، سو تنهنجي شادي تعويذ لکڻ سان ڪانه ٿيندي.“

هڪ سوالي اچي عرض ڪندو: ”پير صاحب! پٽ جو

اولاد ڪونه ٿو ٿئي، تعويذ ڏيو ته سن جي مراد پوري ٿئي.“ مبارڪ هن کي تعويذ لکي ڏيندو ته: ”بابي يعني وڏي پير جون ٻي زالون آهن، ست ڌيئر اٿس ۽ پٽ فقط مان هڪڙو آهيانس. وڏيڪ پٽن جي ڏاڍي خواهش اٿس، پر هو ٻيوس آهي، سو توکي پٽ ڪيئن وٺي ڏيندو!“

هڪڙو سوالي عرض ڪندس: ”شاديءَ کي پندرهن ورهيه ٿي ويا آهن، پر اولاد ڪونه ٿو ٿئي. تعويذ ڏيو ته گود آباد ٿئي.“ مبارڪ تعويذ لکي ڏيندس: ”زال توڙي مڙس وڃي ڊاڪٽر ۽ ڊاڪٽرياڻيءَ کان تپاس ڪرايو. ڪن بيمارين ڪري ٻه ٻار نه ٿيندو آهي، جي زال يا مڙس ۾ ڪو روڳ هجي ته ان جو علاج ڪرائڻ سان توهان جون اميدون پوريون ٿينديون.“

هڪ شاگرد ايندس ۽ چوندس: ”پير سائين بي-اي جي امتحان ۾ پنج پيرا ناپاس ٿيو آهيان، وڙ ڪري ڪو تعويذ لکي ڏيو ته سٺائي ٿئي،“ مبارڪ تعويذ لکي ڏيندس ته: ”منهنجو پيءُ يعني وڏو پير سون کي ئي نه ٿو پڙهائي، تعويذ سان ٻه ڪو امتحان ۾ پاس ٿيندو آهي؟ وهم پرستي ڇڏي، محنت ڪر.“

سائين ڪرڙ شاهه پير ٻئي ڪمري ۾ ويٺو هوندو ۽ هڪ خليفو ٻاهر ٻيهاري ڇڏيو هونداٿين ته جيڪو سوالي مبارڪ کان تعويذ لکرائي نڪري ته هن کي وٺس (ڪرڙ شاهه) وٽ موڪلي جيئن هو تعويذ ڏسي تصديق ڪري ته مبارڪ شاهه تعويذ صحيح لکيو آهي يا نه؟

ڪرڙ شاهه هر تعويذ ڏسي ٻاهه ٿي ويندو ۽ اکيون ٽاندا ٿي ويندس ۽ اهو تعويذ ڦاڙي سواليءَ کي پنهنجو تعويذ پيو لکي ڏيندو. نيٺ هن کان رهيو نه ٿيندو ۽ ڪاوڙ مان اٿي، مبارڪ وٽ ويندو ۽ گهڻ گهاڙيندي هن کي چوندو: ”نالائق! نافرمان نڪري وڃ منهنجي حجري مان ۽ گهر مان ۽ وري سون کي پنهنجو منهن نه ڏيکارجانءِ!“

● مبارڪ وڏو ٽهڪ ڏيندو ۽ مرڪندو ٻاهر نڪري ويندو.

ڪمدار چيو ”حاضر سائين!“

هن اهڙي لسٽ تيار ڪئي.

عام ماڻهن، هارين ۽ ڳوٺاڻن به اها ڳالهه ٻڌي. هنن دل ئي دل ۾ چيو ته هي وڏيرا اسانکي اجها ايترو بيوقوف ٿا سمجهن جو ووٽن وقت اچي اسانجي ڏيکاءَ واري دلجوئي ڪن ته اسين سندن ٿي وينداسين. اسين سندن مٺا ٻول ٻڌي ڪين ڇونداسين. اسان کي خبر آهي ته چونڊجڻ کانپوءِ پنهنجو ڍپ ڀرڻ ۾ پورا هوندا آهن. وزارتون وٺندا آهن. گهوڙن جو واپار ڪندا، سنڌ دشمن سان ٻٽ ٿي ويهندا آهن ۽ پنهنجن کي نقصان پهچائيندا آهن. شهرن ۾ عيش ڪندا. اسان مان ڪو ڪم ڪار لاءِ ويندو آهي ته ملڻ کان ۽ سڃاڻڻ کان انڪار ڪندا آهن. سي هاڻي سمجهن ٿا ته مٺو ڳالهائي ۽ مرحياتن جو پرچاڻو ڪري اسان کي خريد ڪري وٺندا. اسين هنن کي آزمائي چڪا آهيون. وري اهڙي ووٽ ڏيڻ جي غلطي نه ڪنداسين. اسين هنن کي سڃاڻي ويا آهيون.

هڪ پجارو ۽ ٻه جيپون ڀري مرحياتن جو پرچاڻو ڪرڻ لاءِ وڏيرو روانو ٿيو. ٻيئي پير ٿي نڪتا. ڪٿي گهڻو ڪونه ٿي ترسيا. مالڪن کي اول ئي اطلاع ڪيو ويو هو ته وڏيرو مرحيات جي عذرخواهيءَ لاءِ اچي رهيو آهي. ڪاڏي پيتي جي ڊيگهه به ڪٿي ڪونه ٿي ڪيائون. گهڻن کي ته وڏيرو سڃاڻندو به ڪونه هو. بس ڪمدار جي چوڻ تي هلندو هليو.

اچانڪ ڪمدار کي ياد آيو ته ماستر خدا بخش جو گهر به رستي تي آهي. هنن جي گهر ۾ قضيو ٿيو آهي، پر لسٽ ۾ نالو ڏيڻ وسري ويو آهي. هن کي تڙ تڪڙ ۾ ڇورائي موڪليو ويو ته ڪلاڪ ڏيڍ ۾ وڏيرو پرچاڻو ڪرڻ ٿو اچي سو تيار ٿي ويهجو.

ماستر خدا بخش کي حيرت لڳي. وڏيرو نه اڇو نه وڇو. هن سان اهڙو ڪو رستوئي ڪونه هوس. حقيقت ۾ ماستر وڏيري کي ڪڏهن ڏٺو به ڪونه هو. بهرحال آئي کي آدرڀاءُ ڏيڻو هو. پنهنجي اوطاق ۾ ٻه چار ڪرسيون ڪري رکرايائين ۽ لسي پاڻيءَ

جو بندوبست به ڪيائين.

ڪمدار قافلي کي وٺي اچي نڪتو. سيئي وينا ته دستور موجب دعا گهري وئي. پوءِ هٿ ملايائون.

وڏيري ڀوت بچڙو ڪري، غمگين انداز ۾ چوڻ شروع ڪيو: ”مرحوم ڏاڏو نيڪ ماڻهو هو. مون وٽ اڪثر ايندو هو ۽ اسان جون ڏکيون ڪچهريون ٿينديون هيون، مان سندس ڪيترائي ڪم ڪيا، افسوس جو مصروفيت جي ڪري سندس موت تي اچي ڪونه سگهيس، اصل ۾ هن جو موت مون لاءِ وڏو صدمو هو....“

ماستر ۽ ماستر جا مائٽ اکيون ڦاڙي وڏيري ڏي ۽ هڪٻئي ڏي نهاري رهيا هئا....

اصل ۾ غلطي ڪمدار جي هئي. هن وڏيري کي اهو نه ٻڌايو هو ته ماستر جي گهر جو ڪو مرد ڪونه مري ويو هو، پر ماستر جي زال ٽي مهينا اڳ مري ويئي هئي. ●

# منٺار جو من

"جا ڳيا جڏهن ڳوٺ" ڪهاڻيءَ ۾ "منٺار" هڪڙو ڪردار هو. هن جي تفصيلي ويچار ڪرڻ سان، ڪهاڻي تمام ڏکي ٿي وڃي ٿي. ان ڪري هن جو داستان الڳ لکجي ٿو. هو ان ڳوٺ ۾ پنهنجي ذات واري ويڙهي جي هڪ گهر ۾ رهندو هو. ڏاڍو دلبر ۽ دلير جوان هو. ويڙهي ۾ چار پنج خاندان رهندا هئا. ماسات ماساتيون، سوٽ سوٽيون، سڀ پاڻ ۾ رت جا رشتيدار هئا. گڏ کائڻ پيئڻ، اٿڻ ويهڻ، کڏهڻ کيڏڻ. جوانيءَ جو بهار به هر ڪنهن تي اچڻو آهي. منٺار کي پنهنجي سؤٽ ساران ڏاڍي وڻڻ لڳي. مکڙيءَ مان ڦٽي گل ٿيڻ سان، پهرينءَ جو چنڊ چوڏهينءَ جو چنڊ ٿيڻ سان، اهو وڻڻ هالار جبل جيڏو وڏو، انوٽ، پڪو ۽ پختو ٿي ويو. پر منٺار کي آهستي آهستي محسوس ٿيڻ لڳو ته ساران جي دل هن سان نه آهي پر هڪڙي ٻئي سؤٽ محمود سان آهي. هو هن کي جاچيندو ۽ پرکيندو رهيو ۽ پڪ ٿيس ته ساران ۽ محمود هڪ ٻئي کي بيحد چاهين ٿا. تڏهن به هن هڪ ڀيرو آزمائڻ چاهيو. هڪ لڳا پنهنجي منهن ساران کان پڇڻ جو موقعو ملي ويس. ساران به صاف ٻڌايس ته مان محمود کي پيار ڪريان ٿي ۽ هن سان ئي پرڻجڻ چاهيان ٿي. ان تي منٺار منهن ۾ گهنج به ڪونه وڌو، ۽ پنهنجي نيڪ تمنائن جو اظهار ڪيائين ته مان توهان ٻنهي کي سدائين خوش ڏسڻ ٿو چاهيان ۽ ساري ڄمار توهان جي سکي جيون لاءِ دعاگو رهندس.

منٺار شاديءَ جو خيال ئي لاهي ڇڏيو ۽ ان خيال تي قائم رهيو. ساران جو پرڻو محمود سان ٿي ويو. منٺار ساران کي ڏسي خوش ٿيندو هو. ساران کي خوش ڏسي ته هو دل جي گهراين مان خوش ٿيندو هو. هن جي ڪنهن ڪم اچي سگهندو هو ته خوشين

جي ٻرن سان آڌاسڻ لڳندو هو. منٺار کي ڪڏهن به غمگين نه ڏٺو ويو. ساران هن جي قريب هئي. هو هن کي روزانو ڪيترائي ڀيرا ڏسي سگهندو هو ۽ هن جي ڪم اچي ٿي سگهيو. هن وٽ خوشين جا ايڏا انبار هئا، جو آسانيءَ سان ورهائي ٿي سگهيو.

هن خوشيون ورهائڻ شروع ڪيون، ڳوٺاڻن ڏٺو ته ساران جي وهاڻ ڪانپوءِ منٺار اڌ رات جو ڳوٺاڻي ڪچهري پوري ٿيڻ ڪانپوءِ جڏهن ٻيا وڃي هنڌن جي حوالي ٿيندا هئا، تڏهن منٺار پنهنجي گهر جي ڪوٺي تي چڙهي ويندو هو ۽ بنسري وڄائڻ شروع ڪندو هو.

هن جي بانسريءَ وارا سُرَ غم، ڏک، پيڙا، درد، سوز ۽ ماتم وارا ڪونه هوندا هئا، پر هو بنسريءَ مان خوشي ۽ ميٺاج وارا، سريلا ۽ خمار ڏيڻ وارا، زندگيءَ سان ڀرپور ۽ دنيا جا غم وسارڻ وارا سُر هوندا هئا. مست ڪندڙ سُرن کي وايو منڊل ۾ ڦهلائي ڪائنات کي منڊي ڇڏيندو هو. چانڊوڪي هجي يا اونداهي، بانسريءَ جي گونج، خاموش فضا کي چيريندي، ماکيءَ جا ڦڙا بڻجي، ماڻهن جي ڪنن ۾ ٽپڪندي هئي. جڏهن چانڊوڪي هوندي هئي، تڏهن ڪائنات جو حسن ۽ حياتيءَ جي حرارت جهومڻ لڳندا هئا ۽ چنڊ چرڻ جي نه ڪندو هو. ڪيترا ڳوٺاڻا بنسريءَ جو اهو آواز ٻڌڻ لاءِ، زوريءَ ٻوٽجي ويندڙ اکين کي مهٽي جاڳڻ جا جتن ڪندا هئا، ۽ ڪيترن ڳوٺاڻن واسطي اهو آواز لوليءَ جو ڪم ڪندو هو. ماڻهو ان آواز کي ڳوٺ جي خوشحالي ۽ محبت جو اهڃاڻ سمجهندا هئا.

خبر نه آهي منٺار، بنسريءَ مان اهي سهڻا ۽ سريلا آواز ڪيستائين ڪڍندو رهندو هو! شايد رات وهامي ويندي هئي، شايد پوري ڪائنات سمهي پوندي هئي، شايد پوئين پهر هن جي اک لڳي ويندي هئي. صبح جو ساران جو مرڪندڙ مکڙو ڏسي، تازو توانو ٿي، نيرن کائي خوشي سان قوليو، ڪوڏر ڪلهي تي رکي، ٻهڪندڙ چهري سان ٻنيءَ جي پورهئي تي ڏاڍي ڦڙتائيءَ سان

ويندو نظر ايندو هو.

هن ڪٽنب کي ويهه ايڪڙ زمين هئي. ان کي ڪيڙڻ کان وٺي واٽرڻ تائين سارو ڪم منتار ۽ سندس هڪ سؤٽ جي حوالي هوندو هو. هو ڏاڍي شوق سان، پيار ۽ محنت سان ڪيتي ٻاڙيءَ جو ڪم ڪندو هو. هاڻي ته هن پنهنجي ٻنيءَ کي ڏاڍو سينگارڻ ۽ سنوارڻ شروع ڪيو. هنن جي زمين جو ويهه ايڪڙ ٽڪرو مستطيل هو. هن ان جي چئني پاسن کان ٽي فوٽ مٽيءَ جو ٻنو ٺهرايو، جو ٻنيءَ کان فوٽ کن اوچو هو. اهڙي طرح اچ وڃ لاءِ اهو ٻنو هڪڙي قسم جو رستو ٿي پيو. اهڙيءَ طرح زمين جي ڊيگهه ۾ ۽ بلڪل وچ تي چار فوٽ ٻنو يا رستو ڏاهيان. هن چئني پاسي ڍهيل ٻني جي ٻاهرين طرف منجهي ۽ بيد مشڪ جي وڻن جون قطارون لڳايون. وچ واري رستي جي ٻنهي پاسي اڏون ڪوڻي، جدا جدا قسمن جا گلن جا ٻوٽا لڳايائين. باقي زمين ۾ هو فصل پوکيندو هو ۽ ان تي دل لائي ڏينهن رات پورهيو ڪندو هو. ٻن ٽن سالن ۾ جڏهن وڻ وڏي جوان ٿيا ۽ گلن جا ٻوٽا اڀري اسري گل جهلڻ لڳا ته زمين جو اهو ٽڪرو اهڙو سبز، سائو، سرهاڻ ڀريل، خوبصورت ۽ وڻندڙ ۽ سدا بهار ٿي پيو جو ڏسي ماڻهن جون اکيون ڪيريون ٿي پونديون هيون. ڳوٺ وارن لاءِ ته اهو تفريح گاهه بڻجي پيو هو ۽ ڪيترائي ڳوٺاڻا، شام جو آتي گهمڻ ايندا هئا.

هو وڏو صفائي پسند ٿي پيو هو. پوکيل فصل مان هر وقت پيو ڪک پن، ڪن ڪچرو، ستر، ڏڀ ۽ ٻوڙا ۽ اڻ گهربل گاهه ۽ ٻوٽا ڪڍندو هو. واٽر ڪورسن ۽ اڏن کي به سدائين صفا رکندو هو ۽ وقت بوقت انهن جي ڪاٽي ڪڍندو هو. زمين ۾ ته ڄڻ هن جو ساهه ٿي ويو هو.

نه رڳو ايترو پر هو ٻين هارين کي به همٿائيندو ۽ زور رکندو هو ته پنهنجن ٻنين کي به صاف رکن ۽ انهن جي سونهن وڌائين. هو هنن کي ٻڌائيندو هو ته ان طرح نه رڳو سونهن ۽ صفائي ٿئي ٿي، جا دل کي وٺي ٿي، پر جيئن سندس تجربو هو، اپت به

بدڪرداري واري هئي. ڳوٺ جي خلق خوش هئي ته منڇار ڳوٺ جو شريف ڳيرو آهي، جو مهل تي مڙس ماڻهو ٿي بيهي ٿو. سائٺ خوش هئا ته سندن پٽ سڌريل ٿي ساماڻو آهي.

گهر جي ڀاتين سان هن جو انس وڌي ويو هو. هنن کي پيار ڏيندو هو، هنن جو ڪم ڪار ڪندو هو، هنن کي وندرائيندو هو. محمود جو سدائين خير گهرندو هو ۽ پنهنجي منهن ۾ مات ٿي مات ۾ هن جي جان جي سنڀال ڪندو هو. هو گهر جي ٻارن کي به ڏاڍو ڀائيندو هو. سارن کي ٻار ٿيا ته انهن تان ڄڻ گهور پيو ويندو هو، شايد انهن جي سڪ انهن سان پوري ڪرڻ ٿي چاهيائين.

هو اڪيلائيءَ ۾ سوچي يا ڪچهري هلندي پنهنجن خيالن ۾ اوچتو گم ٿي نه ٿڌا ساهه ڀريندو هو ۽ نه شوڪارا هڻندو هو، جئن ٿي ويءَ جي ڊرامن ۾ اداڪار ۽ اداڪارائون اهڙي زورسان شوڪارا ڀريندا آهن جو ڪاوڙيل واسينگ نانگ جا ڦوڪارا محسوس ٿيندا آهن.

هن کي خبر هئي ته سنڌ سڄي سرسبز سائي ۽ آباد آهي ۽ قدرتي خزانن سان مالا مال. جهڙي طرح هڪ غريب ۽ بي پهچ انسان لاءِ سندس سهٽي ۽ ساماڻل ڇوڪري جنجال بڻجي پوندي آهي، جو وڏيري کان وٺي پوليس واري تائين، پاڙيسريءَ کان وٺي تپيدار تائين، انهيءَ نوجوان خوبصورت نينگريءَ ۾ بري نظر وجهندا آهن ۽ هن کي استعمال ڪرڻ واسطي هزارين هيلا هلائيندا آهن ۽ ڳجهن وانگر هن جي گهر تي پيا لامارا ڏيندا آهن، تئن سائي ۽ آباد ملڪ تي به ڌارين ملڪن ۽ ڌارين قومن جو نظرون اٽڪي بيهنديون آهن ۽ ان ملڪ ۽ ان جي خزانن کي هڙپ ڪرڻ لاءِ جتن ۽ جنگيون ڪندا آهن ۽ اتي جي اصلي رهاڪن جي زندگي زهر بنائڻ ۾ ڪا ڪسر نه ڇڏيندا آهن. بار بار ائين ٿيڻ ڪري انهن ۾ غيرت ۽ پلاند جا جذبا جنم وٺندا آهن.

ڌارين کي پنهنجي ڌرتيءَ تي ڏسي، هن جو رت ٽهڪڻ لڳندو هو. جڏهن ڌارين کان سنڌ کي آجو ڪرڻ خاطر ”ويڙهو

ڀارٽي" ٿهي ته هو ان جو ڀهرين قطار جو سرگرم جانباز ڪارڪن ٻڻجي، عملي ڪارروائين ۾ جنبي ويو. هن جي کهاڙي جهڙي هئي سهڻي ۽ سگهاري، تهڙي هئي تيز ۽ چلڪندڙ. ان جو ڳين به مضبوط ۽ وڻندڙ چئن وارو هو. هو ڀارٽيءَ جي ٻين جانبازن سان ٽولين ۾ وڃي، ديس دشمنن جي ڳچين ۾ ائين لابارو وجهندو هو جئن ڏاٽي سان فصل لڻبو آهي. هو ڌارين کي سنڌ ڌرتيءَ تان ان ڪري ڌڪڻ چاهيندو هو ته هُو وڃي پنهنجي ڌرتي سڪيا ٿيندا ۽ سنڌي به هتي سک جو ساهه ڀڻيندا. هو چست، چالاڪ، دلير ۽ لوهي بدن وارو هو، جو ڀارٽيءَ جا سوتمار ڪم ڪندي، ڪڏهن به نه پڪڙيو هو.

هو چوندو هو ته سنڌ ۽ دنيا کي سکيو، سرهو ۽ سهڻو بنائڻ خاطر سنڌ ۽ ساري دنيا ۾ امن ۽ پنهنجائپ جي ضرورت آهي. ڌاريائپ امن ۽ پنهنجائپ لاءِ قاتل زهر آهي. ان ڪري سنڌ جي ڌرتيءَ تان هر ڌاريي کي ٻاهر ڪڍيو وڃي ته هو پنهنجي ڌرتيءَ کي سکيو، سهڻو ۽ سرهو بڻائين. ساڻهو انهن جي درميان آرام سان ۽ سک سان آسودو رهي سگهندو، جتي جي رهاڪن جي ٻولي، تهذيب، اقتصادي ناتا ۽ تاريخي ۽ جاگرافيائي عظمتون صدين کان ساڳيون هجن. ڌارين جو ٻئي ملڪ ۽ قوم ۾ اچي، دائمي طرح آباد ٿيڻ، ان ملڪ ۽ قوم جي سونهن، سرهائي، ترقي، سک ۽ صلح لاءِ ناسور آهي، ڪئنسر آهي. هر خوبصورت وٿ کي ڏسي، هر ڪنهن کي خوشي ٿيندي آهي. هر سهڻي وکر ڏانهن هرڪنهن جو ڌيان ڇڪجي ويندو آهي ۽ هو ان گهڙيءَ دنيا جا سک ۽ ڏکا وساري وهندو آهي ۽ دل ۾ سوچيندو آهي يا ڪنهن کان پڇندو آهي ته هيءَ خوبصورت شيءِ ڪنهن ڌاهي آهي، سينگاري آهي، سواري آهي؟

ورهه ٿي ويا هئا، هو ساران کي ڏسي، هن کان گهر ٻار جون خبرون پڇي، پنهنجي ڪيتي ٻاڙيءَ جو احوال ڏئي نيرن ڪري، نئين زندگي ڀائي نڪرندو هو.

هو جيون ۽ سنسار جي سونهن، سرهائي ۽ سک لاءِ پورهيو

ڪندو هو. هن لاءِ عشق راند هئي، هو ڀرپور زندگي گذاريندو هو. هر وقت ڪونہ ڪو ڪم ڪندو رهندو هو. ڀيو نہ تہ محفلون، ميلا ڪچهريون، رانديون. ڪڏهن نہ واندو ويٺو، ڄڻ تہ اندر ۾ اهڙي مشين لڳل هئس، جا ڪڏهن نہ ٿي بيٺي، هن کي وهڻ نٿي ڏنائين.

ساران جو مڙس محمود ڪنهن بيماريءَ ڪري لاڏاڻو ڪري ويو. ان وقت ساران جي وڏي پٽ جي عمر ١٥ سال هئي. محمود جي موت کي ڪجهہ وقت گذري ويو. منظر ڏسندو هو يا شايد پنهنجي غلط فهميءَ ۾ سمجهندو هو تہ هوءَ هاڻي هن کي ٻي نظر سان ڏسندي آهي، شايد اهو هن جو وهم هجي يا محض تصور هجي، هو هن سان توڙي هن جي ٻارن سان ساڳي ٻاجهہ ۽ پنهنجائپ سان هلندو هو، پر وڌيڪ ويجهو سنٻنڌ رکڻ جو هن کي نہ ويچار آيو، نہ شوق ٿيو ۽ نہ جذبو جاڳيو.

هن سوچيو تہ جي مون کي اهڙي ڳالهہ ڇئي وڌي تہ هو سچي ٻڌائيندو تہ هن کي سنسار ۾ جيون ۾ سونهن، سرهائي، سک ڏسڻ ۽ پيدا ڪرڻ کان ٻي فرصت ڪانهي. سان زندگي ۽ دنيا کي، وس آهر، انهن سوڪڙين سان سينگاريندو رهندس. اها ٿي منهنجي زندگي آهي، منهنجو پيار آهي، منهنجي محبت آهي، اهائي منهنجي زندگيءَ جي وات ٻڌجي ويئي آهي، منهنجي ذهن ۾ ٻي ڪنهن شيءِ لاءِ جاءِ ڪانهي. منهنجي مَنَ جون پيون تمنائون متجي ويون آهن!

ان ۾ ڪافي پير پڪل هئا. ان گهر جي هڪ پار لڪي ۽ آهستي آهستي پير ٽي پٽيا ته ٻئي گهر جي مالڪياڻيءَ ڏسي ورتس. بس پوءِ تہ مهاڀاري لڙائي شروع ٿي ويئي. سڄ ڪانوڪن مٿي چڙهي آيو هو ۽ مرد ڪمڪار تي نڪري ويل هئا.

ڪوڏ جي اوطاق جي دريءَ مان اهي گهر ڏسڻ ۾ ٿي آيا ۽ موتي سڀ ڪجهہ ڏسي ۽ ٻڌي ٿي سگهيو.

قوالي وانگر آواز وڌنندا ۽ بلند ٿيندا ويا. گجگوڙ هئي، وڇون هيون ۽ وڏ ڦڙي جو وسڪارو هو. ٻئي مايون هڪٻئي کي وارو ئي نہ پيون ڏين. ٻئي هڪ ئي وقت رڙيون ۽ ڇيخون ڪري رهيون هيون. واڪا ۽ واويلا ڪري رهيون هيون. وٽن مان پڪي پڙڪا ڏيئي، اڏامي پري پچڻ لڳا، ڄڻ تہ شڪاريءَ جي بندوق جو ٺڪاءُ ٻڌو هجين.

ٻنهي گهرن جي وچ وارو لوڙهو ڪجهہ اوچو هو، ان ڪري هڪ ٻئي کي ڏسي نہ ٿي سگهيون. اها ڳالهہ محسوس ڪري هڪڙي پنهنجي ڏاندن جي آهر تي چڙهي بيٺي. ٻيءَ ريس تي ٻيو ڪجهہ نظر نہ آيس تہ ٻورن کي پاڻي پيارڻ وارو ڪونر کڻي، اونڌو ڪري، سامهون رکي، ان تي چڙهي بيٺي. هاڻي هو هڪٻئي کي ڏسي ٿي سگهيون. ان ڪري وات هٿڻ سان گڏ هنن جي هٿن ۽ ٻانهن جا اشارا بہ شروع ٿي ويا ۽ واري ڦيري سان هڪٻئي کي پوندڻ جا مزا بہ چکايائون ٿي. گڏو گڏ هنن جو پورو بدن پڻ لڏيو لميو ٿي، ڄڻ تہ هنبوڇيون ٿي هنيائون. هڪ عورت تہ ڪڏهن ڪڏهن ماتم نموني ڇاتي ڪُٽي رهي هئي.

وچ ۾ جوش ۾ ڪونر تي بيٺل مائيءَ جو پير کسڪي ويو ۽ پاڙون ڪاڏل ٿڙ جيان هيٺ اچي ڦهڪو ڪيائين، پر جلد ئي اٿي، پنهنجا ڪپڙا ڇنڊي وري پنهنجي قوالي جاري رکيائين.

موتي کلي کلي کيرو ٿي پيو. ڪوڏ کي چيائين: ”واهہ جو مفت ۾ تماشو آهي!“

اوڙو پاڙو تہ ڇا، پر ڳوٺ جو وڏو حصو ڏسندو ۽ کلندو رهيو.

آواز چٽيءَ طرح سمجھ ۾ ٿي آيا. مايون هڪٻئي تي الزام هڻي رهيون هيون، ٺهٺون مڙهي رهيون هيون. هڪٻئي جي يارن ڪي نالن سميت وائکو ڪري رهيون هيون، هڪٻئي جا راز، ڳجھ ۽ لڪل ڪٿائون ظاهر ڪري رهيون هيون، پٽ پاراتا ڏيئي رهيون هيون ۽ گنديون گاريون جو وسڪارو هو. گارين جو ايترو ذخيرو هو، جو موتيءَ ويچاريو ته هنن رنن جي دماغ ۾ گارين جو ڪو فصل پوکيل هو، جو هينئر لابارو وجهي، ڳاهي ۽ وائري، هڪٻئي تي اڇلائي رهيون آهن.

هن کوڙ کي چيو، ”منهنجي ته سمجھ ۾ نه ٿو اچي ته هي پردي پوش، برقعي بند ۽ چادر ۽ چوديواريءَ ۾ رهندي، اهو سڀ ڪجھ ڪيئن سکيون آهن؟“

”ڏسجي ٿو ته ڦوڪٽو پريل هو، ان کي رڳو ناچڻيءَ جي ڇهاءَ جي دير هئي.“ کوڙ مرڪي وراڻيو.

ماين جي جهيڙي ۾ اوچتو ماٺ ٿي ويئي، جيئن ڏاڙيلن ۽ ڳوٺاڻن جي هڪ ٻئي تي فائرنگ کانپوءِ خاموشي ڇانئجي ويندي آهي. شايد چاڙي هڻي هڻي ٿڪجي پيون هيون يا احساس ٿين ته پاڻ کي پوري ڳوٺ ۾ کلڻهاب پيون بڻايون يا هنن جي گهر جو ڪو مرد اچي ويو هو.

ٻئي ڏينهن بہ لڳ ڀڳ ساڳئي وقت، موتي، کوڙ جي اوطاق تي آيو، ان وقت ڏينهن جهڙالو هو ۽ ڏاڍي فرحتي هوا گهلي رهي هئي ۽ کوڙ پوري مزي سان ڪو ڪتاب پڙهي رهيو هو، موتيءَ کي ڏسي هو ڪتاب بند ڪري اٿي ويٺو ۽ مرڪ سان هن جي آجيان ڪيائين.

وهڻ کان اڳ، موتيءَ جي نظر پاڻمرادو دريءَ سان سامهون گهرن تي وڃي پيئي. ڪالھ وارين ٻنهي ماين کي ڏٺائين. ٻيرن واري مائيءَ جي هٿ ۾ هڪ ڀڪيل پليٽ هئي ۽ لوڙهي مٿان پنهنجي پاڙيسرڻ مائيءَ کي مرڪندي چئي رهي هئي: ”ادي اڄ جهڙالو ڏينهن آهي، ان ڪري طاهري چاڙهي اٿئون، سو دل چيو ته

توهان کي به وَٽ ڪرايون.“ ۽ اها مائي جنهن ڪالهه هن سان جهيڙو ڪري، سچوڳوٽ ڪٺي مٿي تي کنيو هو سو ڏند ٽيڙيندي اها ٿالهي وٺي رهي هئي.

”يار ڪوڏ! هيءَ عجيب ڳالهه مون کي سمجهه ۾ ڪونه ٿي اچي ته اج هي مايون سڀئي ماڪي ٿي هڪ ٻئي کي دعوتون پيون ڪارائين، ڪالهه اهي سا ڳيون مايون هڪ ٻئي جا يار اگهاڙا ڪري رهيون هيون ۽ پاٽ ۾ وڙهي ڍانگيون ٿي پيون هيون!“

”سان سمجهايانءِ؟“ ڪوڏ دوست کان پڇيو.

”ها. ٻڌاءِ اهو ڇا آهي؟“

”ڪالهوڪو جهيڙو غلامن، باندين ۽ پيڙيلن جي ٻڪار هئي!“ ڪوڏ مرڪي جواب ڏنو.

موتي ان جواب کي ڳجهارت سمجهي، ڪوڏ کي گهوريندو رهيو. ★

۽ واڌارو ٿيو آهي.

مون الائي ڇو سوچيو هو ته تون بدليل هوندين. انڪري توکي ڏاڍو غور سان جاچيندو رهيس. ڪجهه پيلاڻ ۽ ڪجهه ڪمزوري ضرور محسوس ڪيم، پر تنهنجي حوصلي ۽ همت ۾ تر جيترو به تفاوت نظر نه آيم. توکي ١٥، ڏينهن اڳ ٥، ڦٽڪا لڳا هئا ۽ ڪالهه قيد مان آجو ڪيو ويو هئين. انهن کان اڳ ۾ تو مونکي چيو ته هاڻي منهنجي به ڪجهه ڇڪاس ڪريو. مون پڇيو: ڇو خير ته آهي؟ تو وراڻيو: ڦٽڪا جو لڳا اٿم. ڇڪاس ڪري ۾ تنهنجي ٻنهي ٻنڊڻن تي ڦٽڪن جا ڦٽ ڏسي، منهنجا طاق لڳي ويا. منهنجي حيرت جي حد نه رهي ۽ مونکي بيحد صدمو رسيو. پندرهن ڏينهن گذرڻ کان پوءِ به ڦٽڪن جا نشان اهڙا هئا جهڙا گڏهن جي جسم تي زخمن جا چٽا ڏسبا آهن. هٿ لڳائڻ سان محسوس ٿيم ته ٻنهي پاسي ٻنڊڻن ۾ ماس اندر اڇا تائين سنڌڙي انب جيڏا گنڍيا هئا، جي رت ڄمي پوڻ ۽ ماس سڄي پوڻ ڪري ٿيا هئا. منهنجي حيرت جا ڪارڻ به هئا: هڪ تنهنجي دليري ۽ برداشت جي قوت. ايڏي تڪليف ۽ تعدي هوندي به ظاهري طرح تو ان جي لکا پوڻ نه ٿي ڏني. منهنجي حيرت جو ٻيو ڪارڻ اهو هو ته مون ڪڏهن به اهو تصور نه ڪيو هو ته ڦٽڪا ڪو ايتري بيرحمي ۽ اهڙي وحشت سان هنيا ٿا وڃن. مان ڦٽڪن جون ڳالهيون ٻڌندو ۽ اخبارن ۾ پڙهندو رهندو هوس ۽ سمجهندو هوس ته اهي ڪپڙن مٿان وڌ ۾ وڌ ايتري زور سان لڳايا ويندا هوندا، جيتري زور سان ڪو ڇيڙاڪ ماستر تمام گهڻي ڪاوڙ ۾ شاگرد کي هڻندو آهي. تون ته وري هئين به شاگرد.

منهنجي صدمي جو سبب اهو هو ته مان ڪنهن به انسان کي جسماني سزا ڏيڻ جو خيال به سهي نه سگهندو آهيان، پوءِ اهڙي سزا مقرر ڪندڙ ڪا آسماني هستي ئي ڇو نه هجي. پيءُ جو ٻارن کي، مڙس جو زال کي، وڏن جو ننڍن کي ڪي رڳو ٿڦڙ هڻڻ به منهنجي برداشت کان ٻاهر ٿي ويندو آهي. ٽيهه پنجٽيهه سال

لکڻ شروع ڪيو:

تو ڊائريءَ ۾ ھڪ ھنڌ لکيو آھي تہ ان ڏينھن صبح کان ئي جيل ۾ ڏاڍي تياري ۽ ڇر ڀر لڳي پئي ھئي. صفائي سٿرائي ۽ ٻھاري، چنڊ ڦوڪ ۽ ڇٽڪار پئي ٿيا. رستن ۽ گسن تي سيڙھيءَ جون ليڪون لڳايون ٿي ويون. جيل جا عملدار ڊک ڊوڙ ۾ آھن. اڄ فوجي آفيسر جيل ۾ اچڻ وارا آھن. قيدين جا منھن مرجھايل آھن. تو لکيو آھي تہ قيد ۾ قيدين جو پاڻ ۾ ھڪ ٻئي سان ھمدرديءَ جو ڪنھن جذبو پيدا ٿي ويندو آھي. جي ھڪڙي کي، ۽ خاص ڪري جي جسماني سزا ملندي آھي تہ مڙئي قيدي دليدرد محسوس ڪندا آھن. اڄ نوڪي ڦٽڪا لڳڻا ھئا، انڪري تنھنجا قيدي ساٿي غمگين ھئا. ان بـاري ۾ ھو پنھنجو پنھنجو رايو بہ ڏين ٿا. ڪو چوي ٿو: ڏسجي تہ سياسي قيدي ڦٽڪا برداشت ڪري سگھي ٿو يا نہ؟ ڪو چوي ٿـو: مجاھد ماڻھو آھـي، اسان گھڻي وقت کان ميجاڻونس، سدائين ماڻھم لاءِ جيل کاٽيا ۽ ويل سٺا اٿائين، پڪو ٿي ويـو آھي، ڦٽڪن کي ڪنگھندو ئي ڪونہ. ڪو چوي ٿـو: سياسي ڪارڪن، چـورن ۽ ڌاڙيلن کان وڌيڪ دلير ٿيندا آھن. ڪو چوي ٿو: سياسي قيدي ڇانوَ جوگاھہ آھي. ھو رڳو قلم وھائي ۽ تقريرون ڪري ڄاڻي، ڪٿي ٿو ڦٽڪا سھي سگھي، ڦٽڪا ڀڇن ٿا ۽ سـنڌ ٿا وڃن.

تو ڊائريءَ ۾ ڦٽڪا ھڻندڙ جي باري ۾ بـہ معلومات لکي آھي: ھو ھڪ ٿلھو متارو ۽ سگھارو جمعدار آھي. ھو ڏھاڙي تيل مالش ڪرائيندو آھي ۽ ورزش ڪندو رھندو آھي. ھن تان ٻي ڊيوٽي معاف آھي. ھو صبح سانجھيءَ ھڪ ٻيڊ جي ڍگھي لڪڻ سان، ھڪ ٿلھي وھاڻي تـي ڦٽڪن ھڻڻ جي مشق ڪندو رھندو آھـي. ھن واسطي حڪومت پاران خاص خوراڪ مقرر ٿيل آھي: چار ٽڪيون مکڻ جـون ۽ ھڪ ڪلو کير جـو ڏھاڙي ۽ ھفتي ۾ پنج ڏينھن ٻاڪرو گوشت. مالش لاءِ ھن کي روزانو تيل بـہ ملندو آھي. ھن کي ھڪڙي قيديءَ کي ڦٽڪا ھڻڻ جو عيوضو پنج رپيا ڏيندا آھن.

تو انهيءَ تي بہ ڳڻ ڳوت ڪئي آهي تہ ڪو ماڻهو فقط پنجين رپئين ۾ هڪ انسان کي لاش بڻائڻ لاءِ راضي ٿي وڃي ٿو، سماج جو پرمار طبقو غريب کي غريب هٿان مارائي ٿو، مظلوم کي مظلوم هٿان ڦٽڪا هڻائي ٿو اهو غريب جي گذر جو وسيلو آهي. تو يقين ڏيکاريو آهي تہ اهو وقت ايندو، جو پنج رپيا تہ ڇڏيو پر پنجين هزارين ۾ بہ ڪو ڦٽڪا هڻڻ وارو نہ ملندو. اسين ان وقت لاءِ ئي تہ هي ڦٽڪا کائي رهيا آهيون، ان انقلاب لاءِ جا کوڙ ڪري رهيا آهيون.

ڦٽڪا لڳڻ کان اڳ واري ڏيک جي باري ۾ تو لکيو آهي تہ ساري جيل جا دروازا تالن ۽ زنجيرن سان بند ڪيا ويا. جيل وارن کي اهو انديشو هوندو آهي تہ متان قيدي پٽيون ڏيي حملو نہ ڪن. عام قيدين کي وقت کان اڳ ٻرڪن ۽ ڪوٺين ۾ بند ڪيو ويو. فقط انهن قيدين کي ٻاهر ڇڏيو ويو جي جيل اختياريءَ وارن جا مددگار ۽ ڀروسي جهڙا هئا. ٻرڪن ۽ ڪوٺين جي درن تي پهريدار ويهاريا ويا تہ جيئن قيدي نہ نعرا هڻن ۽ نہ گوڙ شور مچائن.

جيلر ۽ سپاهين جي لوڊ توکي سزا واري هنڌ وٺي وڃڻ لاءِ تنهنجي وارڊ ۾ لنگهي آئي. توکي تيار ٿي هلڻ واسطي چيائون. مقرر هنڌ پهتين تہ اتي سڀني وڏلن ۽ ننڍلن جون نظرون توڏانهن کتجي ويون. فوجي آفيسر، جيل جا عملدار، ڊاڪٽر، سپاهي، پٺر آهين، جنهن متان ساڻيهہ جي مڪ ۽ آجائيءَ جي عمارت پئي اڏجي. تو مُرڪي، فوجي آفيسرن کي جتائڻ ٿي چاهيو تہ نہ رڳو سڀان اسانجو آهي، پر اڄ ڀي اسانجو آهي.

"بس پورا ٿيا!" صوبيدار هٿ مٿي ڪري، پڌرائي ڪئي.

ڊاڪٽر ڊڪندا آيا، توکي چڪاسڻ ۽ پاڻي پيارڻ. تو مرڪي کين چيو، "مونکي خشڪي نہ ٿي آهي، پاڻي نہ کپيم."

تنهنجو جڪڙيل جسم آزاد ڪيو ويو. جيل جا عملدار، ٻانهن کان وٺي، نيڪ ڏئي، توکي نهلائڻ ۽ ٿورو هلائڻ لاءِ چوڻ لڳا. تو انڪار ڪيو ۽ چيو تہ مان سهاري بنا هلي ڦري سگهان ٿو.

تـو انھيءَ ڪپڙا پاتا ۽ نھلنديءَ، ساڄو هٿ مٿي ڪري، آڱرين سان سوپ جو نشان "V" ڏيکاري، فوجي آفيسرن کي چيو: "سڄائون اسان جون وڪون پوئتي هٽائي نه سگھنديون. ساڻيھه جي عوام جي حقن لاءِ موت کان به نه ڊڄنداسين...."

وڏيڪ ڳالھائڻ کان روڪڻ لاءِ جيل جا عملدار، جنگھون ماهڻ جي ٻهاني سان توکي نڪڙو نڪڙو، اتان پري گھلي ويا. تو محسوس ڪيو تـه هـُو، جي توبھه ۽ تماشو ڏسڻ آيا هئا، سي توبھه ڏسي ڪونـه سگھيا، ۽ تماشي ڏسڻ بـدران تنھنجي دليري، پڪو پھه ۽ سرويچي ڏسي، پاڻ ذهني پيڙا جو بوجو کڻي ويا. ★

# احمقپايون

ڏينهن ڏٺو، شهر جو وڏو رهندڙ رستو، سائيڪلون، رڪشائون، موٽرون، موٽر سائيڪلون، اسڪوٽر، سوزڪيون، بسون، پيدل ماڻهن جي پيهه. ڪي اڪيلا ڪي ٽولين ۾. ڪي ٻارن سان، ڪي ضاعفن سان. ڳالهائيندڙ ماڻهن ۽ هلندڙ گاڏين جو شور. ماڻهو بي فڪرا، پنهنجن ڪمن ڪارين ۽ ڌنڌن ڌڙين پٺيان. کلندا ٽهڪ ڏيندا، ڪچهريون ڪندا: ڪي ٻار مائٽن جي وٽي ڏنل نون رانديڪن، نون ٽولن ۽ نون ڪپڙن ڪري ٽينگ ٽپا ڏيندڙ. بزار جي رونق ڏسڻ وٽان.

اوچتو هڪ موٽر سائيڪل پرگهٽ ٿئي ٿي. ان تي ٻه ڄڻا سوار آهن. اڳيون پوري تيزي ۽ مضبوطيءَ سان موٽر سائيڪل هلائي رهيو آهي، پٺيين سوار جي هٿ ۾ ڪلاشنڪوف آهي، جا پيادن تي ڇوڙيندو ٿو وڃي.... ٽر ٽر ٽر ٽر ٽر.... جواڻ ڪٽ ۽ لاڳيتو آواز. هن جو نشانو هجوم مان اهي ماڻهو آهن، جن ڪي سنڌي ٽوپي يا اجرڪ پهريل آهي يا ٻئي ڪنهن اهڃاڻ مان سنڌي ٿو لڳي. ماڻهن ۾ ڦڙڦوٽ ۽ ڊڪ ڊڪان پئجي ٿي وڃي. ڇهن سنڌين جي هڪ ٽوليءَ مان هڪڙي همراهه کي هنڌائتي گولي لڳي ٿي ۽ هو ڪري ٿو پوي. اڳيان ٻه سنڌي ٿي ويا. انهن مان هڪ نشانو ٽيڙ ڪري، پنهنجي ساٿيءَ کي ڇنبڙي ٿو پوي. اڳيرو هڪ ڳوٺاڻو، جو ويجهوئي بس تان لٿو آهي ۽ پنهنجي سامان جي ٽين جي ٽرنڪ مٿي تي کنيو ٿو هلي، تنهن کي هڪدم پنهنجو موت مٿان نظر اچي ٿو. پوءِ بنا سوچ هن جا ٻئي هٿ ٽرنڪ ۾ سوگها ٿي وڃن ٿا ۽ ويجهو ايندڙ موٽر سائيڪل سوار حملو ڪندڙن تي اها اهڙو ته زور سان اڇلائي ٿو جو سڌو وڃي ٻنهي تي لڳي ٿي ۽ هو تيز هلندڙ موٽرسائيڪل سميت ڪري پون ٿا ۽ ٽڪن لڳڻ

ڪري بي هوش ٿي وڃن ٿا. موٽر سائيڪل ٻئي پاسي وڃي ڪري ٿي ۽ هنن جا هٿيار ٽڙي پکڙي وڃن ٿا. پيادن کي هنن جي بدمعاشيءَ جو اندازو ٿي وڃي ٿو ۽ هجوم مان ڪيترائي اچي هنن تي ڪڙڪن ٿا. حملو ڪندڙن اڃا هوش ڏي ڪونه سنڀاليو آهي ته هنن کي پڪڙي سوگهو ڪيو وڃي ٿو.

اتفاق سان ان وقت پهري لاءِ پوليس جي گشتي گاڏي اچي پهچي ٿي. پندرهن کن سپاهي آهن. هو گاڏي بيهاري ۽ بندوقون تاڻي، قاتلن کي پنهنجي قبضي ۾ ڪن ٿا.

گوليون لڳڻ ڪري سائين ڏني جو جوان پٽ ۽ دلاور جو جوان ڀاءُ مري چڪا آهن. خود سائين ڏني ۽ دلاور کي به گوليون لڳيون آهن، پر بچاءُ ٿي ويو اٿن.

ماڻهن جا هشام ڪٺا ٿي ويا آهن. پوليس ماڻهن کي هٽائي ٿي ۽ قاتلن کي هٿڪڙيون هڻي گاڏيءَ ۾ وهاري رهي آهي، ته اوچتو رستي جي ٻه وارين عمارتن مان پوليس تي گوليبازي شروع ٿي وڃي ٿي. پوليس پڻ موٽ ۾ گوليون هلائي ٿي. گولين جي انهيءَ ڏي وٺ ۾ هڪڙو پوليس جو سپاهي مارجي وڃي ٿو ۽ ٻيا ڪيترائي ماڻهو زخمي ٿين ٿا.

سائين ڏني ۽ دلاور پنهنجن عزيزن جا لاش ڏيکاري فرياد داخل ڪيو. گهڻا سپاهي ۽ ٿاڻي جو صوبيدار سنڌي هئا. هنن قتل جي واردات جون پوريون پوريون حقيقتون ايف-آءِ-آر ۾ درج ڪيون. ڪيترائي اکين ڏٺا شاهد هئا. قاتلن جي سڃاڻپ ٿي ويئي. هڪڙو هو اصغر علي ۽ ٻيو هو قمر اشفاق.

جرم اهڙو سنگين هو ۽ هيڏي خلق جي سامهون ٿيو هو ۽ قاتلن کي جرم ڪندي پڪڙيو ويو هو ۽ هنن وٽان موتمار هٿيار نڪتا هئا، هڪ وٽان ڪلاشنڪوف ۽ روالور ۽ ٻئي وٽان پستول، جو هنن جا ضامن ڪڇي نه سگهيا. هو پناهگير پارٽيءَ جا ڪارڪن هئا. ان پارٽيءَ ويهن ئي نهن جو زور لڳايو. ڏاڍو پئسو هلايو، قابل ۾ قابل پناهگير وڪيل آندائون، پر وس هلي ڪونه سگهين.

اصغر علي ۽ قمر اشفاق کي جيل ۾ بند ڪيو ويو.

ڪيس چالان ٿيڻ ۽ ان جي شنوائين ڪري ۽ ان سلسلي ۾ ڀي ليهه وچڙ ڪري، سائين ڏني ۽ دلاور کي، اصغر علي ۽ قمر اشفاق جي باري ۾ پوري پوري واقفيت حاصل ٿي چڪي هئي ته هو ڪير آهن، ڪٿي رهن ٿا، ڇا ڪندا آهن. هنن کي اهو به معلوم ٿيو ته هو پيشيور غنڊا، بدمعاش ۽ قاتل آهن، ۽ اڳ ۾ به هنگامن ۾ هو ڪيترائي بيگناهه سنڌي ماري چڪا آهن.

سائين ڏني ۽ دلاور پنهنجي پاڙي وارن کي وڏي چيو ته: اسان اڳي ئي ورهاڱي لاءِ ووٽ ڏيڻ ۾ اوليت ۽ پناهگيرن جي سنڌ ۾ آجيان ڪرڻ ۽ ٺڪاڻن ۾ مهماني ڪرڻ جهڙيون احمقپايون ڪري چڪا آهيون. اسان جي تازي ۽ اسان لاءِ موتمار احمقپائي اها ٿيندي جي اسان پاڻ وٽ هٿيار ڪٺا نه ڪيا. گهر جا ٿپڙ ناڙي وڪڻو، ڏن ويلن بدران به ويلا ڪائو، پر هٿيار وٺو. هن وقت دهشت گرديءَ جو مقابلو ڪرڻ ۽ زنده رهڻ لاءِ اهوئي ذريعو آهي. هن پهريون مثال پاڻ قائم ڪيو. سائين ڏني ۽ دلاور رالن جا گهه، ريڊيا، ٽيپ رڪارڊر، ٽي-وي، پلنگ، ڪٻٽ، ڪوچ ۽ ٻيو سامان وڪڻي هٿيار خريد ڪيا.

”ڇا اسين گهر جي بيمار ڀاتيءَ جي حياتي بچائڻ لاءِ، ڊاڪٽرن ۽ اسپتالن جون فيون ڀرڻ خاطر گهر جا ٿپڙ ڪونه وڪڻندا آهيون؟“ هنن سوال ڪيو.

سائين ڏني ۽ دلاور جو اندر جلندو هو، صفا جوالامکيءَ وانگر ٻرندو رهندو هو ۽ ڪنهن به وقت قاتلي ٿي سگهيو. پر هنن جي سوچ هئي ته گڏيل پلاند وٺجي. پوري قوم متحد ٿي سنڌ دشمنن کان پلاند وٺي. پر هو وري قوم جي حالت ڏسي مايوس ٿي ويندا هئا. اسان جي قوم ڇڙوڇڙ هجڻ جي احمقپائي ڇڏي، الائي ڪڏهن متحد ٿيندي! ڪڏهن وري خيال ٿيندو هون ته اصغر علي ۽ قمر اشفاق کي ڪورٽ ضرور ڦاسي ڏيندي، تڏهن شايد اسان جي دلين ني ٿڌو ڇنڊو پوي!

ان واقعي کي سال کن ٿي ويو. هاڻي اهڙي حڪومت اچي ويئي هئي، جنهن لاءِ چيو ٿي ويو ته جمهوري حڪومت آهي. هڪ ڏينهن اخبار پڙهي سنڌين جي پيرن هيٺان زمين نڪري ويئي. هنن جون اکيون ڦاٽي ويون ۽ بي اعتباريءَ جي خيال کان هو وَرَ وَرَ ڪري اهـا خبر پڙهڻ لڳا. ڀين ڦورن، دهشت گردن ۽ قاتلن سان گڏ، خوني اصغر علي ۽ خوني قمر اشفاق کي به آزاد ڪيو ويـو هو ۽ ڪيس واپس ورتا ويا هئا.... پناهگير پارٽي ۽ حڪومت جي وچ ۾ اهـڙو فيصلو ٿيو هـو. ڇـا حڪومت بيوس آهي، يـا ڪا مصلحت بازيءَ جي ڳالهه آهي، يـا هنن جي ڪرسين کي جوکو آهي؟ انصاف ۽ قانون ته هن ملڪ ۾ شروع کان ئي جيئري جا ڳنڍي دفن ٿيندا رهيا آهن. ۽ هن حڪومت ياد ڏياريو آهي تـه انهن قبر کي پڪو ڪيو پيو وڃي.

اصغر علي ۽ قمر اشفاق جي جيل مان نڪرڻ جي ڇوٿين مهيني هڪ پيري اصغر عليءَ جي گهر ۾ ٻُڌن ٻڌل گهڙيا ۽ هنن جيپوري خاندان کي ختم ڪري ڇڏيائون. هنن ٻارن ۽ ضاعفن کي نه مارڻ واري روايت جو به خيال نه ڪيو. البت اصغر عليءَ کي جيئرو ڇڏي ڏنائون. شايد هنن جو خيال هو تـه اهڙي درندي لاءِ موت نه ڪا سزا ئي ڪانهي. پر ته هو ڪجهه وقت جيئرو رهي ۽ پنهنجن پيارن جي موت جي پيڙا ۽ عـذاب سهندو رهي. مهيني کان پوءِ هن کي به هڪ ڏينهن رستي ويندي قتل ڪيو ويو.

قمر اشفاق، پنهنجي هم پيالي جو حشر ڏسي لڪندو رهيو. مهيني مهيني سيني ڀاتين سميت گهر مٽائيندو رهيو، شهر مٽائيندو رهيو، ڇهرو مٽائيندو رهيو. پر اصغر عليءَ جي قتل کانپوءِ جلدئي هنجي خاندان ۽ هن کي ساڳئي نموني ۽ ساڳي وٿيءَ سان ماريـو ويـو. ★

# مان ڪهاڻيڪار ناهيان

مان جلديءَ ۾ آهيان. مان ڪهاڻي لکڻ لاءِ جلديءَ ۾ آهيان. مان سچ پڌرو ڪرڻ لاءِ جلديءَ ۾ آهيان...... ان لاءِ ته ڪهاڻيڪار ڪان اڳ پاڻ پنهنجي ڪهاڻي لکي وٺان. مون هن ڪهاڻيڪار کي، ڪنهن نموني، منهنجي ڪهاڻي لکڻ جو ارادو ۽ ان جو خاڪو ٻڌائيندي، ٻڌي ورتو آهي. هن جي اها ڪهاڻي سچي منافقت ۽ مصلحت بازيءَ تي ٻڌل هوندي. مون هن جون ڪهاڻيون پڙهيون آهن. هن جي ڪهاڻين ۾ ٻه ٻين ڪهاڻيڪارن جي ڪهاڻين وانگر، خاص ڪري عورت ۽ مرد جي ميلاپ وارين ڪهاڻين ۾ بزدلي، بي همتي، سماج جو ڊپ، مُلن جو خوف، بدناميءَ جو انديشو، پڙهندڙن ۾ پنهنجو تصور (Image) خراب ٿيڻ جو امڪان، اخلاق جي ٺيڪيدارن جي نظر ۾ ڪري پوڻ جي هُرڪُر، يارن دوستن جي ٺڪ لعنت جو ڏوراپو، زال جي الزامن ۽ پنهنجن مائٽن جي ملامت جي گهٻراهٽ پريل هوندي آهي. ان ڪري هو صاف سچ لکي نه سگهندو آهي.

ان ڪري اصلي سچ ٻڌائڻ لاءِ مان تڪڙ ڪري رهي آهيان. مون کي ٻن شاگردن سومر ۽ روشن جون ڪجهه حقيقتون ٻڌائيون آهن، جي ان يونيورسٽيءَ ۾ ئي پڙهندا آهن، جتي مان پڙهندي آهيان. سومر هڪ ڳڙنگ وڏيري جو پٽ آهي ۽ پڙهڻ رهڻ لاءِ حيدرآباد ۾ عاليشان خلاصو بنگلو خريد ڪري ڏنو اٿس. روشن هڪ پورهيت جو پٽ ۽ منهنجو سياسي ساٿي آهي.

مان توهان کي ڄاڻائي چڪي آهيان ته مان ڪهاڻيڪار نه آهيان، ان ڪري ڪردار نگاري، منظر نگاري، علامت نگاري، واقع نگاري، گفتگو بازي ۽ طنز مان نه ڄاڻان. گفتگو بازيءَ مان منهنجو مطلب آهي ته ڪن ڪهاڻيڪارن جي دماغ ۾ گفتگوئن ۽

جادوگريءَ ۽ لفظن جي سونهن ۾ مگن ڪري عوام ۽ قوم دشمن جذبن سان ڀري ڇڏيندو آهي، منهنجي هيءَ ڪهاڻي فن جي انهن خوبين کان خالي آهي. ڇو ته مان ڪهاڻيءَ جي فنڪار ٿي ڪانه آهيان. منهنجي ڪهاڻي ته سڀ هاءِ وي وانگر سنئين سڌي آهي، جنهن تي ڏاڍا ڇٽا Signals (علامتون) ڏنل آهن. ڪهاڻيءَ جا ڪردار زندگيءَ سان ڀرپور، باغي، انقلابي، باهمت، بهادر، هر ڏاڍ ۽ ڏمر جو مڙس ٿي مقابلو ڪندڙ هجڻ گهرجن....

اڙي ڏسو مون به ڪن ڪهاڻيڪارن واري پٽاڙ شروع ڪري ڏني آهي. نيٺ به ته سياست سان واسطو اٿم....

مون مٿي چيو آهي ته سومر هڪ ڳوٺ وڏيري جو پٽ آهي، هو منهنجي ڏاڍو پنيان پيو پر مون هن کي سنئون سڌو ٻڌايو ته هتي هن جي دال نه ڳرندي، ماڻهو سمجهدار هو ۽ منهنجو رخ ڏسي معاملي کي سمجهي ويو ۽ وري مون سان ڪنهن به قسم جي ڇيڙ ڇاڙ ڪانه ڪيائين باقي مون روشن واسطي چيو آهي ته هو منهنجو سياسي ساٿي آهي. هاڻي مان جيڪا ڪهاڻي ٻڌائڻ چاهيان ٿي، سا روشن سان رشتي بابت آهي. اسين نه رڳو سياسي ساٿي هئاسين پر هڪ ٻئي کي دل جان سان به چاهيندا هئاسين. اسان کي ٿي سال گڏ سياسي ڪم ڪندي ٿي ويو هو. اسين خواهش جي ڪوري ۾ سڙندا، ڪاڻندا ۽ پوسرندا رهندا هئاسين، پر پنهنجي سياسي منزل سان سچي هجڻ ڪري ڪڏهن به جسماني جذبن جو اظهار هڪ ٻئي سان نه ڪيوسين، جيتوڻيڪ اسان کي احساس هو ته انهن جذبن ڪري پوري طرح ڪم ڪري نه ٿا سگهون ۽ اهي جذبا اسان ۾ ڏاڍو بوجھ، (Tension) پيدا ڪن ٿا ۽ ڪم ۾ به رڪاوٽ وجهن ٿا. پوءِ اسان سوچيو ۽ اها خبر ان ڪهاڻيڪار کي به پهچي وئي ته اسين انهيءَ بوجهه کان ڇوٽڪارو پائينداسين ۽ پوءِ هڪ منو ٿي سياسي ڪم ۾ پوري دلچسپي وٺنداسين، هي فيصلو اسان ٻنهي هڪ ٻئي جي رضا خوشي سان ڪيو. البت اها خبرداري وٺڻ جو خيال ڪيوسين ته آباديءَ ۾ واڌارو نه ٿيندو.

اسان ساڳئي وقت اهو به فيصلو ڪيو ته هن وقت اسان جو پاڻ ۾ پيار آهي. پر اهو پيار ختم به ٿي سگهي ٿو. ان ڪري اهو به سوچيوسين ته گهٽ ۾ پنج سال ۽ وڌ ۾ وڌ ڏهه سال پاڻ ۾ اهو ناتو نڀائينداسين. جي ان وچ ۾ اسان جو پيار ختم نه ٿيو ته ٿئي ته پوءِ باقاعدي نڪاح وجهنداسين. اسان اهو قانون نه رڳو پاڻ لاءِ جوڙيو پر ٻين پاڻ ۾ عشق ڪندڙ جوڙن لاءِ به جوڙيو.

سو اسان جي انهيءَ رٿا جي ڄاڻ ڪهاڻيڪار کي به پهچي وئي آهي ۽ انهيءَ ڪري هن اسان جي قصي کي الائي ڪهڙي رنگ ۾ پيش ڪري، مان ساري حقيقت اڳواٽ ئي پڙهندڙن جي اڳيان پيش ڪري رهي آهيان. ★

# راوڻ جو روح

رات جيڪي وهيو واپريو هو، ان ڪري گهر جي ڪنهن ڀاتيءَ سان نظرون ملائي نه ٿي سگهيو. ڪنهن سان ڪجهه ڳالهائڻ بنا ٽڪڙو ٽڪڙو تيار ٿي هو ڪاليج روانو ٿي ويو. ڪاليج ۾ به روز واري روش نه ڏسي ڪجهه سنگتين هن کان پريشانيءَ جو ڪارڻ پڇيو، پر هو لنوائي ويو.

گهر موٽي به ڪنهن نه ڪنهن بهاني هو سارو وقت گهر مان غائب رهيو. رات جو به دير سان واپس آيو ۽ ماٺ ميٺ ۾ ماني کائي وڃي ليٽي پيو.

وي-سي-آر تي ڪا نئين فلم هلي رهي هئي. اها به ڪانه ڏٺائين. هن ننڍي شهر ۾ پٽس جو وڏو دڪان هو ۽ چڱو خاصو ڪاروبار هوس. رنگين ٽي-وي ته اڳ ۾ ئي هئن پر تازو وي-سي-آر به گهر ۾ وٺي ڏنو هون. ان تي ڏي نئي ڏينهن ڪانه ڪا هندوستاني يا انگريزي فلم پيا ڏسندا هئا. پاڙي واريون مايون ۽ ٻار ٻچا به فلم ڏسڻ ايندا هئا. فلم گهڻو ڪري رات جي ماني کائڻ کان پوءِ هلائيندا هئا. گهر ڪافي ڪشادو هو. هڪڙي ڪمري ۾ ماءُ پيءُ سمهندا هئا. ٻئي ڪمري ۾ هن جو پرڻيل ڀاءُ پنهنجي زال ۽ ٻارن سميت آرامي ٿيندا هئا. ۽ ٽئين ڪمري ۾ پاڻ هارون، سندس وڏي ڀيڻ عزيزان، اٺن سالن جو ڀاءُ ۽ پنجن سالن جي ڀيڻ سمهندا هئا. ٽي کٽون هونديون هيون. هڪ تي پاڻ ۽ هارون سمهندو هو، وچينءَ تي ننڍڙو ڀاءُ ۽ ڀيڻ هوندا هئا ۽ ٽين کٽ تي عزيزان.

سڀ ڀاتي گڏجي وي-سي-آر تي فلمون ڏسندا هئا. پاڪستاني ٽي-وي جي ڊرامن ۽ فلمن ۾ به ڪافي نوجوان ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون جذبا ڀڙڪائيندڙ لباس ۽ دلڪش چهرن وارا هوندا هئا، پر وي-سي-آر تي هندستاني ۽ انگريزي فلمن ۾ ته نهايت

غضب هوندو هو. انهن ۾ نوجوان ۽ حسين ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جون تصويرون اڌ اگهاڙيون بلڪ سڄيون اگهاڙيون، اهڙن به ايئن ڇپجي ته ذري گهٽ صفا اگهاڙيون، نچندي ٽپندي، ڪڏندي، جوانيءَ جي ڀرپور نمائش ڪندي ڏيکاريندا هئا. اهڙين تصويرن جي ڏسندي نوجوان ته ٺهيو پر پوڙها به ٿڌا شوڪارا ڀريندا هئا ۽ هنن کان ٿڌا ساهه نڪري ويندا هئا. هنن جو بدن سخت ٿي ويندو هو ۽ پنهنجي هيجان ۽ جذبن روڪڻ ۾ ڏاڍي ڏکيائي پيش ايندي هئي.

ريڊيو، ٽيپ رڪارڊ ۽ ڊيڪ تي سڄو ڏينهن ڀيا فلمي ۽ عشقي گانا وڄندا هئا ۽ نوجوان ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون ان سان پنهنجو آواز ملائي ڳائيندا رهندا هئا. هارون طبيعت جو شرميلو هوندو هو. رنگ جو سانورو ۽ قد بت به اهڙو ٺاهوڪو ڪونه هوندو هوس جو ماڻهو هن ڏانهن ڪشش محسوس ڪري. ننڍي شهر هجڻ ڪري ڪاليج ۾ ڇوڪريون گهٽيون ڪونه پڙهنديون هيون ۽ جيڪي پڙهنديون هيون انهن مان ٿورين کان سواءِ برقعي ۾ ايندِيون هيون ۽ ايتريون Bold يا Forward نه هيون. هارون به اهڙين خصلتن جو مالڪ هو جو ڪا به ڇوڪري هن جي ويجهو نه آئي. هو لڪي لڪي جنسياتي نظرن سان عورتن ڏي نهاريندو هو، ۽ انهن ڇوڪرين ڏي به چوريءَ چوريءَ پيو نهاريندو هو ۽ جي سندس ڀيڻ ۽ ڀاڄائيءَ سان سندن گهر ۾ ملڻ ايندِيون هيون. اهڙيءَ طرح عورت جو هو بکايل ۽ اڃايل هو. گهر ۾ پيو ڀاتي نوجوان ۽ اڌپڙهيل هئي عزيزان، هن جي هن وقت عمر ويهه سال هئي. هن جو پيءُ ڇوڪرين جي تعليم خلاف هو. ان ڪري جيئن ئي عزيزان اٺين ڪلاس ڪئي پهتي ۽ برقعي پائڻ جهڙي ٿي ته هن کي گهر ۾ پردي ۾ ويهاري ڇڏيائين ۽ وڌيڪ پڙهائڻ بند ڪري ڇڏيائين. هوءَ به وي-سي-آر جون فلمون ڏسي جنسياتي هيجان ۾ رهندي هئي. گهر ۾ ڪو جواڻ جماڻ مائٽ ايندو هو يا ڀائرن جو ڪو دوست ايندو هو ته جهاتيون پئي پائيندي هئي. هڪڙي سوٽ سان ٿوري گهرائپ ٿي ويس. سندن گهر پيو ايندو ويندو هو. هڪ ڏينهن اتي ئي

اڪيلائيءَ ۾ موقعو ملي وين ته عزيزان کي زور سان ڀاڪر پائي چمي ورتائين. هن کي ان مان ايتري راحت آئي ۽ لذت حاصل ٿيس جو هن کي فلمي هيرو سمجهي، سڄي رات ان خوشي ۾ ننڊ نه آيس ۽ پاڻ کي فلمي هيروئن سمجهي سڄي رات هن جا سپنا ڏسندي رهي. پر اتفاق سان جلد ئي هن جو اهو هيرو هڪ حادثي جو شڪار ٿي ويو. عزيزان منگيل به هئي، پر هن جو منگيندو پڙهندو هو ۽ خيال هون ته بي. اي پاس ڪري ڪنهن ڌنڌي سان لڳندو ته پوءِ شادي ٿيندي.

عزيزان جڏهن رات جو وي. سي. آر تي ڪا فلم ڏسي اچي ليٽندي هئي، ته تصور ئي تصور ۾ ڪنهن فلمي هيرو سان، يا ڪنهن خيالي مرد سان يا ڏينهن جو ڏٺل ڪنهن جوان سان رنگ رليون ماڻيندي هئي ۽ هن جو جنسياتي هيجان تنهائين وڌي ويندو هو ۽ ڪٽ تي پاسا ورائيندي رهندي هئي جنهن ڪري ڪٽ جي چيڪٽ جو آواز به ايندو رهندو هو. پوءِ جڏهن سوچي سوچي جسم ۽ ذهن ٿڪجي پوندا هئا، تڏهن اڌ رات کان پوءِ ننڊ اچي ويندي هئس، ٻئي طرف هارون هوندو هو. هن جي به جنسياتي بک ڪري ساڳي حالت هئي. هن جي عمر ارڙهن سال هئي. هو پاڻ به بي آراميءَ ڪري جاڳندو رهندو هو، ڀيڻ جي پاسن ورائڻ ۽ ڪٽ جي چيڪٽ جو آواز به ٻڌندو رهندو هو.

هنن جا پيءُ ماءُ، وي. سي. آر سان ٻيو به هڪڙو شغل ڪندا هئا. مڙس لڪائي ڪا بلو فلم وٺي ايندو هو پوءِ جڏهن ٻار ۽ پاڙي وارا فلم ڏسي اٿي ويندا هئا، ۽ گهڻو دير دير سان جڏهن هو سمجهندا هئا ته سڀ سمهي پيا آهن ۽ گهري ننڊ ۾ آهن، تڏهن پنهنجي ڪمري جون در دريون بند ڪري ننگي فلم (بلو فلم) وي. سي. آر تي چاڙهي ڏسندا هئا ۽ موج ڪندا هئا.

انهيءَ رات به هنن جو اهڙو پروگرام هو پر اتفاق سان هڪ ننڍڙي دري جا هارون ۽ عزيزان واري ڪمري ۾ کلندي هئي، سا هنن کان بند ڪرڻ وسري وئي. هارون ۽ عزيزان اڃا تائين

بي آراميءَ ۾ پنھنجي پنھنجي کٽ تي پاسا ورائي رھيا ھئا. جيتوڻيڪ وي- سي- آر جو آواز تمام ھلڪو ھو ۽ روشني بہ ڪانہ ھئي، صرف ٽي- وي واري روشني ڪمري ۾ ھئي، تڏھن بہ ھارون ۽ عزيزان کي ان دريءَ ذريعي ڪڙڪ پئجي ويئي تہ ان ڪمري ۾ ڪجھہ ٿي رھيو آھي.

عزيزان دريءَ پاسي سمھيل ھئي. ھن ڪنڌ مٿي ڪري ھارون طرف نھاريو. ھو چپ چاپ ليٽيو پيو ھو، ھن کي ننڊ ۾ سمجھي عزيزان آھستي آھستي اٿي ۽ پير پير ۾ وجھي دريءَ وٽ پھتي ۽ ڪمري اندر ڏٺائين. ھن جا طاق لڳي ويا. پر ھوءَ اتان ھٽي ڪانہ ۽ بت بڻي اندر جو ڏيک ڏسندي رھي. جيتوڻيڪ اندر ڪو بلب وغيره ٻري ڪونہ رھيو ھو، پر ھلندڙ ٽي- ويءَ جي روشنيءَ ۾ گھڻو ڪجھہ نظر اچي رھيو ھو. ٽي- ويءَ جي پردي تي مرد ۽ عورت صفا ننگا عجيب غريب حرڪتون ڪري رھيا ھئا ۽ کٽ تي ھن جا پيءُ ماءُ بہ صفا اگھاڙا ساڳيون حرڪتون ورجائي رھيا ھئا، ھوءَ ڏسندي رھي.

ھارون بہ ڏٺو تہ عزيزان دري وٽ بيھي رھي ۽ دين دنيا کان بي خبر ٿي بلڪ مست ٿي ھڪ ٽڪ اندر نھاري رھي آھي. ھو بہ آھستي پنھنجي ھنڌ تان اٿيو ۽ پير پير ۾ پائي دريءَ جي پرسان آيو، ۽ عزيزان جي پاسي ۾ بيھي رھيو. عزيزان ٻھرين ھلڪو ڇرڪ ڀريو پر پوءِ پاڻ سنڀالي وئي.

ھارون بہ اندر ڪمري وارو نظارو پوري خاموشيءَ سان ڏسڻ لڳو. عزيزان ڀاءُ کي ڏسي شرمائجي وئي ۽ ساڳي طرح چپ چاپ موٽي اچي پنھنجي کٽ تي ليٽي. ھارون ڪافي دير اندر جو نظارو ڏسندو رھيو پوءِ واپس پنھنجي کٽ تي اچي ليٽي پيو.

ان وقت ٻنھي جي اندر ڪھڙا ويچار ھئا، ڪھڙي ويڙھہ ھئي، ڪھڙي ٻڪ ھئي، ڪھڙي جنگ ھئي؟ اھو تہ چئي نہ ٿو سگھجي، پر ھڪ ڳالھہ جي پڪ آھي تہ ٻنھي مٿان جنسيات جو ڀوت سوار ھو، ۽ ٻئي سڄي جا سڄا جنسيات جي باھہ ۾ جلي رھيا

هئا، سڙي رهيا هئا، ٻري رهيا هئا.

سندن ٻيءُ ماءُ جي فلم کي پورو ٿئي ته وقت ٿي چڪو هو، ۽ هو سک جي ننڊ سمهي رهيا هئا.... پوءِ بنا آواز ۽ تيزيءَ سان هارون پنهنجي کٽ تان اٿيو ۽ ڦيرو ڏيئي عزيزان جي کٽ تي وڃي پهتو....

صبح جو عزيزان ڇيلهه جي سور جو بهانو ڪري بستري ۾ پئجي رهي ۽ سڄو ڏينهن ڪانه اٿي.

هارون صبح جو دل ۽ دماغ ۾ ڳوراڻ محسوس ڪرڻ لڳو. ڪاليج ويو ته اتي به پريشان هو. ڪنهن سان ڪونه ٿي ڳالهايائين. ڪنهن به ڳالهه ۾ دلچسپي ڪونه ٿي ورتائين. هي پڇتاءُ هو، يا گناهه جو احساس يا ضمير جي ڇهنبڙي! هڪڙي دفعي آتم هتيا ڪرڻ جو خيال آيس. سارو وقت دل ۽ من تي بار رهيس. ڪاليج کان موٽي آيو ۽ گهران به جلدئي نڪري رستن تي هيڏانهن هوڏانهن چڪر ڏيندو رهيو، ڪن دوستن وٽ به هرو ڀرو ويو. رات جو دير سان گهر موٽيو ۽ هو پيءُ جي مقابل ڪونه ٿيو.

اڄ رات به ساڳئي ڪمري ۾ ساڳي کٽ تي سمهي رهيو. عزيزان به ساڳيءَ طرح ساڳي کٽ تي ليٽي رهي پر اڄ رات ڪنهن به ڪجهه نه ڪيو، ڪجهه نه ڳالهايو، جيتوڻيڪ ٻنهي سان ڪنهن به ساري رات ننڊ نه ڪئي. ٻئي ڏينهن به هارون جو مٿو ڳورو رهيو ۽ پريشانيءَ ۾ گذاريائين، پر ڪالهه کان ڪي ڪجهه گهٽ. اڄ رات ڳچ دير تائين هو وري ڦٿڪندو رهيو ۽ جنسياتي خيالن جو مٿس غلبو ٿيڻ لڳو. آخر رهيو نه ٿيس ۽ وري وڃي....

هارون کي نه سياست ۽ نه سماج سان دلچسپي هوندي هئي ۽ نه سياسي ۽ علمي سرگرمين سان ڪو شوق هوندو هوس. ڪاليج ۾ تاريخي يا تهذيبي ليڪچر ڪرائيندا هئا ته انهن ۾ به نه ويندو هو پر ڪامريڊ لطيف ۽ سندس ڳالهيون هن کي پسند هونديون هيون. ڪامريڊ لطيف ڪاليج جو سينيئر شاگرد هوندو هو. هو داناءُ ۽ دانشور هو ۽ شاگردن جو سياسي ليڊر هو. ڇوڪرا

هن کي ٻڌڻ لاءِ پيا سگهندا هئا. هو سدائين ڪچهريون ڪندو رهندو هو ۽ ڇوڪرن جا ميڙاڪا موجود هوندا هئا. هارون به ڪڏهن ونس ويندو رهندو هو. ڪامريڊ لطيف پنهنجي شهر جي ڪن ماڻهن بابت ٻڌو هو ۽ اخبارن ۾ به پڙهيو هئائين ته ڍيڻ، ڏيءُ ۽ ماءُ سان به ماڻهو ڪارو منهن ڪن ٿا.

هڪڙي ڏينهن انهن خبرن تي ڪامريڊ لطيف ٽيڪا ٽپڻي ڪندي چوڻ لڳو: اسان وٽ هيٺئين جاگيرداري رسمون به آهن ته سرمائيدار سامان پڻ، جاگيرداري نظام ڪري عورتون پردي ۾ مردن کان صفا الڳ رکيون ٿيون وڃن. شادي ذات برادريءَ جي بنياد تي ٿئي ٿي يا وري پئسي جي ڏيتي ليتي تي، جنهن ڪري جنهن کي ذات برادري ناهي يا پيسي جي بچت ڪونهي اٿس، تنهن کي سڱ ڪونه ٿو ملي. اهڙيءَ حالت ۾ ماڻهو اغلام بازي ڪن ٿا يا جانورن ڏانهن خاص ڪري گڏهه بازيءِ ڏانهن رجوع ڪن ٿا. يا وري ڪن شهرن ۾ چڪلا سسٽم هوندو آهي. اهو به انسان جي نيڪال جو ذريعو هوندو آهي. تڏهن به جڏهن ماڻهوءَ کي موقعو ملندو آهي ته ڏاري عورت سان جنسياتي خواهش جو پورائو ڪري وٺندو آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن زوريءَ زنا جا واقعا به ٿيندا آهن.

هاڻي وري هتي سرمائيداري سامان ۽ صنعتي دور جا وسيلا به پهچي ويا آهن. اگهاڙيون تصويرون، جنسياتي جذبا ڀڙڪائيندڙ ڪتاب ۽ رسالا، ريڊيو، ٽيپ رڪارڊ، ڊيڪ جنهن تي سڄو ڏينهن پيا جذبا اڀاريندڙ گانا وڄن، سئنيما ۽ ان جا گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ وڏا اگهاڙا پوسٽر، ٽي-وي ۽ وي-سي-آر تي بلو فلمون عام جام ٿي پيا آهن. انهن ۾ ماڻهو اهو ڪجهه ڏسن ٿا جو هو پاڻ کي جهلي نه ٿا سگهن. هو پنهنجي جنسياتي خواهشن کي پوري ڪرڻ لاءِ بيتاب ٿين ٿا. هونءَ به جنسياتي خواهش جڏهن چوٽ چڙهي ٿي تڏهن ماڻهو انڌو ٿي پوي ٿو ۽ موت جي منهن ۾ وڃڻ لاءِ به تيار ٿئي ٿو. ڪامريڊ لطيف وڌيڪ چوندو هليو: مغرب ۾ اهي جنسياتي جنون پيدا ڪندڙ ايجادون ٿيون آهن، ساڳئي وقت ان جو توڙ به

هنن جي تهذيب ۾ موجود آهي. اتي پردي جو رواج ڪونهي ۽ مرد ۽ عورت عام جام ۽ بنا هٻڪ ۽ ڊپ ڊاءَ جي پاڻ ۾ ملندا رهن ٿا ۽ پاڻ ۾ ياريون دوستيون رکن ٿا. اتي شادي ڪرڻ ۽ طلاق ڏيڻ ڏادي آسان ۽ بنا پيسي آهي. شاديءَ تي ڪو خرچ ڪونه ٿو اچي، تنهنڪري غريب غربو به بيحد سهنجائيءَ سان پرڻجي سگهي ٿو. اتي شاديءَ لاءِ ذات برادري يا قبيلي جو شرط ڪونهي. سامونڊي ڪنارن تي مرد توڙي عورتون سڪي سنان (Sun bath) لاءِ ليٽيا پيا هوندا آهن ۽ ذري گهٽ اگهاڙا هوندا آهن. اتي جو نظارو پڻ عام جام آهي. مرد ۽ عورت جو سينو سيني سان ملائي نچڻ به جنسياتي باهه کي ٿڌي ڪرڻ ۾ مدد ڪري ٿو.

مرد ۽ عورت جي عام جام ملڻ ڪري نه مرد لاءِ عورت ڪا پراسرار مخلوق آهي ۽ نه عورت لاءِ مرد ڪا عجيب ۽ پرڪشش شخصيت آهي، نه هنن کي جهاتيون پائڻ جي ضرورت آهي ۽ نه لڪي لڪي ڏسڻ جي. ان ڪري هنن ۾ هڪ ٻئي لاءِ جنسياتي خواهش جنون جي حد تائين نه پهچندي آهي نه جنسياتي نشانو گهر اندر گهر جو پاتي ٿيندو آهي. اتي ننگن جون ڪلبون پڻ ٿينديون آهن، جتي به ساٿهو پنهنجي ان جسماني باهه کي ڪي قدر ٺاري سگهي ٿو. ان هوندي به اتي پيشيور ڪال گرلس (Call Girls) ٿينديون آهن. جي پيسي تي پيشو ڪرائينديون آهن. مغرب ۾ پڻ زوري زنا جون وارداتون ٿينديون آهن، پر تمام گهٽ. منهنجو مطلب اهو نه آهي ته ايئن ڪرڻ ۾ ڪو مغرب وارا صحيح آهن پر ايئن ڪرڻ سان گهٽ ۾ گهٽ راوڻ واري ذهنيت ته گهٽجي ٿي.

هن جاگيرداري نظام ۾ سرمائيداري سامان ريڊيو، ٽي-وي، وي-سي-آر ۽ ڊش ائنٽينا هجڻ جي ڪري نه رڳو گهر جي پاتين سان جسماني ناتا وڌي ويا آهن پر زوريءَ زنا جا ماجرا به روزمره جو کيل بنجي ويا آهن. سنڌي سماج اصل ۾ جاگيرداري ۽ مڌي خارج سماج آهي ۽ تبديل ٿيندڙ دنيا سان گڏ جالي نه ٿو سگهي.

هاڻي اسين مخياري آهيون ته جاگيرداري دور کي چنبڙي

زوري زنا ۽ پنهنجن سان همبستريءَ جو ڪلچر اختيار ڪريون يا عورتن کي انسان سمجهي مردن جي برابر آزادي ڏيون. باقي بلو فلمن جو راوڻ وارو ڪلچر به سوشلزم اچڻ سان ئي ختم ٿيندو....

ڪامريڊ لطيف جو هي ليڪچر هارون ڏاڍي غور سان ٻڌو. هو ڏاڍو متاثر ٿيو. هو دل ئي دل ۾ ڏاڍو شرمندو ٿيو. ڏاڍو پڇتايائين. آئينده لاءِ سڌري هلڻ جو پڪو پهه پچايائين. هن کي نئين طرح ۽ چٽي طرح سمجهه ۾ آيو ته ڪيئن نه سرمائيداري ۽ سامراجيت اسان لاءِ قاتل زهر ثابت ٿي رهيون آهن. هو ان ڏينهن کان ئي لطيف جو ٻانهن ٻيلي ٿي عملي سوشلزم لاءِ ڪم ڪرڻ جو ارادو ڪيو. ★

گورنمينٽ جي پاليسيءَ ۾ ڪوڙا سسٽم ڪري ڪجهه نه ڪجهه سنڌي شاگرد ڪٽڻا پوندا هئس ورنه نوي سيڪڙو شاگرد پناهگير ۽ پنجابي هوندا هئا. پوءِ ڪن سنڌين کي بي سبب ڪاليج مان ڪيڍي ڇڏيندو هو، ڪن کي رسٽيڪيٽ ڪندو هو، ڪن کي ٿوريون مارڪون ڏياري فيل ڪرائيندو هو، هاسٽل ۾ ڪنهن سنڌيءَ کي داخلا نه ڏيندو هو، ۽ نه راندين ۾ هنن جي همت افزائي ڪندو هو. عملي ۾ به پٽيوالي کان پرنسپال تائين سڀ غير سنڌي هوندا هئا.

سنڌين ڏاڍيون دانهون ڪوڪون ڪيون پر ڪجهه ڪونه ٿيو هو. ڏسجي پيو ته سنڌي ميمبر ۽ وزير گڏيون ٻنيا ويٺا هئا ته اسان کي ڪرسين تي وهڻ ڏيو، باقي جيئن توهين چوندا ائين ڪنداسين، جيڪي توهان کي وڻي پلي ڪريو.

شاگردن ۾ به سياسي پارٽيون هيون، هڪ سنڌين جي، 'سنڌي سڀا' جا تمام ننڍي پارٽي هئي ۽ ٻي پناهگيرن ۽ پنجابين جي، جنهن جو ڳجهه ڳوهه ۾ سرپرست پرنسپال ارشادالحق هو. هن جي چرچ تي سنڌين تي حملا ٿيندا هئا، جن ۾ سنڌي زخمي ٿي پوندا هئا ۽ ڪڏهن ته سخت زخمي. سنڌين جي ميٽنگن ۽ جلسن جلوسن کي ڦٽايو ويندو هو. وڌي ڳالهه اها هئي جو انهن جهيڙن جو جوابدار سنڌين کي ٺهرايو ويندو هو ۽ پرنسپال سدائين سنڌي شاگردن جي ليڊرن کي گرفتار ڪرائيندو ۽ پيون سزائون ڏيندو هو.

مطلب ته سنڌين ۽ ٻين قومن جي وچ ۾ ڪٽرپٽي ۽ نفرت جون بارودي سرنگون وڇائڻ جو پورو انتظام ڪيو ويو هو.

ساگر قاضي 'سنڌي سڀا' جي پنهنجي ڪاليج جي يونٽ جو پريزيڊنٽ هو. هو چوندو هو ته هنن پناهگيرن کي هتي سنڌ ۾ رهڻو ئي ڪونهي. پنجيتاليهه سال ٿيا آهن، هنن نه هتي جي ٻولي سکي آهي، نه تهذيب اختيار ڪئي آهي، سياسي طرح الڳ ٿلڳ آهن، هتي جي ترقيءَ کي پنهنجو نه ڪيو اٿائون.

اقتصادي طرح هتي جي اصل رهاڪن جي پرماريت ڪن

ٿا ۽ آزارين ٿا ۽ هتي جي تاريخي سورمن کي پنهنجو نه ٿا ڪن. هنن جي اهڙي رخ ۽ روش ڏسي سنڌين به پنهنجو پاڻ سنڀاليو آهي ۽ هنن کي هتان تڏي پٽائڻ جو پڪو پهه پچايو آهي.

هو اهو به چوندو هو ته هن جو خيال آهي ته ايئن انڪري ٿيو آهي، جو هنن کي هتي پهچڻ سان اوچتو سرمائيداري دور ۾ پهچڻ جو موقعو ملي ويو، حالانڪ هندستان ۾ هو جاگيرداري نظام ۾ هئا، پر هتي هنن کي شهرن ۾ رهڻ جو موقعو ملي ويو جتي، هو صنعتي دور ۾ پهچي ويا. اهڙيءَ طرح مادي طرح سرمائيداريءَ جي ڦوهه جوانيءَ وارا سک ۽ فائدا حاصل ڪرڻ لڳا. پر ذهني طرح هو جاگيرداري ۽ قبيلائي دور جي دائري ۾ ئي رهيا. هنن نسلي بنيادن تي پارٽي ٺاهي. هنن پنهنجي ٻولي، جا هتي ڌاري هئي، ٻين قومن تي مڙهي، هنن جو پنهنجي هندستاني ڌرتيءَ سان لڳاءُ قائم رهيو ۽ هتي هن ڌرتيءَ کي پنهنجو ڪري نه سگهيا. عورتن کي ساڳيوئي غلام بنائي گهر جي چوديواريءَ ۾ بند ڪيائون.

هنن قبيلائي ۽ جاگيرداري ذهنيت جو مظاهرو ڪندي، صرف پنهنجي نسل کي نوازڻ شروع ڪيو. سرمائيداري نظام ۾ مذهب کي اهميت ڪانه هوندي آهي، پر هنن پنهنجن مفادن ماڻڻ واسطي مذهب کي مکيه هٿيار طور ڪتب آندو. هنن جو پنهنجي هندستاني ڌرتيءَ سان لڳاءُ ۽ هن ڌرتيءَ جي تاريخي سورمن کي پنهنجي نه ڪرڻ مان به ظاهر آهي ته شهرن ۽ رستن تي نالا اهڙن هندستاني ماڻهن جا رکن ٿا، جن ڪڏهن سنڌ ڪانه ڏٺي هئي. هي سڀ ڳالهيون هنن جي جاگيرداري ۽ قبيلائي ذهنيت ظاهر ڪن ٿيون.

سنڌي هندو ئي سنڌين جي سرمائيداري دور جو ۽ وچين ڪلاس جا اهڃاڻ هئا. هنن کي هتان لڏڻو پيو، ان ڪري سنڌي پاڻ جاگيرداري دور ۾ وڌيڪ ڳپي ويا. هاڻي مس مس وڃي سنڌين ۾ شعور آيو آهي ۽ سرمائيداري ۽ صنعتي دور ڏانهن قدم وڌايو اٿن. اهڙيءَ طرح فطري نموني سرمائيداري دور اختيار پيا ڪن

۽ پناهگيرن جون، جن جون زمين ۾ پاڙون پختيون ڪونه آهن، انهن جا هن زمين تان قدم اکيڙيندا. قاضي ساگر اهو به چوندو هو ته ڪي دوست چوندا ته هي ٥٣ سالن کان هتي رهيا پيا آهن، سي وري ڪيئن ويندا. انهن کي ياد رکڻ گهرجي ته بنگلاديش ۾ ٢٥ سال رهڻ کان پوءِ هنن کي نڪرڻو پيو هو، يوگنڊا ۾ هندستانين کي ٨٠ سالن کان پوءِ اتان نپڙ ڀڄڻا پيا هئا، ۽ خود هي هندستان ۾ صدين کان رهيا پيا هئا پر اتان ڇڏڻو پين، سنڌي هندو سنڌ جا اصل وارث هئا ۽ هتي جا مالڪ هئا پر صدين کان پوءِ هنن کي هتان لڏڻو پيو. ڪجهه تاريخي تقاضائون ۽ تاريخي تبديليون اهڙيون ٿين ٿيون، جو ملڪ ڇڏڻو پوي ٿو.

ساگر قاضيءَ جون اهي ڳالهيون پرنسپال ارشادالحق تائين به پهچنديون هيون، جي هن کي وڏيڪ مرچ لڳائينديون هيون ۽ هو باهه ٿي ويندو هو. هن وٽ انهن ڳالهين جو جواب ڪونه هوندو هو، سواءِ تشدد جي.

سنڌ ۾ ’ڪالاباغ بند‘ جي خلاف ڏينهن ملهايو ٿي ويو. پناهگيرن سات ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. هن ٽيڪنيڪل ڪاليج جي سنڌي شاگردن به ڪلاسن جي بائيڪاٽ جو فيصلو ڪيو. پناهگير پارٽيءَ جي شاگردن کي سهڪار ڪرڻ لاءِ چيائون ته، هي سڄي سنڌ جي ماڻهن جو مسئلو آهي، پر هنن نه مڃيو. پرنسپال هڪ ڳجهي ميٽنگ ۾ پناهگير شاگردن کي اشارو ڏيئي ڇڏيو ته سياٽي هڙتال جي موقعي تي سنڌين سان جهيڙو ڪبو ۽ ساگر قاضيءَ کي نشانو بڻائبو.

ٻئي ڏينهن سنڌين هنن کي ڪلاسن مان نڪري اچڻ لاءِ چيو ته هنن هڪدم سنڌي شاگردن تي حملا ڪري ڏنا. پناهگيرن وٽ هٿيار هئا، هنن اهي استعمال ڪيا. نتيجي ۾ ساگر قاضي آڻت مري ويو، ۽ ڏهه ٻيا شاگرد سخت زخمي ٿي پيا. حالانڪ اڪين ڏٺا شاهد موجود هئا، پر پرنسپال رڳو سنڌي شاگردن کي گرفتار ڪرايو.

سنڌين سوچيو ته: هاڻي حد ٿي چڪي آهي. پارٽي جي

مرڪزي گڏجاڻي ٿي، جنهن ۾ هن ڪاليج جي عيوضين به شرڪت ڪئي. هنن سوچيو ته جيڪڏهن ڪاليج ۾ شاگردن جي ٿورائي آهي، پر پرواهه ناهي. سنڌ ۾ سنڌين جي گهٽائي آهي. ائين برابر آهي ته پنهنجي نسل جي حوالي سان پناهگير هوڙئي سجاڳ ۽ باشعور آهن ۽ اسان سنڌين جي گهٽائي ۾ سنڌي قوميت جو شعور ڪونه آهي، پر تڏهن به گهڻو ڪجهه ڪري سگهجي ٿو.

پرنسپال ارشادالحق ڪڏهن ڪڏهن شاگردن کي منافقيءَ جو ليڪچر به ڏيندو هو، هيئنر جيئن ته ڪاليج ۾ تازو قتل ٿيو هو، ته دنيا کي ڏيکارڻ لاءِ 'ٻڌي جي ضرورت' جي عنوان هيٺ ليڪچر ڏيڻ لڳو. هو قدآور، ٻت جو سنهو، رنگ جو سانورو ۽ منهن تي ماتا جا سنيارا هئس، وات هر وقت پان سان ٿقيل هوندو هوس.

جڏهن چيائين ".... اسين نه مهاجر آهيون، نه سنڌي آهيون، نه پنجابي آهيون، اسين فقط پاڪستاني آهيون!...." ته ميڙ مان پستول سان هڪ هوائي فائر ٿيو، سڀني کان ڇرڪ نڪري ويو ۽ شاگردن ۾ ڀڄ ڊوڙ مچي ويئي. پرنسپال پاڻ به پنهنجي آفيس ڏانهن ڀڳو. هن کي سمجهه ۾ نه آيو ته فائر ڪنهن ڪيو؟ هن کي خبر هئي ته سنڌي شاگردن وٽ هٿيار ڪونه آهن. هڪ ڀيرو خيال آيس ته ڪاليج جا دروازا بند ڪرائي، پوليس گهرائي سڀني شاگردن جي تلاشي وٺرائي، پر وري خيال آيس ته سنڌي شاگردن وٽ ته هٿيار ڪونه هوندا، ۽ ڪيترن ئي پناهگير شاگردن وٽان هٿيار نڪرندا ۽ ممڪن آهي ته ڪنهن کان اتفاق سان پستول ڇٽي ويو هجي. تنهن ڪري اهڙو خيال لاهي ڇڏيائين.

ان جي ٻئي ڏينهن رات جو هن جي بنگلي تي حملو ٿيو. ان جي درين تي بندوقون ڇوڙيون ويون، درين جا شيشا چڪناچور ٿي ويا ۽ اندر سامان کي ڪجهه نقصان پهتو، باقي ڪو جاني نقصان ڪونه ٿيو. هڪ پناهگير چوڪيدار موجود هو، فائر جو آواز ٻڌي، اهو هڪ ٻت جي اوٽ ۾ لڪي ويٺو. پوليس ۾ رپورٽ ڪئي

ڪراچيءَ جا حاڪم آهن. ۽ انهي هو محفوظ آهن. هن کي پارٽي طرفان هڪ اهڙي پاڙي ۾ گهر ڏنو ويو جتي رڳو پناهگير رهندا هئا. پارٽيءَ جا چار سڪيا ورتل گوريلا هن جي گهر جي چوڪيداري ڏينهن رات پهرو ڏيڻ لڳا.

ٻن مهينن کان پوءِ ڏينهن ڏٺي جو هن جي گهر تي فائرنگ ٿي. گهر ۾ هڪ گولي پرنسپال جي زال کي لڳي، پر هو بچي وئي. معمولي زخم رسيس. حملو ڪندڙ هٿ اچي نه سگهيا.

هڪ دفعي هن جي موٽر، جنهن ۾ پرنسپال جو خاندان چڙهيل هو، ان تي بندوق سان حملو ٿيو، پر سڀئي بچي ويا.

بيماريءَ کي ڇهه اٺ مهينا ٿي ويا هجن ۽ هو مرڻ کي ويجهو ٿيو هو، تڏهن هن کي احساس ٿيو ته هو چاهين ها ته فائر ڪري هڪدم ماري ڇڏين ها، پر هاسڪاري هنن منهنجي حياتيءَ کي ڊيگهه ڏني، جيئن منهنجي زندگي زهر بنجي ۽ مان بيماري ۽ پيڙا ۾ ڇُري ڇُري مران. هنن جو اصل مقصد مون کي چيچلائي چيچلائي ذهني ۽ جسماني عذاب ڏئي مارڻو هو. ڇو ته هڪدم موت ته ڪا سزا ئي ڪانهي. ★

۽ شرميليون اکيون ۽ پريل بدن ڏسي بلاول سڄو ٽڙي پوندو هو. هن جو لنءُ لنءُ ٺري پوندو هو. ڄڻ صبح جي نرم نرم ۽ ٿڌڙي هير هن جي جسم کي ڇهي ويندي هئي. ڪنن ۾ درياهن ۽ چشمن جو سريلا گيت گونجڻ لڳندا هئا.

مرڪ هن جي منهن تي پاڻمرادو پکڙجي ويندي هئي. هن کي ٻاڪر ۾ ڀري ڇپائڻ چاهيندو هو. هن کي چمين سان ڀري ڇڏڻ چاهيندو هو. هن کي پاڻ ۾ سمائڻ چاهيندو هو. هر دفعي هن کي ڏسڻ سان هن جي حياتي سنوارڻ بابت نيون سٽون سٽڻ لڳندو هو. هو هڪ ٻئي کي بيحد چاهڻ لڳا هئا. هڪ ٻئي کي ڏسڻ سان ڍؤ ئي ڪونه ٿيندو هون. هو ننڍي هوندي کان ئي گڏ کيڏيا ۽ ڪڏيا هئا. ساماڻجڻ تي سڪينا سخت پردي ۾ وهاري وئي پر بلاول جو گهر لاڳيتو هجڻ ڪري، اهو هڪڙو ئي گهر هو جتي وڃڻ جي هن کي منع ڪانه هئي. بلاول جون ڀينر، هن جون ساهيڙيون هيون. اتي هن کي ۽ بلاول کي اڪيلائي ۾ ملي ويندي هئي. انهن ملاقاتن ۾ هنن جي قرب جون ڪڙيون سگهاريون ٿينديون ويون. سڪينا جون ڳالهيون ڏاڍيون ساديون سوديون هونديون هيون. هوءَ سادگي، معصوميت ۽ جهالت جو مجسمو هئي، جي بلاول چاهي ها ته هن کي استعمال ڪري سگهي ها. پر هو هن کي پيار ڪندو هو ۽ هن کي خراب ڪرڻ نه چاهيائين. هو ته هن جي گهر اندر ۽ گهر کان ٻاهر سنڀال ڪندو هو ته ڪنهن بدمعاش جي ور نه چڙهي ۽ هن جي معصوميت جو غلط فائدو نه وٺي. هو هن جي ائين نظرداري ڪندو هو جيئن مالهي ڪنهن گلاب جي ڪچڙي ٻوٽي جي ڪندو آهي.

هڪڙي ڏينهن هنن جي وچ ۾ هيءَ گفتگو ٿي:

”مان توسان ضرور شادي ڪندس!“ بلاول چيو.

”اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي، مان سيداڻي آهيان ۽ تون امتي آهين.“ سڪينا وراڻيو.

”سڪي، توکي خبر ناهي ته سيداڻيون حويلين مان نڪري

سا ڳي طرح جهڙي طرح هتي جا پاڻ کي اصلي سيد چوائيندڙ، سيدڻي جي نسلي برتريءَ جي احساس هيٺ اهي شيون ڪندا آهن.“ بلاول چيو.

”مون کي اهي تنهنجيون ڳالهيون سمجهه ۾ ڪونه ٿيون اچن. مان ته فقط توسان شادي ڪرڻ ٿي چاهيان.“ سڪينا جواب ڏنو.

هڪ ڏينهن ماءُ کي خوشمزاجي واري سياءَ ۾ اڪيلائي ۾ ڏسي سنئون سڌو چئي ڏنائين:

”امان، مان سڪينا سان شادي ڪرڻ ٿو چاهيان.“

”پٽ، ڪهڙي سڪينا؟“

”پاڙي وارن سيدن جي ڇوڪري!“

”هان.......“ ماءُ سچي ڏڪي ويئي. هوءَ سُن ٿي وئي. ڪجهه وقت ته لفظ وات مان ڪونه اجهيس. نيٺ ڳيتون ڏيندي چيائين:

”مگر هوءَ سيد زادي آهي ۽ پاڻ امتي آهيون. اهو جوڙ ٿيڻ ناممڪن آهي.“

پوءِ بلاول ماءُ کي به اهي ڳالهيون ائين ئي سمجهايون جيئن سڪينا کي سمجهايو هئائين.

پوءِ ماءُ چيو:

”مان سڪينا جي ماءُ وٽ ويندس به ڪٿي، ۽ تنهنجي لاءِ سڱ گهرنديسانس، پر ڊپ ٿو ٿئي ته ڇڙي پوندي ۽ ڪو جهيڙو نه ٿي پوي.“

”جهيڙو نه ٿيندو، هو به شهر ۾ رهن ٿا، تون مون وارا مثال به ٻڌائجانس ۽ پنهنجي ڏيءَ جو ٿيندڙ حشر طرف به توجهه ڇڪائجانس. ضرور ڏيءُ لاءِ احساس ٿيندس.“

بلاول جي ماءُ ڊڄندي ڊڄندي جيئن ماڻهوءَ کي خوامخواهه ڏاڍي تي گهرايو ويندو آهي سڪينا جي ماءُ وٽ ويئي ۽ هٻڪندي هٻڪندي پنهنجي مدعا ٻڌايائين. سڪينا جي ماءُ ٻڌي ٻرُ ٿي

ڪري ٿا ڏين، جو هو چاهين ٿا ته سنڌي ۽ پناهگير پاڻ ۾ سدائين وڙهندا رهن ته هو پاڻ ان جو ڪٽيو ڪائيندا رهن ۽ سنڌ تي هنن جي حڪومت قائم رهي. ڪاٺياواڙي، گجراتي ۽ مارواڙي جيتوڻيڪ زبان جي لحاظ کان، جاگرافيءَ جي لحاظ کان سنڌين جي ويجهو آهن پر هو اڙدو ڳالهائيندڙن سان ساٿ ڏين ٿا. ان جو سبب اهو آهي ته هو پناهگيرن جو پٽ ڳورو ڏسن ٿا. واپاري قوم آهي. هنن کي ڊپ ٿو ٿئي ته پناهگيرن جو ساٿ نه ڏينداسين ته اسان جا شهرن ۾ دڪان، ڪارخانا ۽ ڪاروبار جا هنڌ تباهه ڪري ڇڏيندا ۽ پنهنجي سلامتيءَ لاءِ بليڪ ميل ٿي هزارين لکين رپيا چندي طور ڏيندا رهن ٿا.

اتفاق سان هڙتال جي پهرين ڏينهن تي بلاول جي گهر جي بجلي خراب ٿي پئي. ڪين خبر پئجي ڪانه سگهي ته ڪهڙو نقص ٿيو. مستري جي ڳولا ۾ بزار ۾ ويو. اتي خبر پيس ته بجلي جا شهر ۾ ٽي مستري آهن ۽ ٽيئي پنجابي آهن ۽ هڙتال ڪري هنن جا دڪان بند آهن ۽ ٽي ڏينهن بند رهندا.

جٽ ٿي. ٽي ڏينهن هنن پنکي ۽ روشنيءَ ڪانسواءِ وڏي عذاب ۾ گذاريا. ڪجهه ڪري نه سگهيو. آخر چوٿين ڏينهن تي مستري بجليءَ وارو سندس گهر آيو. جنهن ڏهن منٽن ۾ نقص دور ڪيو ۽ بجلي چالو ٿي ويئي. بلاول کي پنجاهه رپيا ڏيڻا پيا.

بلاول سوچ ۾ پئجي ويو. ٽي ڏينهن لوڙيوسين، ڏهه منٽن جو ڪم پنجاهه رپيا. وڏي ڳالهه ته ڏاڙهي مستري کي ڏناسين، پنجاهه رپيا جو هتان ڪمائي پنجاب کڻي ويندو آهي.

هن سوچيو ”آءٌ ڇو نه سکان اهو ڪم؟ آءٌ ڇو نه بڻجان بجليءَ جو مستري.“

ڏاڙين جي محتاجي به ڪانه رهندي، پراون جي ڪاڻ به ڪڍڻي ڪانه پوندي ۽ پيسو به سنڌ جو سنڌ ۾ رهندو! وڏي ڳالهه ته سچل شاهه کي مون کي سڪينا جو سڱ ڏيڻ ۾ عذر ڪونه رهندو!

هن ٻڌو هو ته سچل شاهه جي جوءِ، جڏهن مڙس سان سڪينا

واري سڳ جي ڳالهہ ڪئي هئي تہ ٻڌندي ئي هن اچي ٻادر سان ورتو هوس. پر جڏهن نشا لٿا هئس تڏهن زال کان وري آرام سان ڳالهيون ٻڌيون هئائين ۽ انهن تي ويچاريو هئائين ۽ پٺي ڏينهن زال کي چيو هئائين: ”پر ماستر بلاول نہ رڳو غير سيد آهي، پر اسان وانگر سچو ماستر بہ آهي.“

انهيءَ جو مطلب بلاول سمجهيو هو تہ سچل شاهہ اڌ راضي آهي.

هاڻي بلاول سوچڻ لڳو تہ بجليءَ جو مستري بڻجڻ سان گهٽ ۾ گهٽ ماستريءَ کان وڌيڪ اپت ٿيندي. جيئن داستانن ۾ عاشق شهزادو ڪنهن حسين شهزاديءَ لاءِ وڏل شرط پورو ڪرڻ لاءِ نڪري پوندو آهي، تيئن هي بہ تيار ٿي ويو.

گرميءَ جون ٻہ مهينا موڪلون شروع ٿيون تہ حيدرآباد ۾ وڃي هڪ سنڌي بجليءَ جي مستري وٽ بجليءَ جو ڪم سکڻ ۽ ڪم ڪرڻ لڳو. ڏينهن رات هڪ ڪري محنت ۽ پورهيو ڪيائين. موڪلون پوريون ٿيون تہ صبح جو اسڪول ۾ ڊيوٽي ڏيندو ۽ شام جو حيدرآباد وڃي بجليءَ جو ڪم ڪندو هو. اهڙي طرح ڪل ڇهہ مهينا هن بجليءَ جو ڪم ڪيو. هن محنت ۾ هين شين سان گڏ قوميت ۽ شخصي پيار جا جذبا ڀرپور نموني شامل هئا. هن کي اهو بہ ياد ايندو هو تہ دنيا جي عظيم انقلابيءَ لينن بجليءَ کي انقلاب جو بنياد ڪوٺيو آهي.

هاڻي هو پنهنجي ڪم ۾ پڪ ٿي ويو هو ۽ هن جي استاد هن کي ”ماهر مستري“ جي سند عطا ڪئي.

هن ڇهہ مهينا ماستري تان موڪل ورتي، دڪان هٿ ڪري پنهنجو ڌنڌو شروع ڪيو. هڪ سنڌي ڇوڪرو، جو مئٽرڪ پاس ڪيو ويٺو هو ۽ ڪا نوڪري نہ ٿي مليس، تنهن کي چيائين تہ توکي جيستائين نوڪري نہ ٿي ملي تيستائين مون وٽ اچي ڪم ڪر.

ڇهن مهينن ۾ هن جو ڌنڌو ايترو وڌيو جو هن کي ماستريءَ

انٽرويو

# گهڻين ئي ڇوڪرين چاهيو پرمان محبت جو اظهار نه ڪري سگهيس

"هيلو- ڊاڪٽر نجم سان ڳالهائڻو آهي" منهنجو آواز.

"توهان ڪير پيا ڳالهايو" ٻيءَ جو سوال.

"ناز سهتو" منهنجو جواب.

بابا، ناز سهتو ڳالهائيندو اوهان سان.

وچ ۾ ڪجهه وقت ساهي.

سائين سلام- منهنجو آواز.

جيئي سنڌ (ڊاڪٽر نجم عباسي جو آواز، جيڪو ٽيليفون تي به محسوس ڪرائي ٿو ته آواز تي وقت جي جبر جا اثر آهن) آهيو ڪٿي، سال ٿي ويا آهن (ڊاڪٽر نجم جيڪو عام طور تي خاموش هوندو آهي، ڄڻ ته اٿلي پئي ٿو) منهن نه ڏيکاريو اٿوَ.

آئون لاجواب ٿي وڃان ٿو، توهان گهر تي آهيو، اسين اچون ٿا.

جڏهن آئون ۽ عنبرين هيسباڻي، ڊاڪٽر نجم عباسيءَ جي رهائشگاهه تي پهتاسين ته منهنجي اکين، هن کان اڳ ڏٺل ڊاڪٽر نجم عباسيءَ کان بلڪل مختلف نجم عباسي ڏٺو. پهريون گهڙيون ته ڄڻ سمجهه ۾ نه پئي آيو ته ڇا ڳالهائجي؟ پوءِ ڊاڪٽر نجم چوي ٿو، "توهان ته جڏهن آئون ڪلينڪ تي ويهندو هوس، ان زماني جا آخري ٻه سال ڪن به ڪونه آيا هئو؟

کي پنهنجن لکڻين جا پلاٽ ملي ويندا هئا، جڏهن ته هاڻ آئون سيني کان کٽجي ويو آهيان. جڏهن مون تي فالج جو پهريون حملو ٿيو هو تڏهن مون کي هڪ لحاظ سان خوشي ٿيندي هئي جو مون کي زندگي هڪ نئين تجربي مان پئي گذاريو ۽ آئون سوچيندو هئس ته جڏهن آئون ٺيڪ ٿيندس تڏهن ان متعلق لکندس، پر هاڻ اها ٺيڪ ٿيڻ جي اميد نه رهي اٿم، تنهنڪري اهو خوشيءَ وارو احساس مايوسي ۾ بدلبو پيو وڃي. جو هاڻ انهي خوشفهميءَ مان نڪري آيو آهيان.

سوال: ڇا توهان حڪومت کي ٻاهرين ملڪ علاج ڪرائڻ لاءِ چيو آهي؟

نجم: نه مون ڪونه چيو آهي، باقي ٻين دوستن پهچ ڪئي هئي، پر انهن ڪوششن جو به ڪوڪڙنيل ڪونه نڪتو آهي. هڪڙي فنڪشن ۾ مون کي دوست وٺي ويا جتي لياقت جتوئي به آيل هو، ات جڏهن مون کي اسٽيج تي سڏيو ويو، تڏهن نوجوانن وٺي نعرا هنيا ته ”ڊاڪٽر نجم عباسيءَ جو علاج ڪرايو....“ ۽ جيئن ته آئون اسٽيج تي نه پئي چڙهي سگهيس ته لياقت جتوئي ۽ اسماعيل راهو لهي اچي مون کي سنڀاليو، ۽ پوءِ لياقت پڇيو ته مون کي ڪهڙي بيماري آهي سو ٻڌايومانس، پوءِ چيائين ته توهان ڪٿي علاج ڪرائڻ پسند ڪندا، پوءِ چيومانس ته هت وارو علاج ته ڇهن سالن کان پيو ڪرايان تنهن مان فائدو نه پيو رسيم، تنهن تي چيائين ته ”حاضر اسان توهان جو علاج ٻاهران ڪرائينداسين ۽ پوءِ ڊپٽي ڪمشنر سياڳو خان جتوئيءَ کي چيائين ته ڊاڪٽرصاحب کان درخواست وٺي اسان ڏانهن اماڻجائين“ سو درخواست حفيظ قريشي وارن لکي اماڻي پر انهيءَ ڳالهه کي به ڇهه اٺ مهينا ٿي ويا آهن، پر ڪجهه ڪونهي ٿيو. ان کان پوءِ ڪاوش ۾ فرنٽ پيج تي منهنجي بيماريءَ جي خبر ڇپي هئي، تنهن تي انفارميشن جي ڊائريڪٽر در محمد ڪمال فون ڪري حال احوال ورتا ۽ چيائين ته آئون سٽي توهان لاءِ لکان ٿو ۽ هڪڙو ماڻهو به اماڻيو هئس

جيڪو مون کي چڪاسي ويو، پر انهيءَ ڳالهہ کي بہ عرصو گذري ويو پر ٿيو ڪجھہ ڪونہ. انهن ڇهن سالن ۾ مان پاڻ ڪنهن کي بہ ڪجھہ ڪونہ چيو آهي. اخبار وارن بہ پاڻ ايڊيٽوريل لکيا پر توهان جي اخبارن جو بہ اثر اختيارين تي شايد پوي ڪونہ ٿو.

سوال: بيماريءَ کان اڳ ۽ بيماريءَ کان پوءِ توهان کي ماڻهن جي رويي ۾ ڪهڙي تبديلي محسوس ٿي؟

نجم: ماڻهو اهي ساڳيا ڪونہ رهيا، منهنجا ڪيترائي گهاٽا دوست پڇڻ بہ ڪونہ آيا ۽ گهڻن ئي دوستن خبر چار بہ نہ لڌي، هڪڙو دفعو بہ ڪونہ آيا. جڏهن تہ دوستن جي مشڪل گهڙي ۾ آئون انهن جي گهڻو ڪم آيو هئس. ڊاڪٽر جي حيثيت سان مون اديبن، سياسي ڪارڪنن ۽ انهن جي مائٽن جي مون گهڻي خدمت ڪئي، مون وٽ ذاتي مريضن کان وڌيڪ سياسي ڪارڪن ۽ اديب مريضن جو ميڙاڪو هوندو هو، دوائن کان ويندي مشورن تائين آئون هر قسم جي مدد ڪندو هئس. پر بيماريءَ کان پوءِ ڪير بہ پڇڻ ڪونہ آيو. سڀني وساري ڇڏيو، ايتري قدر جو پاڙي وارا بہ ڪونہ آيا.

سوال: توهان ڇا ٿا سمجهو تہ دوستن اهڙو رويو ڇو اختيار ڪيو؟

نجم: خبر نہ آهي ڇو! شايد منهنجي شخصيت ۾ اها ڪشش ڪانهي، جيڪا ماڻهن کي بيماريءَ کان پوءِ محفلن کان پري رهڻ واري طبيعت جي ڪري، جو آئون شادين مرادين يا اهڙين تقريبات ۾ ڪونہ ويندو هئس، پر هاڻ سوچيان ٿو تہ ماڻهن جي گهڻائي روايت پسند آهي. تنهن ڪري منهنجي انهيءَ ابتڙ رويي مون کي اڄ اڪيلو ڪري ڇڏيو آهي.

سوال: توهان پنهنجي ننڍپڻ متعلق ڪجھہ ٻڌايو؟

نجم: منهنجو اصل ڳوٺ خانواهڻ تعلقو ڪنڊيارو آهي، پرائمري تعليم اتي ئي پرائي هيم، سيڪنڊري تعليم لاءِ نوابشاهہ آيس ۽ ات آئون هاسٽل ۾ رهندو هئس. تنهن کان پوءِ سنڌ مسلم سائنس ڪاليج ڪراچيءَ مان انٽر پاس ڪيم ۽ پوءِ ڊائو ميڊيڪل ڪاليج

۾ داخلا ورتم ۽ ١٩٥٣ع ۾ ميڊيڪل پاس ڪيم.
سوال: جي توهان ميڊيڪل نه ڪڻو ها ته پوءِ توهان پنهنجي لاءِ ڪهڙو مضمون تجويز ڪيو ها؟
نجم: منهنجي ميڊيڪل کان پوءِ ٻي چوائيس انگلش لٽريچر هجي ها. پر ڇا ڪيون غريب جو ٻار هئس، مائٽن جو زور هو ته ڇوڪرو ڊاڪٽر ٿئي، ان خواهش پٺيان، اصل ۾ مائٽن جي پئسن ڪمائڻ واري خواهش هئي.
سوال: شاگردي واري زماني ۾ توهان جي سوشل لائيف ڪيئن هئي؟
نجم: سوشل لائيف جي لحاظ کان منهنجو اسڪول وارو عرصو آئيڊيل هو. انهيءَ عرصي ۾ پاڪستان جو ڀوت ذهن تي سوار هو. هاءِ اسڪول ۾ مسلم اسٽوڊنٽ فيڊريشن جو آئون صدر هئس. بزم مشاعره جو آئون سيڪريٽري هئس. اسڪول واري دور ۾ مون شاعري ۽ ڪهاڻيون لکڻ شروع ڪيون. تعليمي، ادبي ۽ سياسي ميدان ۾ آئون ٽاپ تي هوندو هئس. پر ڪاليج اچڻ کان پوءِ آئون ايري نه سگهيس، انهيءَ جو وڏو سبب منهنجو ٻهراڙي مان اچڻ هو. انهيءَ وقت ۾ شهري ڇوڪرا سوٽ بوٽ کان سواءِ گهر مان نه نڪرندا هئا ۽ مون کي شلوار قميص پائڻ جو ڍنگ به ڪونه ايندو هو ۽ مٿان وري غريبي جنهن جي ڪري آئون احساس ڪمتريءَ جي اهڙي کن ۾ ڦاٿس جنهن مان اڄ تائين نڪري نه سگهيو آهيان ۽ انهيءَ ڪمتريءَ واري احساس مون کي ايڪٽو ٿيڻ نه ڏنو. ميڊيڪل جي ٽئين سال ۾ اسپتال اندر رائونڊ دوران سرجن منور مون کي شلوار قميص ۾ ڏسي چيو ته "Are You Compounder or Medical Student?" ۽ تنهن کان پوءِ ڊيوٽي دوران مون ڪڏهن به شلوار قميص نه پاتي، بيماريءَ کان اڳ تائين آئون رڳو پينٽ شرٽ ۾ رهندو هئس.
سوال: توهان کي پنهنجي ماضيءَ سان پيار آهي؟
نجم: نه، مون کي ماضي پيارو ڪونهي. ماضيءَ کي هر ورو پيارو سمجهڻ کي آئون رجعت پرستي يا بنياد پرستي ٿو سمجهان، ڇاڪاڻ

جو ماضيءَ جي مقابلي ۾ آئون اڄ بهتر حال ۾ آهيان.

سوال: ماڻهو پنهنجي ماضيءَ متعلق ڏاڍو حساس هوندو آهي، پوءِ چاهي اهو خراب هجي يا بهتر، توهان جو ڇا خيال آهي؟

نجم: مون واري ڪيس ۾ ائين نه آهي، مون پنهنجي ماضيءَ کي سدائين برو سمجهيو آهي. منهنجو سڄو ماضي غربت جو شڪار ٿي ويو، جڏهن ته حال ۾ مون کي گهڻيون ئي مادي سهولتون حاصل آهن. بهرحال اها حقيقت آهي ته اسان کي بنيادي ماضيءَ تي رکڻو پوندو آهي.

سوال: نجم عباسي کي وڌيڪ "Humaniterian" سندس ماضيءَ ڏاهيو يا حال؟

نجم: آئون "Humaniterian" آهستي آهستي ٿيو آهيان، مطالعي سان، مشاهدي سان، ننڍي هوندي مذهبي ماڻهو هئس. هاڻ ائين ناهي.

سوال: توهان جي گهر جو ماحول ڪيئن هو؟

نجم: اسان جا گهر وارا ڏاڍا مذهبي هئا. بابا سڄو ڏينهن موچڙو کنيو ويٺو هوندو هو ته نماز پڙهو، روزا رکو. بابو ماستر هو ۽ اسڪول ۾ به نماز ڪمپلسري هئي، سو پڙهڻي پوندي هئي. ننڍپڻ ۾ آئون للهر هوندو هئس، سڀني کي "هائو" چوندو هئس، ڪنهن جي به مخالفت ڪري نه سگهندو هئس.

سوال: اوهان روزا ڪيترا سال رکيا؟

نجم: مون پرائمري تعليم کان وٺي ٥٢ سالن تائين روزا رکيا. منهنجي جنم تاريخ ١٨ آڪٽوبر ١٩٢٧ع آهي.

سوال: ننڍي هوندي ضدي هوندا هئو؟

نجم: نه، آئون ڏاڍو سڌو هئس ۽ رضا تي راضي رهڻ وارو.

سوال: توهان کي روئڻ ڪهڙين ڳالهين تي ايندو آهي؟

نجم: اڳ آئون تمام گهٽ روئيندو هئس، پر هاڻ ڪنهن جي موت يا حادثي جو ٻڌان ٿو يا ٽي- وي تي ڪو پيار جو نظارو ڏسان ٿو ته روئڻ ڏو اچي وڃي، پوءِ اهو ماءُ ۽ ٻار جو پيار هجي يا ڇوڪريءَ يا ڇوڪري جو.

سوال: رشتن ۾ سڀني کان پيارو ڪير هو؟

نجم: رشتن ۾ مون کي ڪو به پيارو ناهي رهيو. انهيءَ جو هڪڙو سبب شايد ننڍپڻ کان ئي پنهنجي گهر کان پري رهڻ هو. منهنجو اهو يقين آهي ته پيار ويجهي رهڻ سان ٿيندو آهي، نه ڪي رت جي رشتي جي ڪري. ماءُ پيءُ، ڀيڻ ڀائرن کان ته هميشه پري رهيس، رڳو موڪلن ۾ ڳوٺ ويندو هئس، سو سوچيو هئم ته اهو سچو پيار زال سان ونڊيندس، پر اهو به نه ٿيو. منهنجي زال مون کي ڪڏهن به پيار نه ڏنو. آئون پنهنجي شاديءَ کي ٽريجڊي چوندو آهيان. منهنجي زال هڪ وڏي ماڻهوءَ جي شهري ڇوڪري هئي ۽ آئون غريب ماستر جو، ٻهراڙي جو ڇوڪرو، سو ٺهي نه سگهياسين. ڪلاس ڪامپليڪس ۽ ذهني تضاد اسان کي گڏ هلڻ نه ڏنو. هوءَ شين جي شوقين ۽ آئون ڪتابن جو ۽ نيٺ ويهن سالن کان پوءِ اسين ڌار ٿي وياسين ۽ جيتوڻيڪ پنهنجي ٻنهي ٻارن سان پيار اٿم پر ان جو آئون ڪڏهن به اظهار ڪري ڪونه سگهيو آهيان.

سوال: توهان جي شادي مائٽن ڪرائي. يا پيار جي هئي؟

نجم: نه نه پيار جي وري ڪٿان. مون نه ڇوڪريءَ کي ڏٺو نه ٻڌو، بس هڪڙو هيڊ ماستر خواجه اهو رشتو ڪٿي آيو. سو اسان به بنا ڏسڻ وائسڻ جي ڪٿي ها ڪئي. وڏي ماڻهوءَ جي ڌيءَ ڏسي مون به اکيون ٻوٽي هائو ڪئي، بابي وارا ته ڪپڙن ۾ نه پئي ماپيا. هيڊ ماستر اهو خواب ڏيکاريو ته جيڪڏهن آئون اٿ شادي ڪندس ته ڇوڪريءَ جو پيءُ مون کي ولايت پڙهڻ لاءِ موڪليندو. سو ڪونه موڪليائين. سو انهن ڳالهين جي ڪري اندا ٿي پياسين.

سوال: توهان اڄ تائين جيڪي به فيصلا ڪيا آهن، انهن ۾ توهان جو حاوي پهلو ڪهڙو رهيو آهي. غربت، جذبات يا مصلحت؟

نجم: پينٽ پائڻ کان وٺي شادي ڪرڻ تائين، منهنجا سڀ فيصلا منهنجي احساس ڪمتريءَ جو نتيجا هئا.

سوال: چوندا آهن ته لٽريچر ماڻهو کي اندروني طرح مضبوط ڪري ٿو، پوءِ ڇا سبب آهي جو هيڏو ادب پڙهڻ کان پوءِ به توهان ۾

ڪمتر هجڻ وارو احساس گهٽ بجاءِ وڌيو؟

نجم: مان اڪثر اهو سوچيندو هئس، ته سون ۾ ڪهڙي گهٽتائي آهي، علمي ميدان ۾ به آئون گهٽن کان اڳ آهيان، ادب ۾ به نالو ڪمايو اٿم، پوءِ آئون ڪهڙي لحاظ کان گهٽ آهيان پر ايترا دليل ڏيڻ جي باوجود آئون انهيءَ احساس کي ڪنٽرول نه ڪري سگهيس، نه ئي ڪري سگهيو آهيان ۽ انهي ڪري ڏي منهنجي ميٽرڪيوليٽيٽ زال مون تي ڇانئجي وئي، جو هوءَ وڏي پيءُ جي ڌي هئي. آئون آئيڊيلسٽ (خيال پرست) آهيان. پر لٽريچر منهنجي ذهن کي ڪافي ڳالهين تي ڪليئر ڪيو، جيئن مذهب، حياتي ۽ محبت وغيره. جيئن ته مون ۾ فيصلو ڪرڻ جي قوت تمام گهٽ آهي، تنهن ڪري ڪافي ڳالهين تي ڪليئر هجڻ جي باوجود آئون انهن تي عمل ڪري نه سگهيس.

سوال: هوءَ لبرل هئي يا اوهان؟

نجم: آئون وڌيڪ لبرل هئس. مون پردو هٽرايو.

سوال: توهان جي لکڻين ۾ قوم پرستي وارو پهلو ڪافي واضح نظر ايندو آهي، پاڪستان پرستي کان قوم پرستي ڏي توهان ڪيئن آيؤ؟

نجم: قوم پرستي وارو رنگ توهان کي منهنجي اسڪول واري دور ۾ ڪيل شاعري مان به نظر ايندو، جيئن مون هڪ نظم لکيو هو، جنهن جي هڪڙي مصرع جو مطلب هيو ته:

”قائداعظم اسان کي انهيءَ ڪري پيارو آهي جو هو سنڌي آهي.“

لاشعوري طور منهنجو لاڙو قوم پرستي ڏانهن هيو.

سوال: لکڻين ۾ توهان کي ڪهڙي اديب وڌيڪ اتساهيو؟

نجم: پڙهيو ته گهڻن اديبن کي آهي، پر ڪنهن به متاثر ناهي ڪيو. باقي برٽنڊرسل جون لکڻيون مون کي ڪافي ڪجهه سمجهڻ ۾ مدد ڪنديون آهن.

سوال: لکڻين ۾ توهان کي باغي ڪنهن ڏاهيو؟

نجم: ڏيپلائيءَ، محمد عثمان ڏيپلائي. هاءِ اسڪول ۾ مون جڏهن ڏيپلائي صاحب جا ڪتاب پڙهيا ته انهن مون تي ايترو اثر ڪيو

جو مون کي صفا ڀاڻيءَ مان ڪڍي ڇڏيائين. مان هن جو هر ڪتاب تمام گهڻي شوق سان پڙهندو هئس. پئسا هجن، نه هجن پر ڏيپلائيءَ جو ڪتاب ضرور خريد ڪندو هئس.

سوال: توهان جوانيءَ ۾ ڪو عشق ڪيو؟

نجم: ڇوڪريون ته، گهڻيون ئي وڻيون، جو ڪاليج ڪان وٺي ڪوايجوڪيشن ۾ پڙهيس پر ڪڏهن به محبت جو اظهار ڪري ڪونه سگهيس. منهنجي هوشياري ۽ ادبي صلاحيتن مان ڪافي ڇوڪريون متاثر ٿيون ۽ ڪجهه ته ويجهو به آيون پر منهنجي اظهار نه ڪرڻ جي ڪري نيٺ هليون ويون. طبيعت جو آئون ڏاڍو رومانٽڪ آهيان. پر دل ئي دل ۾، ڪا به ڇوڪري چاهه مان ڳالهائيندي هئي ته اوڏي مهل منهن ڳاڙهو ٿي ويندو هو پر پوءِ دل ۾ ڏاڍو خوش ٿيندو هئس ۽ پنهنجي ليکي وينو خيال پچائيندو هئس. جڏهن آئون ٽئين سال ۾ هئس تڏهن هڪڙي نرس منهنجي لاءِ انجيڪشن لڳائي رکندي هئي، ڇو جو ٽئين سال جي شاگردن کي سئي هڻڻ جو ڏاڍو شوق هوندو آهي ۽ مون کي به سئي هڻڻ جو ڏاڍو شوق هوندو هو، سو هوءَ مون لاءِ اهي سانڍي رکندي هئي. ۽ پوءِ آئون اچي مريضن کي هڻندو هئس. ڏاڍي سهڻي هوندي هئي. ويچاري منهنجو ڏاڍو خيال رکندي هئي. آئون هن جي چاهه کي سمجهندو به هئس پر رڳو لڄاري طبيعت ۽ خوداعتمادي جي کوٽ ڪري آئون محبت جو اظهار ڪري نه سگهيس ۽ نيٺ هن به آسرو ڇني ورتو.

سوال: توهان جا انتهائي گهرا دوست گهڻا آهن؟

نجم: منهنجا ويجها دوست ٽي هئا. پر ٽئي گذاري ويا آهن. محمد صالح جيڪو چيئرمين هو، سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جو. ٻيو محمد خان بروهي جيڪو ايس ڊي او هو. ٽيون محمد صالح سولنگي جيڪو ميونسپل ڪاميٽيءَ ۾ ميڊيڪل آفيسر هو. اهي ٽئي ننڍپڻ جا دوست هئا ۽ اهي ئي دوست هئا جن سان دل جي ڳالهه اوري سگهندو هوس.

سوال: توهان جي زندگيءَ ۾ ذهن کي ڌوڏيندڙ ڪهڙا واقعا

پيش آيا؟
نجم: زندگيءَ ۾ مون کي چار صدما رسيا آھن، پھريون شادي، ٻيو طلاق، ٽيون مھاجرن مٿان گھر جـو قرجڻ ۽ ڪتابن جـو سڙڻ، چوٿون ھي فالج جو حملو. انھن چئني مان مون تي وڌيڪ اثر فالج ڪيو آھي.
سوال: اوھان ھڪ پروفيشنل ڊاڪٽر طور پاڻ کي ڪيئن محسوس ڪيو؟
نجم: آئون ڪامياب ڊاڪٽر نہ ھئس، آئون ميڊيڪل ڪتابن بجاءِ ادبي ڪتاب وڌيڪ پڙھندو ھئس، مون سرڪاري نوڪريءَ تان استعفيٰ ڏني تہ مائٽن چيو ھتي خانواھڻ ۾ اچي اسپتال کول، مون چيو، چڱـا ڪندس، پئسا ڪمائيندس پـوءِ زمين مٿان زمين خريـد ڪندس اھا ڪھڙي ڪم جي. حيدرآباد منھنجي ادبي دنيا آھي. ان ڪري مان اوڏانھن نہ ويس.
سوال: توھان تي ھي نيشنلسٽ ڪلر ڪڏھن آيو؟
نجم: اھو آيو، ون يونٽ جي دور ۾، سياست دماغ ۾ ننڍي ھوندي کان ھئي، مون عملي سياست ڇڏي ڏني ھئي، پر پنھنجن لکڻين ۾ سياست تہ چالو رکيو پئي آيس.
سوال: ون يونٽ خلاف اديبن جيڪا تحريڪ ھلائي ان ۾ عملي طور بہ اوھان حصو ورتو ھيو؟
نجم: اديبن جيڪي ون يونٽ خلاف جلوس ڪڍيا، انھن مان ھڪ ٻن ۾ آئون بہ شريڪ ٿيس، جـن ۾ قاضي فيض محمد ھيو، مولانا غلام محمد گرامي ھو، ادبي سنگت جي بينر ھيٺ ٿيندڙ ميٽنگن ۾ بہ ويو ھئس.
سوال: توھان ٻڌايو آھي تہ مذھب جي باري ۾ اوھان جـو ذھن ڪليئر آھي پر زندگيءَ جي ٻين پاسن جي باري ۾ ڪيئن آھيو؟
نجم: مون ۾ فيصلي جي قوت گھٽ آھي، ڪنھن مسئلي تي فيصلي ڪرڻ ۾ دير لڳندي، ھڪدم ڪو فيصلو نہ ڪري سگھندو آھيان.
سوال: توھان ڪنھن فيصلي ڪرڻ وقت اوھين وڌيڪ "Optimist"

هوندا آهيو يا "Optimist"؟

نجم: "Optimist" آئون هميشه چڱي پاسي ڏسندو آهيان، ان پاسي ڏسندڙ کي هميشه گھٽو سوچڻو پوندو آهي، ان ڪري هرفيصلي کي اينگھائيندو آهي.

سوال: اوهان پنهنجي سياست جي حوالي سان پنهنجي لکڻين ۾ وڌيڪ سرگرم هيو يا Physically وڌيڪ سرگرم هيو؟

نجم: لکڻين ۾. عملي سياست ته مون پاڪستان ٺهڻ وقت ختم ڪئي، ان ڪان پوءِ عملي طور تي مان ڪنهن به پارٽيءَ جو ميمبر نه ٿيس. انهن جي گڏجاڻين ۾ نه ويس.

سوال: توهان پهريان چيو ته اوهان برٽرنڊرسل ڪان متاثر آهيو. اهو پنهنجي سوانح عمري ۾ لکي ٿو ته آئون شروع ڪان مذهب جي اثر هيٺ رهيو آهيان ۽ اوهين اهو به چئو ٿا ته هو مذهب جي معاملي ۾ ڪليئر آهي؟

نجم: مذهب ڪان متاثر سڀ ٿين. لاشعور ۾ مذهب جو واسطو هر ڪنهن وٽ ٿئي ٿو، مثال طور: "خدا چڱي ڪندو" جهڙا لفظ ائيسٽ به چوندا آهن.

سوال: ادب ۾ توهان کي ڪهڙين شين متاثر ڪيو؟

نجم: ڪهاڻين ۽ ناول. اهي مون ڏاڍا پڙهيا آهن. منهنجو لکڻ جو سبجيڪٽ به اهي آهن.

سوال: جڏهن ته برٽرنڊرسل بحث وڌيڪ ڪندو آهي؟

نجم: ها، هن جا خيال پڙهڻ سان وڌيڪ وڻندا آهن.

سوال: اوهان ڪراچيءَ ۾ اهڙي زماني ۾ رهيا آهيو، جڏهن ڪراچي فلمن جو وڏو مارڪيٽ هيو. اوهان فلمون ڏسندا هئا؟

نجم: تمام گهٽ ڏسندو هئس، پر صفا گهٽ.

سوال: پئسي گهٽ هئڻ ڪري يا فلمن جي Attraction نه هئڻ ڪري؟

نجم: پئسا به گهٽ هوندا هئا ۽ دل به ڪانه چوندي هئي.

سوال: ڪنهن اداڪار، اداڪاره يا هدايتڪار جي فلمن ۾ ڪنهن

سوال: ٻارن جو اوهان لاءِ پيار، اوهان جو رشتن ۾ ايمان پيدا نہ ڪيو؟

نجم: مان ٻارن سان پيار شروع کان ئي ڪندو هئس پر ان جو اظهار جو مسئلو هو. هڪڙا ماڻهو ٿيندا آهن Introwords، جيڪي اندر ئي اندر جذبا سنڀاليندا آهن ۽ ٻيا Extrowords جيڪي جذبن جو اظهار بہ ڪندا آهن. آئون اندر ئي اندر ۾ ٻارن سان پيار ڪندو هئس. آئون ٻارن کي چاهيندو بہ هئس پر ٻارن آڏو ظاهر نہ ڪري سگهيو هئس ۽ اڄ تائين بہ اهڙي حالت آهي.

سوال: اوهان جا ٻار اوهان کي اهو احساس نہ ڏيندا هئا تہ بابا اوهان اسان سان پيار نہ ٿا ڪيو، اهڙي محبت نہ ڪياٸون؟

نجم: نہ ٻارن سان محبت پيدا ٿي، ان ڪري هو بہ اهڙي محبت ڪري نہ سگهيا، آئون ٻارن سان گهرو نہ ٿي سگهيس ۽ اڄ ڏينهن تائين بہ گهرو نہ ٿيو آهيان.

سوال: توهان جا ڪا سمجهوتہ ويجهڙائپ، گهڙائپ ۽ دوستي ڪهڙن بنيادن تي ٽڪي ٿي؟

نجم: دوستي ۾ گهڙائپ ٿيندي آهي، هڪ ويجهو رهڻ سان ٻيو ذهني هڪجهڙائپ سان، ذهني هڪجهڙائپ واري دوستي مستقل ٿيندي آهي.

سوال: هڏو اٿئون تہ وچ ۾ اوهان صدمي سبب ڪتاب پڙهڻ ۽ گڏ ڪرڻ ڇڏي ڏنا هئا؟

نجم: ڪتابن کي سون ڪڏهن بہ نہ ڇڏيو آهي نہ پڙهڻ، نہ گڏ ڪرڻ، نہ لکڻ، ننڍي هوندي کان ڪتاب پڙهڻ شروع ڪيا اٿم، اڃا تائين پڙهندو اچان، ڪتاب گڏ ڪيا اٿم. هاڻ لائبريري ڦري ويا پناهگير، ان ڪري دل ڪني ٿي پئي هئي. نہ تہ گڏ ڪرڻ بہ نہ ڇڏيا هئم. ٢٨ ڪتاب منهنجا ڇپيا آهن. ڪتابن جا وڏا ڪيٽ هئا. انهن مان هڪ ۾ بہ هزار ڏيڍ هزار هئڻ کپن. ان حساب سان بہ ٨ هزار ڪتاب هئڻ گهرجن. ڪنهن کي بہ لائبريري ۾ وڃڻ نہ ڏيندو هئس. تالو هڻي ڇڏيندو هئم. گهر وارن

ڪي به وڃڻ نه ڏيندو هئم. ان ڏپ کان نه ڪتاب پڙهندا نه ميرا
ٿي ويندا. اهڙو شوق هئم. ڪتاب ساڙڻ کان ڪجهه بچي ويا. ڏاڍو
ذهني صدمو رسيو، ان واقعي سبب ته ڪتابن جي حالت اوهين
ڏسو ها ته عجب کائو ها. ان ۾ ائين پئي نظر آيو ڄڻ هڪ هڪ
ڪتاب کري کوليو اٿن، ڄڻ هنن کي شڪ هجي ته ڊاڪٽر
ڪتابن ۾ پئسا لڪائي رکندو آهي. پوءِ ان ڪتاب
ڪري اڇلايائون، پوءِ انهن کي تيلي ڏنائون.

سوال: توهان زندگيءَ ۾ ڪڏهن شراب پيتو؟

نجم: نه شراب پيتو اٿم، نه سگريٽ.

سوال: شراب نه پيئڻ جو سبب ڪهڙو آهي، ميڊيڪل گرائونڊ
يا مذهبي سبب؟

نجم: سبب مذهبي نه هو، ميڊيڪل هو، سون چکيو ئي ناهي ته
هن جي سواد جي ئي خبر ڪانهي. باقي ميڊيسن ۾ پڙهائيندا آهن
"شراب جا اثر" ان ڪري خبر اٿم. سگريٽ به ڪڏهن چپن تي
نه لڳايو اٿم. غريبن جا يار هئاسين انهن شين کان پري رهياسين. ☆

(ڪاوش ميگزين تان ورتل)

# سنڌي زبان جي مهان عوامي ڪهاڻيڪار

# ڊاڪٽر نجم عباسيءَ

## کان ادب، فن، سندس زندگيءَ ۽ موجوده صورتحال
## تي انٽرويو

### تعارف

[ڊاڪٽر نجم عباسي سنڌي زبان جو مهان عوامي
ڪهاڻيڪار آهي، جيڪو ٣٠٠ ڪهاڻين ۽ ناولن
۽ ٣٠ ڪتابن جو خالق آهي. گذريل ٽن سالن کان
فالج جي حملي جي ڪري هڪ هنڌ ويٺو آهي.
سندس جسم جو اڌ حصو وينديءَ دماغ ۽ زبان کان
پيرن تائين فالج جي ڪري مفلوج ٿي چڪو آهي؛
ان ڪري هو نه هلي چلي سگهي ٿو، نه ڳالهائي،
لکي ۽ پڙهي سگهي ٿو. هي زندگيءَ جو هڪ
وڏي ۾ وڏو عذاب آهي، جنهن کيس زندگيءَ جي
هر پر کان محروم ڪري ڇڏيو آهي. جنهن ڪري
سندس زندگي رات ڏينهن، هفتا ۽ مهينا ويندي
سال ايئن بيماريءَ ۾ گذري رهيا آهن. هن عظيم
انسان ۽ اديب ڏانهن نه سرڪار سڳوريءَ جو
ڪو ڌيان ڏو وڃي ۽ نه ڪنهن سنڌ جي سياسي
۽ سماجي ڌر جو ئي توجهه ڏنو ٿئي. جيتوڻيڪ
ڊاڪٽر نجم عباسي صاحب ملڪ ۽ سنڌ جي مختلف
ڊاڪٽرن ۽ ويڄن کان علاج ڪرائيندو، ستيون
ڌڪيون وٺندو رهيو آهي، پر پوءِ به هو اٿي هلڻ
چلڻ، ڳالهائڻ ۽ لکڻ پڙهڻ جوڳو ٿي نه سگهيو آهي

انهن پن ٽن سالن جي وچ ۾ جڏهن به سندس زبان، دماغ ۽ ساڄي هٿ ٿورو به ڪم ڪيو آهي ته هن وري لکڻ شروع ڪيو آهي. پر هن وقت هو لفظن کي زبان سان ڇڙري ڇڙري پوءِ ٿو ڪڍي.
اسان ساڻس جڏهن هي انٽرويو ڪيو، تڏهن به هو پنهنجا لفظ پوريءَ ريت ادا نٿي ڪري سگهيو. ٿورو ڳالهايائون ٿي ته سندن دماغ ۽ زبان ساٿ ڇڏيو ٿي ويا. پر جيئن ته هو رات ڏينهن هڪ ئي کٽ تي ويٺي ۽ ستي بيزار ٿي پوندو آهي، انڪري چاهيندو آهي ته ڪي علم ۽ ادب دوست ساڻس ويهي ڪچهري ڪن ته جيئن سندس وقت گذارڻ واريءَ بوريت ۾ گهٽتائي ٿيندي رهي.
اسان ساڻس به چار ڪلاڪ ڪچهري به ڪندا رهياسون ۽ هي انٽرويو به ڪندا رهياسون. ڳالهين ڪندي پاڻ ٻڌايائين ته هڪ ادبي اجلاس ۾ مون کي ڪجهه دوست وٺي ويا هئا، ان اجلاس ۾ سنڌ جي خزاني جو وزير لياقت جتوئي ۽ اسماعيل راهو به آيل هئا، جن ڪان جلسي ۾ مطالبو ڪيو ويو ته منهنجو ٻاهرين ملڪ ۾ علاج ڪرايو وڃي. جنهن جي موٽ ۾ لياقت جتوئي ۽ اسماعيل راهو سون وٽ آيا ۽ يقين ڏياريائون ته اسان توهان جي علاج لاءِ ڪوشش ڪنداسون. پر اڄا تائين ها يا نه جو ڪو جواب ڪونه آيو آهي. پر خبر نه آهي ته وزيرن کي ڳالهه وسري وئي يا جيڪو واعدو ڪبو آهي نه ضروري نه آهي ته ان کي وفا جو پاڻي به پياريو وڃي.
اسان هن عظيم ڪهاڻيڪار جي هن ڪسمپرسيءَ واريءَ حالت ۾ محترم لياقت جتوئي ۽ محترم

اسماعيل راهوءَ کي پنهنجو وعدو ياد ڏياريندي گهر ٿا ڪريون ته ڊاڪٽر نجم عباسيءَ کي علاج لاءِ هڪدم ٻاهر موڪليو وڃي، ته جيئن سنڌي زبان جو هي محترم ۽ مهان اديب زندگيءَ جا وري ڪي صحتمند ڏينهن گذاري سگهي ۽ اسان کي، اسان جي قوم کي ۽ اسان جي ٻوليءَ کي پياريون، محبوب ۽ بهترين لکڻيون لکي ڏئي سگهي، ائين نه ٿئي جو استاد بخاريءَ وانگر هڪ ڏينهن هيءُ عظيم انسان به اسان کان جدا ٿي وڃي ۽ پوءِ مان رڳو ويٺا تعزيتي اجلاس ڪريون ۽ اخباري بيان ڪيون خدارا پنهنجي عظيم قلمڪارن ۽ فنڪارن جو سندن جيئري ئي قدر ڪريو نه ته اسان جيئرن جي بجاءِ مُردن جي پوڄا ڪندڙ قوم ته اڳ ئي ميجيل ۽ مشهور ٿيل آهيون. اسان سرڪار کان پرزور لفظن ۾ وري به مطالبو ٿا ڪريون ته ڊاڪٽر نجم عباسي جي زندگيءَ کي بچايو وڃي ۽ ڪيس هڪدم علاج لاءِ ٻاهر موڪليو وڃي.

سوال: سائين نجم صاحب: توهان پهريـن اسان کي پنهنجيءَ ذاتي زندگيءَ جي باري ۾ ٻڌايو ته ڪٿي ڄاوا، پڙهيا، ۽ پوءِ ادب جي دنيا ۾ ڪيئن داخل ٿيا؟

جواب: مان ڳوٺ خانواهڻ ۾ ڄايس، جيڪو تعلقي ڪنڊياري ۽ ان وقت جي ضلعي نوابشاهه ۾ هو. پرائمري تعليم مون خانواهڻ جي پرائمري اسڪول ۾ ورتي. مئٽرڪ هاءِ اسڪول نوابشاهه مان ڪيم، تنهن کان پوءِ ڪراچيءَ ۾ سائنس ڪاليج ۾ پڙهيس ۽ ميڊيڪل تعليم ڊو ميڊيڪل ڪاليج ڪراچيءَ ۾ ورتم. پنج ڇهه سال سرڪاري نوڪري به ڪيم، جنهن تان استعفيٰ ڏئي ڇهه- پنجٽيهه سال پرائيويٽ پريڪٽس ڪيم ۽ هاڻي بيمار پيا آهيون،

بستري تي بيڪار ڪنهن نه ڪم جا رهيا آهيون.
سوال: توهان ادب ۾ ڪيئن ۽ ڪڏهن پير پاتو؟
جواب: مون ادب ۾ شاعريءَ جي معرفت پير پاتو، هاءِ اسڪول نوابشاهه ۾ مشاعره ٿيندا هئا. انهن مشاعرن ۾ شاگرد ۽ استاد ٻئي حصو وٺندا هئا، ڪا هڪڙي مصرع ڏني ويندي هئي، جنهن تي سڀئي شاعر پنهنجو پنهنجو شعر لکي ڪٺي ايندا هئا. اسان جونيئر شاگرد هوندا هئاسون. جيڪي سينيئر شاعرن کان شاعريءَ جو فن سکندا هئاسون. اسان وٽ شاعرن جي تنظيم جو نالو 'بزم مشاعره' هو. جنهن جو آخري سالن ۾ سيڪريٽري هيس. پر ميٽرڪ کان پوءِ مون کان شاعري ڇڏائي وئي، مون ڏاڍي ڪوشش ڪئي ته شاعري ڪريان، پر اصل ڪري ڪو نه سگهيس. ان وقت جيڪا به شاعري ٿيندي هئي. ان ۾ گهڻو ڪري گل ۽ بلبل جي ڳالهه ضرور ٿيندي هئي، جي تشبيهون ايراني ماحول جون هونديون هيون. مون ان وقت جيڪا شاعري ڪئي، ان کي جڏهن اڄ مان ڏسان ٿو ته جيتوڻيڪ منهنجي اها شاعري ٻاراڻي آهي، پر ان ۾ عشق محبت سان گڏوگڏ قومي شاعري به آهي، ان وقت اسان تي پاڪستان ۽ اسلام جو تصور وڌيڪ ڇانيل هو. پر پوءِ به مون پنهنجي شاعريءَ ۾ قائداعظم جو ذڪر سنڌي هجڻ جي حوالي سان ڪيو آهي.
سوال: توهان شاعريءَ کان ڪهاڻين طرف ڪيئن آيا؟
جواب: مون پنهنجو پهريون شعر ۱۹۴۰ع ۾ لکيو هو ۽ مون پنهنجي پهرين ڪهاڻي ۱۹۴۴ع ۾ لکي هئي. مان هڪ محفل ۾ ويٺو هوس، جتي ٻين ماسترن سان گڏ منهنجو والد به ويٺو هو. جيڪو پڻ ماستر هو، ان محفل ۾ ڳالهين ڪندي، هڪڙي ماستر هڪڙي حاجيءَ جو واقعو ٻڌايو، اهو واقعو مون کي اهڙو وڻيو، جو مون گهر اچي ان کي ڪهاڻيءَ جي شڪل ۾ لکيو ۽ اها منهنجي پهرين ڪهاڻي هئي. جنهن ڪهاڻيءَ جو مون 'حاجي جي همت' نالو رکيو هو، اها ڪهاڻي ايتري ته سٺي هئي، جو ان وقت جي مشهور ترين

رسالي "نماهي مهراڻ" ۾ ڇاپي وئي.

سوال: توهان پنهنجي شروعاتي شاعري ۽ ڪهاڻيون اڄوڪي ترقي پسند نقط نظر کان لکندا هئا يا جيڪو ان وقت پراڻو فڪري لاڙو موجود هو، ان مطابق لکندا هئا؟

جواب: شعوري طور ڪو به لاڙو ڪونه هو. پر شعر توڙي ڪهاڻيون مقصد واريون هونديون هيون. مون منڍ ۾ جيڪي داستان جي نموني واريون ڪهاڻيون لکيون آهن، تن ۾ به قومي ۽ طبقاتي عنصر موجود آهي.

سوال: توهان تي اهو قوميت جو اثر ڪنهن جي اثر ۾ رهڻ جي ڪري پيو يا ڪتابن وغيره پڙهڻ کان پوءِ ٿيو؟

جواب: هڪ ته فطري هو، ٻيو ته اسان جي اسڪول جو ڪجهه ماحول اهڙو هو، اتي سنگت سات ۽ ماستر اهڙا هئا، جيڪي اهڙيون قومي قسم جون ڳالهيون ڪندا هئا. جيتوڻيڪ پاڪستان اڃان ٺهيو ڪونه هو، پر سياسي ڳالهيون ٿينديون رهنديون هيون، جن ۾ اسان به دلچسپي وٺندا هئاسون، جنهن جي ڪري اسان جي شاعريءَ ۽ ڪهاڻين ۾ اهو عنصر ايندو ويو.

سوال: ان وقت ته مسلم ليگ، مذهب ۽ پاڪستان وارو لاڙو وڌيڪ هو، پر ان سان گڏ ترقي پسند لڏو به موجود هو. ان وقت توهان جو لاڙو مسلم ليگي فڪر ڏانهن وڌيڪ هو يا ترقي پسند ۽ قوم پرست فڪر ڏانهن وڌيڪ هو؟

جواب: منهنجو کاٻيءَ در ڏانهن لاڙو وڌيڪ هو.

سوال: توهان باقائدي ترقي پسند نقطه نظر ڪڏهن کان اختيار ڪيو؟

جواب: ون يونٽ کان پوءِ ترقي پسند ۽ قوم پرست فڪر ۾ واڌ به آئي ۽ مون باقاعده ترقي پسند ۽ قوم پرست فڪر کي اڳيان رکي لکڻ شروع ڪيو. ان کان اڳ، سماجي برائين جي خلاف لکندو هوس. پر ون يونٽ کان پوءِ اڄ تائين مان شعوري طور ترقي پسند ۽ قوم پرست لاڙي هيٺ لکي رهيو آهيان، جن ۾ طبقاتي ڏاڍ جي خلاف به لکان ٿو. قومي جبر جي خلاف به لکان ٿو ۽

سياسي شعور ڏيندڙ ڪهاڻيون به لکان ٿو.

سوال: ان جا به ڪي ڪارڻ هوندا. ڪا اهڙي صحبت ملي هوندي يا ڪي ڪتاب وغيره پڙهيا هوندا؟

جواب: ڪتاب ڏاڍا پڙهيا اٿم، پر هن وقت ذهن ڪم ڪونه ٿو ڪري ۽ نه حافظو ساٿ ٿو ڏي. [نجم عباسي صاحب جي دماغ کان وٺي پيرن تائين اڌ جسم تي فالج آهي، ان ڪري سندس حافظو ۽ ذهن پوريءَ ريت ڪم نه ٿا ڪن.]

سوال: توهان جي ڪهاڻين لاءِ ڪن نقادن جو چوڻ آهي ته انهن ۾ ڪهاڻيءَ وارو فن ڪونه آهي. ان لاءِ توهان جو ڇا چوڻ آهي؟

جواب: مان مقصد واريون ڪهاڻيون لکندو آهيان ۽ منهنجي نظر ۾ فن اهو آهي، جيڪو منهنجي انهيءَ مقصد کي پڙهندڙن جي اڳيان چٽو ۽ واضح ڪري ۽ پڙهندڙن کي سمجهائي سگهي. انهيءَ ڪري مان ڪهاڻيءَ جي اندر جنهن مقصد کي سمائيندو آهيان ۽ جا ڳالهه انهيءَ مقصد کي چٽو ٿي ڪري، اهوئي منهنجي نظر ۾ سڀ کان وڏيڪ سگهارو فن آهي.

سوال: ڪجهه اديب توهان جي ڪهاڻين تي اعتراض اٿارين ٿا ته انهن ۾ گهرائي به ڪانه آهي؟

جواب: هڪ دوست مون کي منهنجي منهن تي چيو ته ”توهان جي ڪهاڻين ۾ گهرائي ڪانهي.“ مون کيس چيو ته ”تنهنجي گهرائيءَ مان مراد ڇا آهي؟“ ته هو خود هڪو ٻڪو ٿي ويو ۽ منجهي پيو ته ڇا چوي. مون کي خبر نٿي پوي ته جيڪي دوست چون ٿا ته منهنجين ڪهاڻين ۾ گهرائپ ڪانه آهي، شايد تن کي خود به خبر ڪانه آهي ته گهرائپ ڇا ٿيندي آهي. جڏهن ته اصل ۾ مقصد ئي هوندو آهي. جنهن کي ڪا معنيٰ ۽ مطلب هوندو آهي. جڏهن ته ڪهاڻيءَ لاءِ ضروري هوندو آهي ته ان لاءِ ڪو پلاٽ هجي ۽ اها پوريءَ ريت پڙهندڙن کي سمجهه ۾ اچي سگهي، جنهن مان پڙهندڙ سمجهي وڃي ته ڪهاڻيڪار ڪهاڻيءَ ۾ چوڻ ڇا ٿو چاهي. باقي اجايون سجايون گول مول ڳالهيون منهنجي خيال ۾

ڪهاڻين ۾ نه هجڻ گهرجن. ڇو ته پڙهندڙ کي ڪهاڻيءَ جي اندر جڏهن ڪا ڳالهه سمجهه ۾ نه ايندي ته هو ڪهاڻي پڙهڻ کان پوءِ ڪهاڻيڪار کي گهٽ وڌ چئي سرڳو ڪتاب کي ئي اڇلائي ڇڏيندو، اهوئي سبب آهي جو آئون اهڙين ڪهاڻين جي لکڻ کان شعوري طور پاسو ڪندو آهيان.

سوال: ڪن ماڻهن جو چوڻ آهي ته توهان جون ڪهاڻيون رڳو ابتدائي ريڊر (پڙهندڙ) پيدا ڪرڻ لاءِ آهن. ان لاءِ توهان ٻڌايو ته کهڙين ڳالهين کي اڳيان رکي پوءِ ڪهاڻيون لکندا آهيو؟

جواب: مون جو ڪجهه لکيو آهي، ان مان گهڻو ڪجهه مون پڙهندڙن جي خطن کي اڳيان رکي لکيو آهي. پڙهندڙ سدائين مون کي خط لکندا رهندا آهن ۽ منهنجن ڪتابن تي پنهنجون ٽيڪا ٽپڻيون ۽ رايا ڏيندا رهندا آهن. جن مان ڪي لکندا آهن ته اسان کي توهان جي فلاڻي يا فلاڻي ڪهاڻيءَ جي ٻولي وڻي آهي. نقطه نظر وڻيو آهي ۽ ان جو مقصد يا پيغام پوريءَ ريت سمجهه ۾ آيو آهي. آئون جيئن ته پڙهندڙن جي خطن مان وڌيڪ اتساهه وٺندو آهيان، ان ڪري آئون پنهنجين ڪهاڻين جي اندر جا به ڳالهه ڪندو آهيان، سا سنئين سڌي ڪندو آهيان. جيڪا منهنجي پڙهندڙن کي چڱيءَ ريت سمجهه ۾ اچي ويندي آهي، ڇو ته مان پنهنجن پڙهندڙن کي سامهون رکي پوءِ لکندو آهيان. منهنجا پڙهندڙ ٿورا پڙهيل هوندا آهن. هنن ۾ ماستر به هوندا آهن، ڪلارڪ به هوندا آهن، هاري مزدور ۽ شاگرد به هوندا آهن ۽ آئون به انهن لاءِ ئي لکندو آهيان. جيئن ڳالهه انهن کي سمجهه ۾ اچي وڃي ۽ منهنجي لکت کي سمجهي وڃن. پر اها حقيقت آهي ته آئون نقادن جي چوڻ موجب ڪونه لکندو آهيان. بلڪ ڪي ماڻهو منهنجن لکڻين تي اهڙي تنقيد ڪندا آهن، جيڪا خود مون کي به سمجهه ۾ ڪانه ايندي آهي ان جي ابتڙ مون وٽ جيڪي خط ايندا آهن، انهن ۾ پڙهندڙ خواهشون ڪندا آهن ته فلاڻي يا فلاڻي قسم جون ڪهاڻيون لکڻ کپن ۽ فلاڻي جي زندگي هن نوعيت جي آهي

۽ قلاٽي زندگي هيئن گذاري آهي. مون وٽ خطن جا اهڙا پنج ست فائيل آهن، جن ۾ ماڻهن خط لکي مون کي همتايو آهي تہ آئون انهن مسئلن تي ڪهاڻيون لکان ۽ مون اهي لکيون آهن.

سوال: توهان جي لکڻين تي ڪا اهڙي تنقيد ٿي هجي، جنهن تي توهان ناراض ٿي جواب ڏنو هجي؟

جواب: اهڙي تنقيد منهنجي نظر مان نہ گذري آهي.

سوال: سنڌ ۽ عالمي ادب ۾ توهان جي پسند جو اهڙو ڪهاڻيڪار، جنهن کان توهان متاثر ٿيا هجو ۽ پوءِ توهان ان جي ڍنگ تي ڪهاڻيون لکيون هجن؟

جواب: امر جليل ۽ آغا سليم کان سواءِ سنڌ ۾ ڪو اهڙو ڪونہ آهي، ٻاهرين ۾ چيخوف يا سامرسيٽ آهي، جيڪو مون کي ڏاڍو وڻندو آهي. يا موپاسان آهي.

سوال: اهي ڇا جي ڪري توهان کي وڻندا آهن؟

جواب: اهي ڪهاڻين جي پلاٽ جي چونڊ جي ڪري وڻندا آهن، پر انهن جي ڪهاڻين ۾ جيڪو مواد هوندو آهي، ان حوالي سان مون کي ڪو خاص مزو ڪونہ ڏينديون آهن. ڇاڪاڻ جو انهن ڪهاڻين ۾ جن مسئلن کي آندو ويندو آهي، سي انهن جا پنهنجا آهن. ۽ ماڻهن جي جيڪا نفسيات پڌائي ويندي آهي، سا بہ انهن جي پنهنجن ماڻهن جي هوندي آهي. پر جيئن اسان جي ماڻهن جي نفسيات الڳ آهي ۽ انهن جي ماڻهن جي نفسيات الڳ آهي، تيئن انهن جا مسئلا الڳ آهن ۽ اسان جا مسئلا الڳ آهن. ان خيال کان مون کي وري بہ سنڌي ڪهاڻي وڌيڪ وڻندي آهي. اهو ان ڪري جو انهن ۾ آندل يا اڻاريل مسئلا پنهنجن سنڌي ماڻهن جا هوندا آهن ۽ نفسيات بہ سنڌي ماڻهن جي بيان ٿيل هوندي آهي.

سوال: جيئن سنڌي ڪهاڻيءَ جي ميدان ۾ گذريل دور جا سٺا ڪهاڻيڪار آهن، جيئن امر جليل، آغا سليم، جمال ابڙو يا نسيم کرل وغيره آهن يا توهان آهيو، تيئن نئين ٽهيءَ ۾ انهيءَ پائي جو ڪو بہ ڪهاڻيڪار ايري ڪونہ سگهيو آهي. توهان جي خيال ۾

ان جا ڪهڙا سبب آهن؟

جواب: مان توهان جي انهيءَ سوال سان متفق ڪونه آهيان. ڇو ته ڪيترائي سنڌي نوجوان آهن، جيڪي نـوان ۽ شروعاتي ليکڪ آهن، پر پراڻن کان وڌيڪ سٺو لکي رهيا آهن، جن ۾ طارق قريشي، جان خاصخيلي، پرويز دڙي وارو آهي يا بانو محبوب آهي، رحمت الله ماڇوڻي ۽ ٻيا به ڪافي آهن. جيڪي تمام سٺو لکن ٿا. پـر ڪين همٿايو نه ٿو وڃي.

سوال: توهان جو اهو چوڻ ته ٺيڪ آهي ته نون مان ڪي ڪهاڻيون تمام سٺيون ٿا لکن، پر اهي ڪهاڻين سان لاڳيتو نباهه نٿا ڪري سگهن؟

جواب: انهن جـي اڃان شروعات آهـي، جيئن جيئن محنت ڪندا ويندا، تيئن وڌيڪ گهرو لکندا ويندا. فن به وڌيڪ نکرندو ويندو. ٻيو ته جهونن مان ڪن ڪي نـه مان ڪهاڻيڪار ئي ڪونه ٿـو ميڃان. جيئن جمال ابڙو آهي، جنهن سال ڏيڍ جي اندر ڪڏهن به ايتريون ڪهاڻيون ڪونه لکيون آهن، جو انهن مان ڪو ڪتاب ڇپجي سگهي. ان ڇاليهه سال اڳ ڪجهه ڪهاڻيون لکيون ۽ ان کان پـوءِ ماٺ آهي ۽ هڪ ڪتاب کان وڌيڪ ان ٻيو ڪو بـه ڪتاب ڪهاڻين جو ڪونه لکيو آهي ته اهڙي ماڻهوءَ کي ڪهاڻيڪار ڪو ڪيئن ٿو چئي سگهي. فن هڪ سلسلو ٿـو گهري. جڏهن ته سنڌ ۾ سنڌي ماڻهن سان روز نئين سڄ نوان مسئلا اڀرندا رهن ٿا. جن تي ڪين لکڻ کپي. پر هو ڪونه ٿا لکن. ۽ ماٺ ڪري ويهي رهيا آهـن. تنهن ڪري آئـون ڪين ڪهاڻيڪار مڃڻ لاءِ تيـار ڪونه آهيان.

سوال: تازو ڪهاڻي ڪانفرنس ۾ نقادن چيو ته: ”سنڌي ڪهاڻيءَ کي گولي هڻڻين وئي آهي.“ ان کان سواءِ ’ساڃاهه‘ کي انٽرويو ڏيندي مير محمد پيرزادي چيو آهي تـه سنڌي ڪهاڻي ۽ شاعري تباهه ٿي رهي آهي. توهان جو ان باري ۾ ڇا چوڻ آهي؟

جواب: مان انهن ڳالهين سان متفق ناهيان، ڪهاڻي جيئري آهي

۽ جيئري رهندي ۽ لکجي رهي آهي. ۽ وڌي ويجهي رهي آهي ۽ وڌندي رهندي. سنڌي ڪهاڻي منهنجي ڪان آهي. پر جيڪي چون ٿا ته سنڌي ڪهاڻي مري وئي آهي، انهن رڳو انگريزي ناول پڙهيا آهن. جيئن هڪ پراڻي ڪهاڻيڪار عبدالقادر جوڻيجي چيو آهي ته: ”ٻي عالمي جنگ کان پوءِ جيڪو ماڻهن ۾ نفسياتي دٻاءُ پيدا ٿيو، اهو ناول کان سواءِ مختصر ڪهاڻيءَ ۾ نٿي اچي سگهيو. ۽ ڪهاڻيءَ جي موجوده جاءِ سوڙهي ٿي وئي. جنهن جي ڪري ڏڪا ڏڪ ناول لکيا ويا.“ هن اها يورپ جي ڳالهه ڪئي آهي. ۽ ان يورپ جا ناول پڙهي پوءِ اهو اندازو قائم ڪيو آهي، ته هتي اسان وٽ به ائين ٿيو آهي، جڏهن ته هتي اسان وٽ سواءِ ٻن ٽين ناولن جي ٻيا ڪي به ڪونه لکيا ويا آهن، ٻيو ته اسان تي جنگ جو ڪو به نفسياتي دٻاءُ ڪونه پيو هو. اسان به جنگ جي زماني ۾ جيئرا هئاسون، پر ماڻهن تي جنگ جو ڪو خاص دٻاءُ ڪونه هو. جو ليکڪن ڪهاڻين ڪي ڇڏيو هجي ۽ ناول لکيا هجن. پر هتي ناولن لکڻ جو ليکڪن کي موقعو ئي ڪونه هو، ۽ نه وري اسان وٽ ڪي فل ٽائيم ليکڪ آهن. ان کان سواءِ جيڪڏهن ناول لکجن به ته انهن جي ڇاپڻ جو مسئلو آهي. ڪهاڻي ته ڪنهن اخبار يا رسالي ۾ ڇپجي به وڃي ٿي. پر ناول ڇاپڻ لاءِ خاص پبلشرن جي ضرورت هوندي آهي. اهوئي سبب آهي، جو ٽي چار ناول سراج لکيا، ۽ ٻه ٽي ناول مون لکيا آهن. يا ڪو هڪ اڌ قاضي خادم لکيو هجي. جڏهن ته دنيا ۾ داستان کان پوءِ، ناول ۽ ناول کان پوءِ شارٽ اسٽوري لکي وئي آهي. پر اسان وٽ شارٽ اسٽوري داستان کان پوءِ سڌي لکي وئي آهي ۽ ماڻهن کي پڙهڻ لاءِ ملي آهي. پر ناولن تي ڌيان ڪونه ڏنو ويو آهي. ان ڪري اهو چوڻ ته ٻي عالمي جنگ کان پوءِ نفسياتي دٻاءُ جي ڪري هتي ڪهاڻي نه پر ناول لکيا ويا آهن. اهو سراسر غلط آهي. هتي اسان وٽ ناول لکڻ وارو دؤر ئي ڪونه آيو آهي، ته پوءِ انهن جي لکجڻ جي ڳالهه ڪيئن ٿي ڪئي وڃي يا ان کي اهميت ڇو ٿي ڏني وڃي.

هڪ ناول ۾ ليکڪ جدا جدا مضمون کڻي لکندو آهي، پر ڪهاڻيءَ ۾ صرف هڪڙي مضمون کي کڻي لکي ويندي آهي.

سوال: قصي، ناول ۽ ڪهاڻيءَ لاءِ چيو وڃي ٿو، ته قصو غلامانه سماج جي پيداوار آهي، ناول ڄهندڙ جاگيرداري دور جي پيداوار آهي ۽ ڪهاڻي اسرندڙ صنعتي دور جي پيداوار آهي؟

جواب: توهان جيڪا ڳالهه ڪئي، ان کي آئون صحيح ٿو سمجهان، ۽ اها ڳالهه صحيح آهي ته شارٽ اسٽوري اسرندڙ صنعتي دور جي پيداوار آهي. اهڙي دور ۾ ماڻهن کي پڙهڻ لاءِ وقت ٿورو ٿو ملي، جڏهن ته ناولن پڙهڻ لاءِ ڏينهن جا ڏينهن کپن. ناول ڏکھو ٿو ٿئي. مون ٽالسٽاءِ ۽ دوستووسڪيءَ جا ناول پڙهيا آهن. جيڪي اڳيان پڙهبا وڃبا آهن ته پنيان وسرندا ويندا آهن. ان ڪري ناول کي سلسليوار پڙهڻ ڏاڍو ڏکيو آهي ۽ نه وري ماڻهو ايترا واندا آهن ۽ نه اڄ يورپ وارا ئي ايترو واندا آهن. جو ويهي ناول پڙهن، خبر ناهي ڇو ناولن کي ايڏي اهميت ڏني پئي وڃي.

سوال: اهو برابر آهي ته جاگيرداري دور ۾ ماڻهو واندا هوندا هئا، ان ڪري وڏا قصا ۽ ناول پڙهندا هئا پر....

جواب: اسان ننڍي هوندي، ڏکها ناول ۽ قصا پڙهندا هئاسون، جيڪي مزو به ڏيندا هئا. پر هاڻي آئون ڪو به ڏکھو ناول اڳيان پڙهندو ويندو آهيان ۽ پنيان وسرندو ويندو آهي. پنيان جيڪي به پلاٽ يا ڪردار هوندا آهن. سي وسري ويندا آهن. ان ڪري منهنجو نقطئه نظر آهي ته ناول ۾ جيئن ته مختلف موضوع ٿين ٿا، جن کي الڳ الڳ ڪهاڻين جي شڪل ۾ لکيو وڃي ته بهتر آهي. جن کي ماڻهو پڙهندا ته سهي. اهوئي سبب آهي جو اسان وٽ قصي کان پوءِ سڌو شارٽ اسٽوريءَ جي لکڻ جو رواج پيو آهي. پر جيئن يورپ ۾ ناول لکيو ويو، تيئن اسان وٽ ڪونه لکيو ويو آهي. جنهن جو هڪڙو سبب اهو آهي، جو ناول جو لکندڙ به ڪونه هئا، پڙهندڙ به ڪونه هئا ۽ ڇاپيندڙ به ڪونه هئا. ڇاڪاڻ جو اسان وٽ نه لکڻ وارن وٽ ٽائيم هو، نه پڙهڻ وارن وٽ ٽائيم هو

۽ نه ڇاپڻ جو بندوبست هو. ان کان سواءِ جنگ جو جيڪو نفسياتي دٻاءُ يورپ وارن وٽ هو، سو اسان وٽ ڪونه هو، تنهن ڪري اسان وٽ ناول گهٽ لکيا ويا آهن، جيڪڏهن ڪي لکيا ويا آهن ته به ايڏا طويل نه پر مختصر آهن.

سوال: توهان جي ڪهاڻين تي الزام آهي ته انهن ۾ جنسي پهلوءَ کي وڌيڪ اگهاڙو ڪيو ويو آهي ۽ اها فحاشي آهي؟

جواب: مون هڪڙي اهڙي ڪهاڻي لکي هئي، جيڪا (مرحوم) طارق اشرف ڇاپي هئي. جنهن تي سراج صاحب تنقيد ڪئي هئي، جنهن کي مون به صحيح سمجهيو هو ته واقعي ان جي اها تنقيد سچي آهي ۽ ان کان پوءِ مون ڪا به اهڙي ڪهاڻي ڪانه لکي آهي. جنهن تي ڪو فحاشيءَ جو الزام لڳو هجي.

سوال: ادب ۾ جنس جو دخل ته هڪ حقيقت آهي ۽ ان کي سچي عالمي ادب ۾ لکيو ويو آهي ڏو ته پوءِ اعتراض ڇو هجڻ گهرجي؟

جواب: پر مون واري اها ڪهاڻي واقعي اهڙي هئي، ڇو ته ڪهاڻيءَ جي اندر سيڪس جو تفصيل ڏيڻ فحاشي آهي. عورت ۽ مرد جي ميلاپ جي تفصيل کي وائکو ڪري لکجي ۽ تفصيل سان بيان ڪجي ته اها فحاشي آهي. جيڪو مون پنهنجيءَ ان ڪهاڻيءَ ۾ ڏنو هو. جنهن کي (مرحوم) طارق اشرف خبر ناهي ته ڪهڙي خيال کان ڇاپي ڇڏيو. جڏهن ته هن وٽ منهنجون پيون ته ڪهاڻيون هيون. جيڪي ان مون کي واپس ڪيون هيون. پر ان کان پوءِ مون اهڙي ڪهاڻي لکڻ کان بس ڪري ڇڏي آهي.

سوال: توهان جو هڪ ناول 'پيار ـ ڪهاڻي' آهي، ان ۾ به توهان جنس تي لکيو آهي؟

جواب: ان ۾ رواجي جنس جو ذڪر آهي. ڇوڪر ۽ ڇوڪريءَ جي وچ ۾ جيڪي رواجي تعلقات ٿين ٿا، ان کان وڌيڪ مون ان ناول ۾ نه ڏنو آهي.

سوال: توهان اڄ تائين ڪيتريون ڪهاڻيون لکيون آهن، ۽ ڪهاڻين ۽ ناولن جا ڪيترا ڪتاب ڇپيا آهن؟

جواب: مون ڪل ٽي سئو ڪُن ڪهاڻيون لکيون آهن، جن مان تمام گهڻيون ڇپجي چڪيون آهن. ان کان سواءِ ٽي ناول لکيا آهن ۽ ٢٨ ڪتاب ڇپيل آهن.

سوال: توهان اهي خوشنصيب اديب آهيو، جنهن جي ناولن ۽ ڪهاڻين جا ڪتاب گهڻي قدر ڇپجي چڪا آهن؟

جواب: اصل ۾ آئون هڪ اهڙو سنڌي ڪهاڻيڪار ۽ ناول نويس يا ليکڪ آهيان، جنهنجا سڀ ڪتاب ٻين ماڻهن ۽ پبلشرن ڇپايا آهن. مون پنهنجو هڪڙو ڪتاب به پنهنجي خرچ تي ڪونه ڇپايو آهي. منهنجا ٢٨ ڪتاب اهڙا آهن، جيڪي سڀ مختلف ماڻهن پنهنجي خرچ تي ڇپرايا آهن، ۽ اهو مون لاءِ هڪ اعزاز آهي.

سوال: توهان جي نظر ۾ ان جا ڪهڙا سبب آهن؟

جواب: ڇاڪاڻ ته انهن کي پڙهندڙ ۽ خريد ڪندڙ ملي ٿا وڃن، ان ڪري مارڪيٽ ۾ جلدي کپي ٿا وڃن. اهوئي سبب آهي، جو پبلشر مون کان منهنجا ڪتاب وٺي وڃي ڇاپين ٿا.

سوال: ته پوءِ توهان تي اهو الزام ته غلط ثابت ٿي ٿو وڃي ته توهان ڪهاڻيون فن جي دائري اندر نٿا لکو؟

جواب: اها ڳالهه کي نقاد ٿا ڪن. پر عام پڙهندڙ ڪونه ڏا ڪن. پڙهندڙ پنهنجن خطن ۾ مون کي جيڪي صلاحون ڏيندا آهن، آئون انهن کي اڳيان رکي پوءِ ڪهاڻيون لکندو آهيان. هونءَ به ڪهاڻين جو معيار پڙهڻ واري وٽ هڪڙو ٿيندو آهي ۽ نقاد وٽ ٻيو ٿيندو آهي. ڇو ته نقاد وٽ فن جو معيار هڪ عجيب ۽ غريب ٿيندو آهي. جيڪو پڙهندڙ وٽ نه هوندو آهي. پر آئون پڙهندڙن جي معيار مطابق لکندو آهيان.

سوال: هونءَ توهان جي پنهنجي نقطهءِ نظر مطابق فن ڇا آهي ۽ ان جي لکڻيءَ ۾ اهميت ڪيتري آهي؟

جواب: ڪهاڻيءَ جو فن اهو آهي ته ڪهاڻي، ڪهاڻي لڳي. ماڻهو پڙهندي بور نه ٿين. جڏهن ڪهاڻي ختم ٿئي ته ماڻهو سمجهي وڃي ته ڪهاڻي ڇا آهي، پر جي ڪهاڻي پڙهڻ کان پوءِ پڙهندڙ منجهي

پوءِ ته اها ڪهاڻي هئي يا پرولي هئي ۽ ڪتاب کي اپلائي چوي ته وڃي ڏوڙ پائي ۽ ٻه چار ٻلتار ڪهاڻيڪار کي ٻه ڏئي ڇڏي ته مان ان کي فن ڪونه چوندس ۽ نه اهو فن آهي.

سوال: توهان ادب ۾ جماليات جا ڪيتري قدر قائل آهيو؟

جواب: ادب ۾ جماليات ضروري آهي. سهڻي ٻولي هجي، سهڻا لفظ هجن. سهڻيون تشبيهون هجن. سهڻا پهاڪا ۽ سهڻو پلاٽ هجي.

سوال: ادب ۾ رومان ڇا آهي؟

جواب: ادب ۾ رومان خيال پرستي آهي ۽ ادب ۾ خيالي ڳالهيون ڪرڻ رومان پسندي آهي.

سوال: ڪراچي سنڌي ادبي سنگت طرفان ڪرايل ليڪچر ۾ ممتاز مهر چيو ته سنڌي ادب جي تباهيءَ جو ڪارڻ سياست آهي ۽ سنڌي ادب وڏي ۽ ويجهي ان ڪري نٿو سگهي، جو ان کي سياست جي تابع رکيو ويو آهي، سنڌ ۾ هن وقت اهو بحث جو موضوع آهي ته ادب کي سياست کان الڳ ڪيو وڃي. توهان جي ان بابت ڇا راءِ آهي؟

جواب: سياست ۽ ادب جو پاڻ ۾ ڳانڍاپو آهي ۽ سياست ۽ ادب هڪ ٻئي کان ڪي الڳ شيون ڪونه آهن، بلڪ سياست ادب جو ئي حصو آهي. مون جيڪي به ڪهاڻيون لکيون آهن، تن ۾ گهڻيون سياسي ڪهاڻيون آهن. ادب ۾ سياست ضرور ايندي، پر جيڪي اديب چوڻ ۽ ڪرڻ ۾ فرق ڪن ٿا، سي چون ڳالهه هڪڙي ٿا، ۽ ڪن ٻي ٿا. جڏهن ته اديب کي سياست بابت جا ڳالهه ڪرڻ گهرجي. ان کي ڪري به ڏيکاري.

سوال: اهڙي قسم جي ڳالهه شيخ اياز به ڪئي آهي ته ادب ترقي پسند ۽ رجعت پرست نه پر صحتمند ۽ غير صحتمند ٿيندو آهي؟

جواب: جيتريقدر شيخ اياز جو تعلق آهي ته ان کي سنڌي ادب جي هڪ اهڙي تخت تي وهاريو ويو آهي. جنهن تي ويهي هو سمجهي ٿو ته آئون جيڪي ڪجهه چوندس، اهو لوهه تي ليڪو ٿي پوندو، ۽ ساڻهو ۽ اديب ان ڳالهه کي آمنا صدقنا قبول ڪندا. ان ڪري

هو ڪڏهن ترقي پسند ادب کي رد پيو ڪري ته ڪڏهن رجعت پسند ادب جي ساراهه پيو ڪري. جڏهن ته ترقي پسند ادب وارو اصطلاح اسٽالن جو نه پر گورڪيءَ جو استعمال ڪيل آهي. بلڪ اهو ان ڪان به اڳ استعمال ۾ ايندڙ اصطلاح آهي. پر چاڪاڻ ته شيخ اياز سمجهي ٿو ته مان سنڌي ادب ۾ هڪ اهڙي هستي آهيان، جيڪو جيڪا ڳالهه ڪندو، سا صحيح ۽ آفاقي ٿي ويندي. ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته هو ڪجهه ڏينهن ڪان پوءِ اهو به چوڻ شروع ڪندو ته اسلام پسند ۽ ڪفر پسند ادب به ٿيندو آهي.— پيو ته شيخ اياز جي چوڻ ۽ ڪرڻ ۾ وڏو تضاد رهيو آهي. سندس ڪردار سندس لکڻ جي بلڪل ابتڙ رهيو آهي. جيئن هن چيو آهي، تيئن هن ڪيو ڪونه آهي. هو وقت به وقت هرو ڀرو پيو چوندو آهي ته مان شراب پيئندو آهيان، پر ائين ڪونه آهي يا ان ڳالهه کي ورجائي ورجائي چوڻ جي ضرورت ڪانه آهي. تهڙيءَ طرح هو ڇوڪرين جا قصا به هرو ڀرو زوريءَ ڪندو رهندو آهي. جڏهن ته هرو ڀرو ائين ڪونه هوندو آهي. ان ڪري سندس چوڻ ۽ ڪرڻ ۾ وڏو تضاد آهي. اهڙيءَ طرح وائيس چانسلريءَ جي دور ۾ سندس ڪردار جي سڀني ساٿين کي خبر آهي. سندس اهڙن ڪارنامن جي 'سنڌو ساٿ' وارن هڪ لسٽ به شايع ڪرائي هئي.

سندس چوڻ آهي ته هن پنهنجي چوڻ تي وائيس چانسلريءَ جو عهدو قبول ڪيو هو، جڏهن ته پنهنجو هڪ حاڪم ۽ ڊڪٽيٽر هو. ڪنهن به انقلابي شاعر کي اهو نٿو جڳائي ته هو حاڪمن جي چوڻ تي عمل ڪندو رهي. هن پاڻ لکيو آهي ته مان ضياءَ جي ڊپ ڪان منڊو هوندي به نماز پڙهندو هوس ته متان هو نوڪريءَ مان نه ڪڍي ڇڏي. هن اهو به پنهنجن ڪتابن ۾ لکيو آهي ته پنهنجي تختي اونڌي ٿيڻ ڪان پوءِ مون وائيس چانسلريءَ تان استعفيٰ رڳو ان ڪري نه ڏني جو مون کي ڊپ هو ته ضياءَ مون کي نقصان رسائيندو. اهڙيءَ طرح هن نوڪري قبول به هڪ ڊڪٽيٽر جي چوڻ تي ڪئي ته ان تان استعفيٰ به هڪ ڊڪٽيٽر جي ڊپ ڪان نه

ڏني. هن جو پنهنجو ڪو اصول ڪونه رهيو آهي. اصل ۾ اياز جو انقلابي پاسو تڏهن کان ختم ٿي ويو آهي، جڏهن کان ان سنڌ جي قومي تحريڪ سان ناتا ٽوڙي حڪمرانن جي نوڪري قبول ڪئي هئي. سنڌس بابت اهي به ڳالهيون پڌرن ۾ ايندڙيون رهيون آهن ته وائيس چانسلريءَ کان پوءِ هن وڏي ڪوشش ڪئي ته ڪيس ٻي ڪا نوڪري ڏني وڃي يا ملڪ کان ٻاهر سفير ڪري موڪليو وڃي. جنهن لاءِ هن حڪمرانن جون ڪيتريون ئي چاپلوسيون ڪيون. ان حوالي سان ڏنو وڃي ته سندس انقلابي ڪردار ڪڏهوڪو ختم ٿي چڪو آهي. جنهن کان پوءِ سندس ڪردار نهايت ئي خراب رهيو آهي. ان ڪري منهنجو چوڻ آهي ته هاڻي اياز کي سنڌي ادب ۾ اها اهميت نه ڏيڻ گهرجي، جو هو سنڌي ادب ۽ شاعريءَ جو روح روان يا سرواڻ تصور ڪيو وڃي. ڇاڪاڻ ته هاڻي ان کي اهڙي حيثيت ڏيڻ سنڌي ادب ۽ شاعريءَ لاءِ به نقصانڪار آهي ته سنڌ ۽ سنڌي قوم جي مفادن ۽ جياپي وٽان به ڪونه آهي.

اياز کي هاڻي جيتري وڏي اهميت ڏني، ايترو ئي هن جن جي شخصيت اسان جي نئين نسل ۽ نون اديبن ۽ شاعرن کي گمراهه ڪندي ۽ اهي سنڌي ادب جي انقلابي ۽ روشن خيال وهڪري کان ڪٽجي، سنڌ دشمن، عوام دشمن ۽ قوم دشمن لاڙن جو شڪار ٿي ويندا. منهنجي خيال ۾ ته اياز هاڻي انهيءَ عزت ۽ احترام جي لائق ڪونه رهيو آهي، جيڪا ان کي سنڌي ادب ۾ ڏني وئي هئي. ڇاڪاڻ ته ان عزت ۽ احترام جو فائدو وٺي هو اسان جي وجود ۽ ادب جي خلاف پيو فيصلا ڏئي، ته صحتمند ۽ غير صحتمند ادب هجي، پر ترقي پسند ۽ رجعت پرست ادب نه ٿيندو آهي. جڏهن ته ترقي پسند ۽ رجعت پرست ادب تاريخ ۾ رهندو آيو آهي. پر اياز جيئن ته سمجهي ٿو ته مان سنڌي ادب ۾ هڪ اهڙي حيثيت ماڻي چڪو آهيان، جو هاڻي آئون جيڪو چوندس اهو لوڪ ٿي ليڪو سمجهيو ويندو. پر ائين ڪونه آهي. ان ڪري

هن کي هاڻي اڳوڻي حيثيت ڏيڻ ئي غلط آهي، ڇو ته هو هاڻي هڪ بنهه ٻڍڙو ۽ ڪانئر ماڻهو ٿي پيو آهي.
اياز جڏهن کان ضياءَ ۽ پٽي جهڙن آمرن کان ڊنو آهي، تڏهن کان موت ۽ مذهب کان به ڊڄڻ لڳو آهي ۽ اها هڪ حقيقت آهي، ته ڊڄڻو ماڻهو ڪجهه به نه ڪري سگهندو آهي. نه پنهنجو پيغام ڏئي سگهندو آهي، نه ان تي پير کوڙي بيهي سگهندو آهي ۽ نه ان لاءِ وڙهي سگهندو آهي.
سوال: اياز هي جيڪو ڇوڙي پيو ته ترقي پسند ۽ رجعت پسند ادب نه ٿيندو آهي، توهان جي خيال ۾ ته نوجوان اديب ان کي رد ڪري ڇڏيو آهي؟
جواب: ها بلڪل رد ڪيو آهي ۽ اڳتي لاءِ به رد ڪندو!
سوال: اسان جي خيال ۾ ائين نه آهي، اياز جون ڳالهيون نوجوان اديب تي ڪافي ڪجهه اثر ڪن ٿيون؟
جواب: جيتوڻيڪ ڪجهه نه ڪجهه اثر ڪنديون، پر آئون ڀانيان ٿو ته نوجوان سندس ڳالهين جو ايترو گهڻو اثر ڪونه وٺندا ۽ نه وٺڻ گهرجين. شيخ اياز کي اهڙي حيثيت نه ڏيڻ کپي، جو سنڌ ۽ سنڌي قوم جي قسمت جو فيصلو سندس هٿن ۾ اچي وڃي. ڇو ته اڳوڻو سنڌ دوست، قوم پرست، ترقي پسند ۽ روشن خيال اياز هاڻي نه رهيو آهي. پر هاڻي هو مذهب ۽ روحانيت جي ناليءَ ۾ ماڻهن کي گمراهه ڪري رهيو آهي. منهنجي نوجوان سنڌي اديبن ۽ شاعرن کي گذارش آهي ته اهي شيخ اياز جي گمراهي پکيڙيندڙ خيالن کان پاسو ڪن، شيخ اياز اسان لاءِ وڏو ماڻهو ان لاءِ هو ته هن اسان لاءِ، اسان جي قوم لاءِ، اسان جي عوام لاءِ ۽ اسان جي سنڌ لاءِ لکيو ۽ پاڻ پتوڙيو هو. پر هاڻي جڏهن هو پاڻ انهن ڳالهين تان ڦري ويو آهي. ۽ پنهنجي 'ڪيٽي' تي پاڻ پاڻي ڦيري رهيو آهي ته اسان کي ڪيس ڇمبڙي نه پوڻ گهرجي پر ڇڏي ڏيڻ گهرجي.
سوال: هاڻي اچون ٿا، دنيا جي تازيءَ اٿل پٿل تي، ته سوويت يونين ۾ سوشلزم جي زوال کي هڪ اديب جي نظر سان توهان

ڪيئن ٿا ڏسو؟
جواب: سوشلزم ۽ ڪميونزم ٻئي ڳالهيون ساڳيون آهن. ڪميونزم
سيڪنڊ اسٽيج آهي ۽ سوشلزم ان جي پهرين اسٽيج آهي.
منهنجي خيال ۾ سوشلزم ۽ ڪميونزم ختم ڪونه ٿيا آهن. اهي
وقتي طور پوئتي هٽيا آهن. يا وقتي طور ان ۾ تبديلي آئي آهي. يا
جيڪو چيو پيو وڃي ته سوشلزم ڊٺي آهي، سا ڊٺي ڪانه آهي،
پر سوويت يونين جي قومن کي آزادي ڏني وئي آهي جيئن هرڪا
قوم الڳ الڳ رهي ترقي ڪري سگهي. جنهن ڪري هڪ مان
پندرهن رياستون ٿي ويون آهن، پندرهن رياستون اهي برابر ٿيون
آهن، پر اتي ڪو به خون خرابو ڪونه ٿيو آهي جيڪا ڳالهه
سوشلزم جي انسان دوست فڪر هجڻ جو ثبوت آهي.
سوال: دنيا ته چوي ٿي ته سوويت يونين توڙي سوشلزم ختم ٿي
ويون آهن؟
جواب: منهنجي خيال ۾ ته ائين ڪونه آهي، سوشلزم ختم ڪانه
ٿي آهي، پر ان کي وري ٺهڻ جو موقعو مليو آهي ته جيئن اسٽالن
ڊڪٽيٽرشپ ۾ سوشلزم کي جيڪو نقصان پهتو آهي، ان کي
سڌاريو وڃي. اهو ٿيو آهي ته سوويت يونين جي ٻيج ڊاهه سان
سڄي دنيا ۾ ٻيج ڊاهه شروع ٿي وئي آهي، حقيقت ۾ هيءُ قومن
جي ٻيج ڊاهه ۽ نئين قومي رياستن جي وجود وٺڻ جو جواز آهي،
جيڪو آخر وڃي هڪ هنڌ تي توڙ ڪندو. اها ٻيج ڊاهه سوويت
يونين ۾ ڪانه ٿي آهي. پر اها هندستان ۾ به ٿي آهي ته پاڪستان
۾ به ٿي رهي آهي ته يوگوسلاويا ۾ به ٿي رهي آهي ۽ آمريڪا
۽ ٻين سڀني گهڻ قومي رياستن ۾ ٿيڻ واري آهي. ان مان ثابت
ٿئي ٿو ته دنيا جون سموريون قومون ورهائجي آزاد ٿي وينديون.
جيئن سوويت يونين جون قومون ورهائجي آزاد ٿي ويون آهن. تيئن
سڄي دنيا جون قومون هڪ دفعو ورهائجي آزاد ٿي وڃيون آهن،
هندستان جون قومون به ورهائجي آزاد ٿي وينديون، پاڪستان جون
قومون به ورهائجي آزاد ٿي وينديون. جيئن ڪشمير آهي، پنجاب

آهي. آسام آهي ۽ ٻيون قومون آهن. هتي اسان وٽ سنڌ آهي، بلوچستان آهي، سرائڪي آهن يا ٻين ملڪن ۾ ٻيون قومون آهن، سي سڀ پنهنجيءَ پنهنجيءَ آزاديءَ جي ويڙهه کي لڳيون پيون آهن. ويندي آمريڪا ۾ به ائين ٿيندو ۽ اتي به قومون هڪ ٻئي کان الڳ ٿي وينديون. ۽ پوءِ هرڪا قوم پنهنجي پنهنجي ليکي سان ترقي ڪندي ويندي.

جڏهن سڄي دنيا قومن ۽ رياستن ۾ ورهائجي ويندي ۽ اهي پوري پوري ترقي ڪري وينديون. تنهن کان پوءِ هڪڙو اهڙو دور ايندو، جڏهن اهي سڀ قومون وري پاڻ ۾ ملنديون. انٽر نيشنلزم قائم ڪنديون. جنهن کي هومنزم (يعني انسانيت) سڏيو ويندو. هن وقت اسان جنهن ڳالهه کي سمجهي سگهيا آهيون، سا انهيءَ حد تائين آهي. اهو سڀ ڪجهه ڪو ڏهن، ويهن يا پنجاهه سالن ۾ ڪونه ٿيندو، پر ان لاءِ سوين سال کپن. پر آخر وڃي ائين ٿيندو. ۽ انسانيت مان مذهبي فرقيواريت هجي، نسلي فرقيواريت هجي يا ڪٿي قومي فرقيواريت هجي، سڀ ختم ٿي ويندا. ان ڪري منهنجو خيال آهي ته سوشلزم جو دور ختم ڪونه ٿيو آهي. پر اها هاڻي نئين سر اسرڻ واري آهي. جيئن ڪو بيٺل پاڻي هوندو آهي ۽ ان ۾ ڪن ڪچرو جمع ٿي ويندو آهي، تيسين اهو پاڻي پيئڻ يا ڪتب آڻڻ جي لائق نه هوندو آهي، تيئن سوشلزم ۽ ڪميونزم به هاڻي نئين نموني سان اڳتي وڌندا ۽ آخر ۾ سڄي دنيا جي انسانيت کي ڪميونزم ۾ داخل ٿيڻو آهي.

سوال: پر اها ته حقيقت آهي ته جيڪي قومون سوويت يونين کان ڌار ٿيون آهن، تن سوشلزم کي ڇڏي سرمائيداري اختيار ڪئي آهي؟

جواب: وقتي طور اهي پيچ ڏاهه جي دور مان گذري رهيون آهن. ان ڪري کين لازمي طور سرمائيداريءَ مان گذرڻو پوندو. يلسن به روز ڌڪا کائيندو وتي ٿو، ڪڏهن چين جي سلامي ٿو ڀري، ڪڏهن آمريڪا ڏي ٿو ڀڄي. هي سڀ انهيءَ پيچ ڏاهه جا اهڃاڻ

آهن. اتي ماڻهو اهڙا تجربا پيا ڪن. پر اهو ڏيڻو ڪونه آهي ته ماڻهو سوشلزم کان پوءِ سرمائيداريءَ ڏي يا سرمائيداريءَ کان پوءِ جاگيرداريءَ ۽ غلاميءَ واري دور ڏي موٽي وڃي.

سوال: انهيءَ حوالي سان اهي پراڻا ڪامريڊ جيڪي پاڻ کان سواءِ ٻين کي ڪميونسٽ نه، پر قوم پرست تصور ڪندا هئا ۽ چوندا هئا ته قوم پرست ڪميونسٽ ٿي نٿو سگهي. تن وچي تسبيحون هٿن ۾ ڪنيون آهن ۽ جيڪي قوم پرست هئا، سي سوشلزم ۽ مارڪسزم تي اڄ به قائم آهن، توهان جي نظر ۾ ائين ڇو ٿيو آهي؟

جواب: اهي ڪميونزم سان سچا ڪونه هئا. ٻيو ته انهن ڪميونزم کي انٽرنيشنلزم جي بنياد تي قبوليو هو. پر اسان پاڻ کي انٽر نيشنلسٽ ڪميونسٽ نه پر سنڌي ڪميونسٽ سڏائيندا هئاسون ۽ نه وري اسان رشيا يا ٻئي ڪنهن جا پوڄاري ۽ عقيدتمند هئاسون ان ڪري اسان سڄو سنئون سنڌ جي آزاديءَ جي ڳالهه ڪندا هئاسون ۽ مارڪسزم جي ان نقطئه نظر کي پنهنجو ڪندا هئاسون، جنهن ۾ چيو ويو آهي ته مارڪسزم کي پنهنجن پنهنجن سماجي حالتن مطابق لاڳو ڪرڻ گهرجي. پر ان کي جنهن طريقي سان رشيا يا يورپ جي اندر لاڳو ڪيو ٿي ويو، ان طريقي کي اسان پاڻ لاءِ ڪونه پيا قبول ڪيون. اهو ئي سبب آهي، جو اسان ان وقت به سنڌي ڪميونسٽ ٿيڻ لاءِ ته تيار هئاسون، پر پاڪستاني ڪميونسٽ ٿيڻ لاءِ تيار ڪونه هئاسون. پرهو پاڪستاني ڪميونسٽ ٿيڻ جون ڳالهيون ڪندا هئا يا ٻيءَ دنيا جي ڪميونسٽ ٿيڻ جون ڳالهيون ڪندا هئا، پر سنڌي ڪميونسٽ ٿيڻ جون ڳالهيون ڪرڻ لاءِ تيار ڪونه هئا. سنڌن اهڙيون ڳالهيون نه اسان کي سمجهه ۾ ايندديون هيون ۽ نه وري کين ئي سمجهه ۾ ايندديون هيون، نه ئي وري کين هاڻي ڪجهه سمجهه ۾ ٿو اچي. ان ڪري هاڻي جيڪا وڏي قبر ڏسن ٿا، ان تي پڙهه چاڙهيو اچن ٿا.

سوال: ٻن چئن سنڌي اديبن ۽ دانشورن کان سواءِ باقي سڀ پڇي

جواب: مان ڪنهن مان ۾ مطمئن ڪونه آهيان.
سوال: ان جا ڪارڻ ٻڌائيندا؟
جواب: ڪارڻ اهي آهن، جو ڪم ڪونه ٿا ڪن. ڇيتوڻيڪ ڪي ننڍيون ننڍيون پارٽيون آهن. جيئن قادر مڱسيءَ جي پارٽي آهي ٻيا پيون ڪي پارٽيون آهن. جيڪي ڪجهه نه ڪجهه ڪم ڪن ٿيون. پر پوري پئماني تي ڪونه ٿيون ڪن.
سوال: توهان اسان جا اديب ۽ ڏاها ماڻهو آهيو. ٻڌايو ته اهي ائين ڇو ٿيون ڪن؟
جواب: اهڙا سياسي اڳواڻ ۽ ڪارڪن هجن، جيڪي عملي ڪم ڪن.
سوال: اسان جي سياست، جنهن طرف وڃي رهي آهي. توهان جي نظر ۾ ان کي عملي ڪم طرف ڪيئن موڙجي؟
جواب: اهو انهن اڳواڻن ۽ ڪارڪنن جوئي ڪم آهي.
سوال: توهان جي خيال ۾ ته اها پارٽي ڪهڙيءَ نوعيت واري هجي؟
جواب: هڪ انقلابي پارٽي هجي، جيڪا سنڌ جي مڪمل آزاديءَ لاءِ ڪم ڪري.
سوال: حڪمرانن، ايم- ڪيو- ايم تي هاڻي جيڪو ڏمر نازل ڪيو آهي، ان بابت توهان جي راءِ ڇا آهي؟
جواب: اهو رڳو ڊرامو آهي، ان ڪري ايم- ڪيو- ايم ۽ حڪمران اسان جي خلاف اڳوڻي روش کي جاري رکندا.
سوال: پ-پ سنڌين جي پارٽي آهي، ان کان توهان ڪيتري قدر مطمئن آهيو؟
جواب: نه، آئون ان مان مطمئن ڪونه آهيان، اها پاڪستاني پارٽي آهي ۽ پاڪستان ليول تي سياست ڪري ٿي.
سوال: اڄڪلهه سنڌي اديب ۽ سياستدان هڪ ٻئي کان ڌار ويٺا آهن، ائين ڇو آهي؟
جواب: اسان جي اديب ۾ مرض آهي ته انهن جي چوڻ ۽ ڪرڻ ۾ فرق آهي. هي چاهي ٿو ته جيڪي چوي ٿو، ان تي عمل ٻيا ڪن.

ڪري سگهن ٿا؟
جواب: مان انهيءَ ئي ڳالهائڻ جي پوزيشن ۾ ناهيان.
سوال: ان باري ۾ اديبن ۽ شاعرن کي ڇا ڪرڻ کپي؟
جواب: اديبن ۽ شاعرن کي شاعري ڪرڻ کپي، ڪهاڻيون لکڻ کپن ۽ قوم کي سجاڳ ڪرڻ کپي ۽ ان لاءِ انقلابي ۽ آزادي پسند ادب پيدا ڪرڻ کپي.
سوال: اهو ته هو پيدا ڪن پيا؟
جواب: ان جو اثر به ٿي رهيو آهي. ۽ ماڻهن ۾ شعور آيو آهي، جيڪو ان ادب ۽ شاعريءَ جي ڪري ٿيو آهي.
سوال: ماڻهو اهي ڳالهيون ٻڌي ٻڌي، بيزار ٿي، هاڻي مرڳو پڙهڻ ئي ڇڏي ڏنو اٿن؟
جواب: پڙهڻ ڇڏي ڪونه ڏنو اٿن. اڄ به ماڻهو قومي ادب پڙهن پيا. هزارين سوين ڪتاب، رسالا ۽ اخبارون اڄ به وڪامن پيا. جيڪي ظاهر آهي ته ماڻهو پڙهن ٿا.
سوال: هاڻي موضوع کي بدلايون ٿا، ٻڌايو ته تصوف ڇا آهي ۽ انسان جي ڪيتري ڪارج ۾ اچي سگهي ٿو؟
جواب: تصوف کي شروع ڪندڙن ان نيت سان اڳتي وڌايو هو ته مذهب جي نالي ۾ ماڻهن جي مٿان، جيڪا حاڪميت مڙهي وئي آهي، يا مذهب جي نالي ۾ ماڻهن جو جيڪو استحصال ڪيو پيو وڃي، ان جي خلاف مذهب جي حوالي سان ئي تنقيد ڪجي. ان ڪري تصوف وارن چيو ته خدا هرهڪ ۾ موجود آهي. جيڪڏهن ڏٺو وڃي ته اهو هڪ قسم جو خدا جي وجود کان انڪار نه هو. ڇو ته مذهب جي فلسفي مطابق هرهڪ ۾ خدا ٿي نٿو سگهي. جيئن سچل سرمست ۽ ٻين صوفين چيو ته:

”ايها ڪم ڪريجي، جنهن وچ الله آپ بڻيجي.“

يا ٻنائي چيو ته:

”ٻنهون ٿيس پاڻ، ستئي تان ڪي سور هئا.“

صوفين جو خيال هو ته ماڻهو مذهب جي نقطئہ نگاهہ سان نه سوچين

پر انسانيت جي نقطئہ نگاھ کان سوچين. جنهن ڪري سنڌ اندر هندو ۽ مسلمان جي وچ وارا ويڇا گهٽجي ويا. ۽ ماڻهو پاڻ ۾ مذهبي حوالي کان ڪير ڪنڌ ڏي رهڻ لڳا. تنهن ڪان سواءِ مذهب ۾ راڳ حرام هو، پر صوفين ان جي خلاف سماع شروع ڪيو، جنهن ۾ قواليون ۽ ٻيو راڳ ڳايو ويندو هو. مذهب ۾ سيڪس منع ٿيل شيءِ هئي، پر صوفين ان کي بہ عشق ۽ محبت جي حوالي سان اڳتي وڌايو، ويندي ڇوڪرن سان محبت ڪرڻ کي بہ جائز سمجهيو ويو. جيئن سرمد شهيد جو ٿٽي جي هڪ هندو ڇوڪري سان عشق ڏسيو ويو آهي. ڇاڪاڻ تہ جاگيرداري دور ۾، عورتون ڪوٽن اندر هونديون هيون. ان ڪري اهي عام ماڻهن جي نظرن کان اوجهل هونديون هيون، جيڪو طريقو اڄ سوڌو هلندو پيو اچي.

سوال: صوفي ازم جي حوالي سان توهان بابري مسجد جي مسئلي کي ڪيئن ٿا ڏسو؟

جواب: بابري مسجد هڪ تہ هندستان جي سرزمين تي آهي، ٻيو تہ اها بابر بادشاهہ هندن جي رام مندر جي مٿان ٺهرائي هئي. مسلمانن جي خيال موجب تہ بادشاهہ جنهن جاءِ تي نماز پڙهندو آهي، ان کي مسجد تصور ڪيو ويندو آهي ۽ بابري مسجد بہ ائين ئي هندن جي مندر مٿان ٺهرائي وئي هئي، جيڪا ڳالهہ اسلامي نقطئہ نگاهہ کان بہ غلط آهي. پر پاڪستان ۾ ان ڳالهہ کي رکيو اهي ماڻهو هوا ڏئي رهيا آهن، جيڪي هڪ تہ بنيادي طور فرقي پرست آهن ۽ ٻيو تہ اهڙين حرڪتن ڪرڻ ۾ انهن جو پنهنجو مفاد آهي.

سوال: سنڌي ماڻهو بنيادي طور سيڪيولر رهيو آهي. جڏهن پاڪستان ٺهيو، تڏهن بہ سنڌي ماڻهوءَ هندو مسلم فسادن ۾ حصو ڪونہ ورتو هو، پر هن وقت بابري مسجد جي ڪري سنڌ جي ننڍن ڳوٺن ۾ بہ مندر ڊاٺا ويا آهن. ڇا سنڌي ماڻهو سيڪيولر سوچ کي ڇڏي، بنياد پرستيءَ ۾ پناهہ وٺڻ لڳو آهي؟

جواب: سنڌي ماڻهو بنياد پرستيءَ ڏانهن ڪونہ ٻيو وڃي. پر اهو سڄو ڪم غيرسنڌي ماڻهن جو آهي. ۽ اها شرارت انهن ئي ماڻهن

جي ڪيل آهي.

سوال: ڳوٺن ۾ اهي ڪيئن پهتا؟

جواب: سڌي يا اڻ سڌيءَ طرح اهي ٻي فسادن ۾ انوال رهيا آهن.

سوال: توهان جي نظر ۾ صوفي ازم جو مستقبل ڇا آهي؟

جواب: مستقبل ڪو به ڪونهي، خود مذهب جو ڪو مستقبل ڪونه آهي.

سوال: توهان چيو ته صوفي ازم جو مستقبل ڪو به ڪونهي، پر اسان جا ڪيترائي پراڻا ماديت پسند دوست اڄ صوفي ٿي ويا آهن، جيئن ڇام ساقي، شيخ اياز ۽ ٻيا آهن.

جواب: اهو هو بلڪل غلط ٿا ڪن ۽ ماڻهن کي منجهائين ٿا.

سوال: توهان ڇا روحانيت جي ڪنهن به قسم کي تسليم نٿا ڪريو؟

جواب: آئون بلڪل قبول ڪونه ٿو ڪريان. منهنجي نظر ۾ روحانيت انسان جي ذهن اندر آهي. جيڪا انسان جي ذهن ۽ دماغ جي پيداوار آهي ۽ انسان جي ختم ٿيڻ سان اها به ختم ٿي وڃي ٿي.

سوال: اديب جو عورت بابت ڪهڙو ڪردار هجڻ گهرجي؟

جواب: صحيح هجڻ گهرجي، جي هو عورت جي ڀلائيءَ لاءِ لکي ٿو ته ان کي به شاديون نه ڪرڻ گهرجن. جي نشي ۽ شراب جي خلاف لکي ٿو ته اهو واپرائڻ نه گهرجي، اهڙيءَ طرح هو جن به سماجي برائن جي خلاف لکي ٿو، اهي ان ۾ نه هئڻ گهرجن.

سوال: اڄڪلهه ڇا پيا لکو؟

جواب: لکڻ ڪان جڏو ٿيو ويٺو آهيان. هٿ ۾ قلم جهلي ڪونه ٿو سگهان.

سوال: توهان جي علاج لاءِ سرڪار ڪو بندوبست ڪيو آهي؟

جواب: نه، ڪجهه به ڪونه ڪيو اٿن. اخبارن ۾ روز پيو اچي، پر ڪو به ڌيان ڏيڻ وارو ڪونهي. شايد اخبارون پڙهن ئي ڪونه ٿا.

سوال: توهان پنهنجين لکڻين ۽ زندگيءَ مان مطمئن آهيو؟

جواب: مان ڏاڍو مطمئن آهيان.

سوال: توهان هن وقت خطرناڪ بيماريءَ ۾ آهيو. ٻين اديبن وانگر

توهان تي به ڪو موت جو ڊپ ڇانيل آهي؟
جواب: مون کي موت جو ڪو به ڊپ ڪونه آهي. مون پنهنجي زندگي سچائي گذاري آهي. پيو ته مان نه بهشت جي دلاسي کي ۽ نه دوزخ جي دڙڪي کي مڃان ٿو ته پوءِ مون کي ڊپ ڇا جو ٿيندو. جڏهن مون کي يقين آهي ته منهنجو ذهن ۽ روح منهنجي موت سان گڏ ختم ٿي ويندا، باقي آئون پنهنجي روحاني دنيا ڪتابن جي صورت ۾ ڇپيل ڇڏيو پيو وڃان، جيڪا سدائين زنده رهڻي آهي.
سوال: توهان هڪ سٺا ڊاڪٽر هئا، ان مان توهان ڪا جائداد يا ملڪيت وغيره ٺاهي؟
جواب: لطيف آباد حيدرآباد ۾ هڪڙو گهر ٺاهيو هوم. جيڪو گذريل فسادن ۾ پناهگير کسي ويا. ٻي ڪا به ملڪيت ڪانه آهي. جنهن گهر ۾ هاڻي رهيو پيو آهيان، سو به منهنجي نياڻي جو آهي. خانواهڻ ۾ هڪ اباڻو گهر هو، سو به پائرن کي ڏئي ڇڏيو هوم. ان ڪري جهڙا آياسون تهڙا ويندا سون ۽ ڪتاب ڇڏي ويندا سون.
سوال: لطيف آباد واري گهر جو قبضو نٿو ملي سگهي ڇا؟
جواب: نه، نٿو ملي، پناهگير قبضو ڪيو ويٺا آهن.
سوال: شايد توهان واحد سنڌي اديب آهيو، جيڪي ٣٠ ڪتاب ڏئي، بنا گهر جي ويٺو ٿا؟
جواب: مون لاءِ مشهور هو ته منهنجي اسپتال ۾ مريضن کان وڌيڪ اديب ۽ سياسي ڪارڪن اچن ٿا، مان پئسي ٺاهڻ جي پويان پيوئي ڪونه هوس. پر جي پئجي ها ته پوءِ ماڻهو گهٽيءِ انڪلون سکي ۽ ڳولي ڪيئي سگهي ٿو.
سوال: جڏهن سڄي دنيا پئسي جي پٺيان ڊوڙي ٿي ته پوءِ توهان ان طرف ڇو ڌيان نه ڏنو؟
جواب: ڪجهه سڀاءَ ئي اهڙو هو. مان حيدرآباد ۾ اچي ويٺو ئي ان ڪري هوس، جو هتي اديب ۽ ڪتاب هئا. پر اسان جي ڳوٺ جي آس پاس ڏهن ڪوهن ۾ ڪو ڊاڪٽر ڪونه هو ۽ مون کي مٽن مائٽن ۽ دوستن چيو ته جي مان اتي اسپتال کوليندس ته ڏاڍو

ڪمائيندس. پر مون سوچيو ته پئسن کي ڪاڏي ڪندس. جيتوڻيڪ وقت حيدرآباد ۾ ٻه سٺو گذرندو هو. بنگلو (جيڪو پناهگيرن جي قبضي ۾ آهي) هو. ڪار ۽ فون هئي، ٽي- وي ۽ وي- سي- آر هيا، سڀ ڪجهه هو، جيڪي سڀ پناهگير ڦري ويا.

سوال: توهان جڏهن پنهنجي جاءِ ڇڏي ته اهـا توهان ڪهڙيءَ ڪيفيت يا صورت ۾ ڇڏي؟

جواب: اٺ ڏهه ڄڻا پناهگير ڪلاشنڪوفون کڻي آيا هئا. ۽ انهن اچي اسان کي پنهنجي گهر مان زوريءَ ڪيي ڇڏيـو، ۽ چيائون ته جي نڪرو نـه ماريندا سون. ان ڪري اسان ڪو به سامان کونه کڻي سگهياسون. ۽ رڳو سر کڻي نڪتاسون. ۽ پوءِ هو ٻئي ڏينهن اچي گهر جو سمورو سامان ڀاري کڻي ويا. جنهن لاءِ ٽرڪون ۽ سوزڪيون ڪاهي آيا هئا، جن ۾ سڀ سامان وجهي کڻي ويا.

سوال: جيئن توهان جي زندگيءَ جـو اهو واقعو ٿيو، تيئن توهان سان ٻيا به ڪي اهڙا واقعا ٿيا؟

جواب: مون سان زندگيءَ ۾ چار اهڙا واقعا ٿيا آهن. جن مان هڪ جڏهن مـون شادي ڪئي ۽ ٻيو جڏهن مـون ان کي طلاق ڏني. ڇاڪاڻ تـه مون جنهن عورت سان شادي ڪئي، سا تمام مٿئين گهراڻي جي عورت هئي، جنهن ڪري ان سان نڀاءُ نه ٿي سگهيو، طلاق کان پوءِ هن وري ٻي شادي ڪئي، پر مون سڄي عمر شادي نه ڪئي، چو ته هوءَ ٻار مون وٽ ڇڏي وئـي هئي. جنهن ڪري مون ٻارن جي مٿان ماٽيلي ماءُ کي آڻڻ مناسب نـه سمجهيو، مون سان ٽيون واقعو جاءِ ڇڏڻ جو ٿيو ۽ چوٿون بيمار ٿيڻ جـو آهي، ڇاڪاڻ ته بيماريءَ جو جيڪو مون لاءِ وڏي ۾ وڏو عذاب آهي، سو اهو ته مان لکي پڙهي نٿو سگهان. ان ڪري جيڪي به ڏينهن گذرن ٿا، سي عـذاب کان گهٽ ڪونه آهن. ڇو تـه آئون موت جي اوسيئڙي ۾ ويٺو آهيان ته اهو ڪڏهن ٿو اچي ۽ مون کي هن عذاب مان ڇڏائي. اهوئي سبب آهي جـو موت کان ڊڄان ڪونه ٿو، پر ان کي سڏيان ٿو پيو. ★ (ساڃاهه رسالي تان کنيل)

# نوجوان ليکڪ پراڻن ليکڪن کان وڌيڪ سگهارو ٿا لکن

## انٽرويو وٺندڙ: مرتضيٰ سيال ۽ گل ڪونڌر

سوال: سائين سڀ کان پهرين ته مان توهان کان اهو پڇڻ چاهيندس ته توهان پنهنجي شروعاتي زندگي جي متعلق ڪجهه ٻڌايو ته انهيءَ وقت توهان جا ڪهڙا احساس هيا يا ڪهڙا سبب هيا جو توهان کي اهو اتساهه مليو ته توهان لکو يا ڪهڙي عمر کان توهان لکڻ شروع ڪيو؟

ڊاڪٽر: لکڻ ته مون ۱۹۴۱ع کان شروع ڪيو هو، پنهنجي ادبي زندگي جي شروعات شعر سان ڪئي هيم، نوابشاهه هاءِ اسڪول ۾ مشاعره ٿيندا هئا انهن ۾ شاگرد توڙي استاد حصو وٺندا هئا. پوءِ آءٌ به انهن ۾ حصو وٺڻ لڳس، اهي مشاعره ٻن هفتن يا چئن هفتن جي وقفي سان ٿيندا رهندا هئا، ۽ مان به انهن ۾ باقائده حصو وٺندو رهيس.

اهڙي طرح ڪجهه وقت کان پوءِ مان اسڪول جي 'بزم مشاعره' جنهن جي تحت مشاعرن جو اهتمام ڪيو ويندو هو. مان سيڪريٽري ٿي ويس. مون اسٽوري يا ڪهاڻي لکڻ جي شروعات ۱۹۴۴ع کان ڪئي. منهنجي اسٽوري رائيٽنگ جي شروعات ائين ٿي جو مون پنهنجي والد جي واتان هڪ واقعو ٻڌو جيڪو هن پنهنجي سائي ماسترن سان ڪچهري ڪرڻ جي دوران ٻڌايو. پوءِ مون انهيءَ واقعي کي ڪهاڻي جي شڪل ڏني. اهڙي طرح اها منهنجي پهرين ڪهاڻي هئي.

منهنجي پهرين ڪهاڻي سنڌي ادبي بورڊ جي رسالي ٽماهي مهراڻ

۾ شايع ٿي هئي. پهرين ٽماهي مهراڻ ۾ انهي ڪهاڻي جي شايع ٿيڻ سان منهنجي تمام گهڻي همت افزائي ٿي ۽ مون کي ان ڳالهه جي ڏاڍي خوشي ٿي ۽ ان کان پوءِ مون ٻيون ڪهاڻيون لکيون ۽ لکڻ جو شوق وڌيو.

مون ٽي- چار سال شاعري ڪئي. جڏهن ميٽرڪ ۾ پهتس ته ان وقت منهنجي شاعري ختم ٿي وئي. مون ڏاڍي ڪوشش ڪئي ته شاعري ڪيان پر شاعري ذهن مان ئي نه پئي نڪري اهڙي طرح مان اڳتي شاعري ڪري نه سگهيس. باقي ڪهاڻي لکڻ جاري رهي جيڪا اڄ تائين جاري آهي.

سوال: ان جو مطلب ته توهان جي شاعريءَ جو مجموعو ”مون پڻ ڳايو هو“ انهيءَ وقت جي شاعري تي مشتمل آهي؟

ڊاڪٽر: جي ها. اها آهائي پراڻي شاعري آهي ۽ بلڪل روايتي شاعري آهي ۽ عشق ۽ بلبل جيڪي ان وقت جا موضوع هوندا هئا، پر تنهن هوندي به هاڻي ڏسندو آهيان ته انهيءَ ۾ منهنجي قومي شاعري هئي، مان توهان کي ٻڌايان ته ان وقت مون هڪ شعر چيو هئو، ته قائد اعظم اسان کي ان ڪري پيارو آهي ڇو جو هو هڪ سنڌي آهي. هاڻي انهي مان اهو محسوس ٿئي ٿو ته منهنجي قومي شاعري انهيءَ وقت تي جڙون پڪڙي چڪي هئي. هون ته مان ان وقت سياسي ۽ قومي شعر گهڻا چوندو هيس ۽ اهي ئي منهنجو موضوع هوندا هئا. ان کان پوءِ مان ڪهاڻيون لکندو رهيس. ڪهاڻين ۾ ته گهڻو ڪري سياست ۽ قومي موضوع رهندو آيو، ان کان علاوه طبقاتي موضوعن تي ڪهاڻيون لکندو رهيس. هن وقت مان ٽي سئو کان به وڌيڪ ڪهاڻيون لکي چڪو آهيان، جنهن ۾ هر موضوع تي ڪهاڻيون اچي چڪيون آهن، ان کان علاوه ٽي ناول به منهنجا ڇپجي چڪا آهن. سئو کن کان وڌيڪ منهنجا لکيل مضمون ڇپجي چڪا آهن، جن مان ڪي ڪتابي صورت ۾ آهن ۽ ڪي مختلف رسالن اخبارن وغيره ۾.

سوال: سائين توهان جي شروعاتي دؤر (جڏهن توهان لکڻ شروع

ڪيو) واري ادب ۽ هاڻوڪي ادب ۾ جيڪي لکجي ٿو. ڪهاڻي ناوڙي شاعري يا ناول، ته ان ۾ هڪڙو فرق آهي معنيٰ ترقي/سڌارو ٿيو آهي. هينئر نوان نوان لاڙا آيا آهن، جدت آئي آهي، هينئر ادب وڌيڪ ڇپجي ٿو، اڳي ذريعا به گهٽ هيا، ته توهان انهي کي ڪيئن ٿا محسوس ڪيو ته جيڪا ڊيولپمينٽ آئي آ، انهيءَ مان مطمئن آهيو يا اڃان ان ۾.....

ڊاڪٽر: اها تمام خوشيءَ جي ڳالهه آهي جو هينئر تمام گهڻا رسالا اخبارون ڪتاب ڇپجن ٿا ۽ اسان جي زماني ۾ مشڪل سان ڪو رسالو ڇپجندو هيو ۽ اخبار به ڪا هڪ ٻه هوندي هئي ۽ ڪهاڻيون ڪتي ڇپيون ڪونه هيون، مشڪل سان ڪتي ڪا ڪهاڻي ڇپبي هئي. اهڙيءَ طرح اهو وڏو مسئلو هوندو هئو. اسان ڪهاڻيون لکندا ته هياسين پر انهن کي ڇپائڻ لاءِ نهارڻو پوندو هئو ته ڪهڙي رسالي کي ڏيون.

سوال: هڪڙي ڳالهه آهي سائين، جيڪا اڄڪلهه ڏٺي ٿي وڃي، ڪجهه دوستن جو اهو خيال آهي ته اڳي جيڪا شيءِ ڇپبي هئي يا جيڪي شيون ايندڙيون هيون، سي تمام گهڻيون معياري هونديون هيون پر هاڻي معيار جو ٽيمپو ڪجهه لوز ٿيو آهي.

ڊاڪٽر: نه سائين، مان اها ڳالهه چوندس ته اهي ڪهاڻيون پنهنجي وقت جي لحاظ کان معياري هيون ۽ اڄوڪيون ڪهاڻيون، اڄوڪي وقت جي لحاظ کان بلڪل معياري آهن. بلڪ موضوع جي لحاظ کان اڄوڪيون ڪهاڻيون وڌيڪ سٺيون آهن. منهنجي چوڻ جو مقصد اهو آهي ته سماجي ترقيءَ سان گڏ، موضوع مٽجندو رهي ٿو، ان ڪري ائين نه ٿو چئي سگهجي ته ڪهاڻيءَ جو ٽيمپو لوز ٿيو آهي. مان ائين چوندس ته اسان جي ڪهاڻي ترقي ڪئي آهي.

سوال: توهان اصل ۾ خانواهڻ جا آهيو، پر هن وقت توهان جو خانواهڻ ڏانهن وڃڻ نه جي برابر آهي. ان جو ڪهڙو سبب آهي.

ڊاڪٽر: ڇاڪاڻ ته حيدرآباد ۾ اچي سيٽل ٿيس، تڏهن به ڳوٺ کي صفا ڪونه ڇڏيم، جڏهن ڇگو ڀلو هوندو هئس ته ڳوٺ ويندو

هئس. عيدن ٻيدن تي موڪلن تي ۽ شاديءَ غمي تي ڳوٺ ويندو هئس. اهڙي طرح مون ڳوٺ کي بلڪل ڪونہ وساريو آهي، هينئر بہ آءٌ ٿورو وقت ٿيو آهي تہ ٻي هفتا اهڙي حالت ۾ بہ رهي آيو آهيان. ۽ هون تہ هينئر طبيعت جي حالت اهڙي آهي جو علاج وغيره جي خيال کان گهر کان ٻاهر نہ ٿو نڪري سگهان انهيءَ ڪري هتي ئي حيدرآباد، نسيم نگر ۾ رهان ٿو.

سوال: سائين توهان پنهنجي خانواهڻ واري زندگيءَ جي باري ۾ ڪجهہ ٻڌايو؟

ڊاڪٽر: چار درجا سنڌي خانواهڻ پرائمري اسڪول ۾ پڙهيم، سيڪنڊري تعليم جيئن شروع ٿي تہ انهي وقت اسان کي نوابشاه وڃڻو پيو، انهيءَ جو سبب اهو هئو جو خانواهڻ يا ڪنڊياري ۾ هاءِ اسڪول ڪونہ هوندو هئو.

سوال: سائين مختلف ذاتين جا ماڻهو، عباسي سڏائيندا آهن، جن ۾ ڪلهوڙن جي اڪثريت آهي. توهان مهرباني ڪري اهو ٻڌائيندا تہ توهان جي اصل ذات ڪهڙي آهي؟

ڊاڪٽر: منهنجي اصل ذات ڪنيڙو آهي، مان هينئر پاڻ کي ڪنيڙو سڏائڻ بهتر ٿو سمجهان. ڇاڪاڻ تہ ڪنيڙو اصل سنڌي لفظ آهي ۽ سهڻو لفظ آهي. ڇاهي تہ اسان سنڌي ماڻهن کي عربن جي ڪري گهڻ هڃڻ جو احساس پئي رهيو آهي. انهيءَ ڪري اسان جي وڏن، عربن سان نسبت کي ملائيندي عباسي سڏائڻ شروع ڪيو، حالانڪ منهنجو والد ڪنيڙو سڏائيندو هو، پر منهنجو ماسو ۽ وڏو سئوٽ ڪرنل مشتاق عباسي سڏائڻ لڳا، اهڙي طرح اسان جيڪي انهن جي پويان هئاسين انهن بہ عباسي سڏائڻ شروع ڪيو. پر جڏهن کان آءٌ باشعور ٿيو آهيان تڏهن کان چاهيان ٿو تہ جيڪر ڪنيڙو سڏايان، پر عباسي لفظ سان منهنجو نالو مشهور ٿي ويو آهي انهيءَ ڪري عباسي ئي سڏايان ٿو.

سوال: سائين جيئن تہ توهان جي اصل ذات ڪنيڙو آهي، هاڻي توهان اسان کي پنهنجي اصل ذات ڪنيڙو جي باري ۾ ڪجهہ ٻڌايو

ته ان جو پس منظر ڇا آهي ۽ اها ذات ڪيئن وجود ۾ آئي؟
ڊاڪٽر: ذات ڪنڀڙو لاءِ چوندا آهن ته اسان جا وڏا جنهن پير جا مريد هئا، ان کي اسان جو ڪو وڏو ڪير پهچائڻ ويندو هو. هاڻي اسان جي ڳوٺ ۾ پير صاحب جي درگاهه جو هنڌ هڪ ٻئي کان ڪافي مفاصلي تي هئا. هڪ ڏينهن ڇا ٿيو ته، تمام گهڻو مينهن وسڻ جي باوجود اسان جو اهو وڏو جيڪو پير صاحبن کي ڪير پهچائيندو هو، پير صاحبن تائين کير کڻي پهتو ته اتي ان کي چيو ويو ته هيتري مينهن ۾ به تون هتي کير کڻي پهچي ويو آهين تون ته ڪو ڪنڀڙو آهين، اهڙيءَ طرح ان ڏينهن کان پوءِ اسان جو اهو وڏو ڪنڀڙو سڏجڻ لڳو. هاڻي ان ڳالهه جي هتي وضاحت ڪري ڇڏيان ته اسان جي ان وڏي کي ڪنڀڙو ڪنب سان نسبت ڏيندي ڪوٺيو ويو هو، ڇو ته ڪنڀن واري شيءِ اڏامڻ ڪري جلدي پهچي سگهندي آهي. اسان ڪنڀڙا خانواهڻ ۾ ته ڪافي گهٽ آهيون. پر خيرپور سکر ۽ بهاولپور ضلعي ۾ ڪنڀڙن جا ڪافي ڳوٺ آهن.
سوال: جيئن توهان پڙهيو به شهر نوابشاهه ۾ آهي ۽ ان کان پوءِ توهان حيدرآباد ۾ ئي رهيا آهيو، مطلب ته توهان جو گهڻو وقت شهرن ۾ گذريو آهي، پر ان جي باوجود توهان جي لکڻين ۾ نج ٻهراڙين جي جهلڪ نظر ايندي آهي، ۽ بلڪل اهو ماحول جيڪو صفا ٻهراڙي جو هوندو آهي، ان جو ڪهڙو سبب آهي؟
ڊاڪٽر: جيئن ته مون ٻهراڙيءَ سان واسطو بلڪل ئي نه ٽوڙيو آهي، سوڪلن ۾ مان هميشه ننڍي هوندي کان ئي ڳوٺ ويندو هئس. اتي ٻهراڙي جيئي ماحول ۾ موڪلون گهاريندو هيس. توهان جي انهيءَ سوال تي مون کي هڪڙي ڳالهه ياد اچي ٿي ته ٻهرين ڪهاڻي آءٌ ڪراچي ۾ سنڌي ادبي بورڊ جي آفيس ۾ کڻي ويو هيس، ته اتي ڪاڪو لال چند امر ڏنو مل، جيڪو ٽماهي مهراڻ جو ايڊيٽر هوندو هو، اها ڳالهه پاڪستان کان اڳ جي آهي، انهي وقت آءٌ شلوار قميص ۾ هيس ته مون پاڻ گهٽتائي جو احساس پئي محسوس ڪيو، مون اتي آفيس جي ورانڊي ۾ چڪر لڳايو ته ڏٺم

ته ڪاڪو لال چند پنهنجي آفيس ۾ ويٺو آهي ته مون کي ان ڏي اندر وڃڻ جي همت نه ٿي، ان وٽ ٻه - ٽي ڄڻا ٻيا به ويٺا هئا، ۽ اهڙي طرح مان بورڊ جي آفيس مان ڪاڪي لال چند سان ملڻ کان بغير ئي واپس موٽي ويم، وري ٻئي ڏينهن ان جي آفيس ويس ته هو اڪيلو ويٺو هو، پوءِ مان ان ڏي اندر هليو ويس. مان جيئن ئي ڪاڪي لال چند جي آفيس ۾ اندر گهڙيس. هن هڪدم اٿي مون سان هٿ ملايو، هن جي انهيءَ قدم سان منهنجي گهڻي همت افزائي ٿي، پوءِ مون کان پڇيائين ته پٽ ڪيئن آيو آهين. ڪاڪو لال چند ان وقت گهٽ ۾ گهٽ پنجهٽ يا ستر سالن جو هئو. هن جي پڇڻ تي مون چيومانس ته سائين مون ڪهاڻي لکي آهي، مهراڻ لاءِ جيڪڏهن موزون هجي ته وٺو ۽ شايع ڪجو. ان تي مون کي چيائين ته تون ويهه مان هينئر واندو آهيان. مان توکي ڪهاڻي پڙهي ٻڌايان ٿو ته موزون آهي يا نه. اهڙي طرح هن ان ئي وقت اها ڪهاڻي پڙهي ۽ چيو ته ڪهاڻي ڪجهه فني ڪچاين جي باوجود نهايت ئي موزون آهي، ڇوته تنهنجي لکيل ٻولي ڏاڍي سٺي آهي ۽ اها رسالي ۾ ڏينداسين. پر هڪڙي ڳالهه آءٌ توکي چوان ٿو ته ٻهراڙيءَ جا ڇوڪرا جڏهن شروع ۾ ڪراچي ۾ ايندا آهن ته هو صحيح سنڌي ٻولي ڳالهائيندا آهن، پر ڪجهه وقت شهر ۾ رهڻ کان پوءِ انهن جي ٻولي بگڙي ويندي آهي. تون هميشه اهو خيال ڪجانءِ ته پنهنجي اها ٻولي قائم رکندو اچين. تنهن ڪري مون کي ان جي ڪيل اها نصيحت هميشه ياد رهي آهي ۽ هونءَ به آءٌ ڪوشش ڪري شعوري طرح سنڌي لفظ ٻهراڙي جا استعمال ڪندو آهيان.

سوال: سائين توهان پيشي جي لحاظ کان ڊاڪٽر آهيو، پهريان توهان کي سرڪاري نوڪري به هئي، توهان اها نوڪري ڇڏي ڏني ان جو ڪو خاص سبب هئو؟

ڊاڪٽر: ڇاڪاڻ ته نوڪري ۾ گهڻيون پابنديون آهن، ۽ مان جيئن ته اسڪالرشپ هولڊر هيس. انهيءَ ڪري مون لاءِ اهو ضروري

هئو ته مان گهٽ ۾ گهٽ پنج سال سرڪاري نوڪري ڪريان.
اهڙيءَ طرح مان ڇهه سال نوڪري ڪرڻ ڪان پوءِ استيفعا ڏئي
ڇڏي. وڌيڪ توهان کي مان اهو ٻڌايان ته هي ٻڌائي ڇڏيان ته، ان وقت
سرڪاري نوڪريءَ ۾ بدليون تمام جلدي جلدي ٿينديون هيون.
۽ اها ڳالهه منهنجي لاءِ تمام تڪليف واري هئي، انهيءَ دوران ۾
مون شادي به ڪري ڇڏي هئي ۽ ٻارڙا به ٿي چڪا هئا. انهي
ڪري منهنجي لاءِ گهر ڇڏڻ ڏاڍي ڏکي ڳالهه ٿي پئي هئي.
سوال: جڏهن توهان استيفعا ڏني ته اهو ڪهڙو سن هئو؟
ڊاڪٽر: ١٩٥٩ع.
سوال: ان جو مطلب ته اهو ون يونٽ جو دؤر هيو. ته ڇا توهان
جي بدلي اوپر پاڪستان ته نه ٿي هئي؟
ڊاڪٽر: جي نه، اوپرپاڪستان ته نه ٿي هئي، پر منهنجي پوسٽنگ
جڏهن ٿئي ۾ هئي ته اختياري وارن منهنجي بدلي پنجگوار (بلوچستان)
ڪري ڇڏي. جنهن جو مون ان وقت تائين نالو به نه ٻڌو هو.
اڃان ٿٽي مان رليوَ نه ٿيو هيس ته مون کي پنجگور مان ٿي
منهنجي دوست جيڪو پڻ ڊاڪٽر هئو، تار ڪئي ته تون اڃان
پنجگور ڏانهن نه اچجان ڇو ته، هيڏي اچڻ وارا رستا برف پوڻ
ڪري بند آهن. پوءِ مان پنهنجي دوست جي اها تار ڪٽي وڃي
اختياريءَ وارن کي ڏيکاري ۽ پنهنجي بدليءَ جو حڪم معطل
ڪرايم.
سوال: سائين توهان جي پوري زندگي تمام گهڻن تجربن سان پريل
هوندي. جيئن ته هر ماڻهو کي زندگيءَ ۾ گهڻين ئي ڳالهين سان
واسطو پوي ٿو. پر هڪ ليکڪ جي حيثيت سان توهان شين کي
وڌيڪ سهڻي نموني گهرائيءَ سان نظر مان ڪڍيو هوندو، توهان کي
زندگيءَ ۾ ڏکيو ڪم ڪهڙو لڳو؟
ڊاڪٽر: بس مون کي زندگي ۾ نوڪري ڪرڻ ئي تمام ڏکي
لڳي.
سوال: جيئن ته هڪ اديب، تمام حساس شخص ٿيندو آهي هاڻي

ان شخص جي ان احساسات جو ان جي ازدواجي زندگيءَ تي ڪو اثر پيو ٿو يا نه؟

ڊاڪٽر: جي ها، ان ڳالهه جو اثر ان جي ازدواجي زندگي تي پوي ٿو، ڇو ته ان شخص ۽ ان جي گهر واريءَ جي ذهني لاڙن ۾ ڪجهه فرق ٿئي ٿو.

سوال: سائين توهان جو مقصد اهو آهي ته جيئن ته ان اديب جي گهر واري خود اديب نه آهي. ان ڪري انهن جي ذهني لاڙن ۾ فرق ٿئي ٿو؟

ڊاڪٽر: مان توهان کي پنهنجو مثال ٻڌايان ٿو، جيئن ته منهنجي گهر واري منهنجي هم خيال نه هئي، هاڻي ڇا هو ته شاديءَ کان اڳ مون ڇوڪري کي ڏٺو ڪونه، ان سان مليو ڪونه هيس. ڇوڪري جيڪا هئي سا وڏي آفيسر جي ڌيءَ هئي. ۽ شهري هئي. آءٌ ٻهراڙيءَ جو ۽ هڪ غريب ماستر جو پٽ هيس پوءِ جڏهن اسان جي شادي ٿي وئي ته پوءِ هڪ ٻئي کي ڏٺوسين. ته اسان جي خيالن ۾ تمام وڏو فرق هئو. انهيءَ فرق جي ڪري اسان جي درميان ڪافي جهيڙا به ٿيا. ۽ ان دوران ۾ ٻه ٽي ڀيرا هڪ ڇوڪرو ۽ ٻه ڇوڪريون به ٿيا. نيٺ اسان جي ذهني لاڙن ۾ فرق هجڻ جو نتيجو طلاق جي صورت ۾ نڪتو. منهنجي لاءِ شادي هڪ الميو ثابت ٿي.

سوال: جيئن ته توهان جي شادي پنهنجي خاندان کان ٻاهر ٿي هئي، ته ڇا اسان انهيءَ شادي کي لو ميريج چئي سگهون ٿا؟

ڊاڪٽر: جي نه، منهنجي شادي پيار جي شادي نه هئي، پر ارينج ميريج هئي، پر تنهن هوندي به ان جو انجام صحيح نه ٿيو.

سوال: سائين توهان پلا ان کان پوءِ ٻي شادي ڪئي؟

ڊاڪٽر: جي نه، مون ٻي شادي نه ڪئي، ان جو سبب اهو هئو جو منهنجا ٻار مون سان رهيا، انهن جي ماءُ ٻي شادي وڃي ڪئي پر مان ٻارن تي ماڻيجي ماءُ آڻڻ نه چاهي، ڇو ته ماڻيجي ماءُ جو ڪردار بين الاقوامي سطح تي خراب رهيو آهي. حالانڪ منهنجي عمر ان وقت پنجيتاليهه سال هئي ۽ مان شادي ڪري پئي سگهيس.

مرد ته ست سالن جي عمر ۾ ٻه شاديون ڪن ٿا.

سوال: سائين عام طور تي اهو ڏٺو ويو آهي تہ ڪافي اهڙيون شاديون ٻه ناڪام ٿي وڃن ٿيون، جيڪي عورت ۽ مرد جي پسند سان ٿينديون آهن. توهان اهو ٻڌايو تہ ان جو ڪو سماجي سبب آهي يا نفسياتي پهلو آهي؟

ڊاڪٽر: سائين ان ڳالهہ جا سماجي سبب تہ گهڻائي آهن. جن مان خاص سبب اهو آهي تہ انهن جي پاڻ ۾ انڊر اسٽينڊنگ قائم رهي نہ ٿي سگهي. منهنجي شادي حالانڪ لوميريج نہ هئي پر ان شادي مان منهنجو پيءُ ۽ مان ڏاڍو خوش ٿيا هياسين. ڇو تہ هڪ وڏي آفيسر پنهنجي ڌيءَ هڪ غريب ماستر جي پٽ کي ڏني هئي، پر اڳتي هلي اها شادي ٻہ ناڪام ٿي وئي.

سوال: سائين هڪ اها ڳالهہ آهي تہ جڏهن ماڻهو جي انڊراسٽينڊنگ نہ ٿي رهي تہ پوءِ هو شخصيت ۾ ڪا کوٽ محسوس ڪري ٿو؟ ۽ جيڪڏهن ڪري ٿو تہ پوءِ توهان ان جي پورائيءَ لاءِ ڇا ڪيو؟

ڊاڪٽر: جي ها، انڊر اسٽينڊنگ نہ هئڻ ڪري ماڻهو شخصيت ۾ کوٽ محسوس ڪري ٿو. مون ان ڳالهہ کي محسوس ڪندي پنهنجي طبيعت کي ڦيرائڻ جي ڪافي ڪوشش ڪئي تہ مان هن جي مطابق هلان، ڇو تہ مان هڪ باشعور ماڻهو هيس، پر گهڻي ڪوشش جي باوجود ٻہ قصو ٺهي نہ سگهيو ۽ ويهن سالن جو عرصو ائين جهيڙي واري ماحول ۾ گذري ويو، جنهن جو انجام وڃي طلاق سان ٿيو.

سوال: سائين توهان جو هڪ ناول آهي 'پيار ڪهاڻي' ان ۾ ائين محسوس ٿئي ٿو ڄڻ تہ اهو توهان جي زندگيءَ جو عڪس هجي. ڇو تہ ان ۾ ڊاڪٽري پيشي سان لاڳاپيل شيون ۽ سماجي مسئلن جو تسلسل ڪجهہ اهڙي نموني سان پيش ٿيل آهي؟

ڊاڪٽر: هڪ ڪهاڻيڪار يا ناول نويس جڏهن ڪا ڪهاڻي يا ناول لکندو آهي تہ اها پنهنجي زندگيءَ مان ڪڍندو آهي. هاڻي واقعو هن مان پاڻ ٿيل هوندو آهي يا هن جي ڪنهن واسطي

واري شخص سان يا اهو واقعو هن ڪتاب پڙهندو هوندو آهي. بهرحال اها حقيقت ضرور هوندي آهي. پوءِ ان حقيقت کي مڪمل ڪرڻ لاءِ يا ناول جو رنگ ڏيڻ لاءِ ڪجهه ڪردار ۽ ڳالهيون وڌيڪ شامل ڪرڻيون پونديون آهن. هاڻي هن ناول ۾ ڪجهه حصو منهنجي ذاتي زندگيءَ جو به آهي پر ٻين جو به آهي جنهن لاءِ توهان ائين چئي سگهو ٿا ته اهو منهنجي مشاهدي مان ورتل آهي. مون کي چوندا آهن ته تون پنهنجي آتم ڪهاڻي لک، ته آءٌ انهن کي چوندو آهيان ته آتم ڪهاڻي ۾ ماڻهو سمورو سچ نه لکندا آهن، هو پنهنجي زندگيءَ جون سٺيون ڳالهيون يا خوبيون ته صحيح لکي ويندا آهن پر هو پنهنجي ڪچين ڳالهين يا اوڻائين تي ڪافي حد تائين پردو وجهي ويندا آهن. انهيءَ ڪري توهان جيڪڏهن منهنجي زندگيءَ جي باري ۾ ڄاڻڻ چاهيو ٿا ته پوءِ منهنجون لکيل ڪهاڻيون ۽ ناول پڙهو.

سوال: پيار جو سوال- هڪ طرفي پيار کي اسان ڪهڙو نالو ڏئي سگهون ٿا؟

ڊاڪٽر: خام خيالي، پر مان هڪ طرفي پيار کي پيار تسليم ئي نٿو ڪريان.

سوال: سائين توهان جيئن ته بنيادي طور تي قومپرست آهيو، توهان اسان کي اهو ٻڌايو ته هن وقت جيڪي قومپرست پارٽيون آهن، انهن ڪيتري حد تائين ڪاميابي ماڻي آهي.

ڊاڪٽر: هن وقت سنڌ ۾ ڪا به قومپرست پارٽي نه آهي، هن وقت جيڪي پارٽيون موجود آهن، انهن مان ڪنهن ۾ ڪا خوبي آهي ۽ ڪنهن ۾ ڪا. ڪي پارٽيون ڪو ڪم ڪن ٿيون ته ڪي ڪو. ڪي وڏيرا پاڻ کي قومپرست سڏائي قومي پارٽيون ٺاهيو ويٺا آهن، ڪي شاگرد آهن اهي پنهنجون قومي پارٽيون ٺاهيو ويٺا آهن.

سوال: جيئي سنڌ تحريڪ مان الڳ ٿيندڙ ڌڙن، جي باري ۾ توهان جي ڪهڙي راءِ آهي؟

ڊاڪٽر: سنڌ جو هر قومپرست جي. ايم. سيد جي پيدائش آهي، سائين جي. ايم. سيد عملي سياست ۾ پاڻ به ڪامياب نه ويو آهي،

پر هن سنڌ کي جيڪو فڪر ڏنو آهي. اهو پڙهڻ ۽ فڪر ڪرڻ جوڳو آهي. هاڻي جيئي سنڌ تحريڪ مان جيڪي ڌڙا الڳ ٿيا آهن. ۽ ڪن ته الڳ پارٽيون به ٺاهيون آهن. اهي سڀ به قومپرست ٿي آهن ۽ انهن جون پارٽيون به قومپرست آهن. پر ڇاهي ته انهن مان ڪي سوشلزم چاهين ٿا؟ ڪي ڪجهه ٻيو.

سوال: سائين توهان جي ڀائيجي 'فهيم فاروق عباسي' کي مئي ايڪانوي ۾، ڪاريءَ ورديءَ وارن هالا ناڪي تي فائرنگ ڪري شهيد ڪري ڇڏيو. توهان ان بابت ڪجهه ٻڌايو؟

ڊاڪٽر: بس سائين هو جوشيلو جوان هئو. ۽ ڏاڍن سٺن خيالن جو هو ۽ سنڌس واسطو ترقي پسند پارٽيءَ وارن سان هيو ۽ ڊاڪٽر قادر مگسيءَ جي گرفتاريءَ خلاف حيدرآباد ۾ ٿيندڙ احتجاجي جلسي ۾ شرڪت لاءِ اچي رهيو هو ته مهراڻ يونيورسٽي جي بس تي بنا جواز فائرنگ جي زد ۾ اچي ويو.

(ان وقت ڊاڪٽر صاحب اسان کي، فهيم عباسيءَ جي ياد ۾ شايع ٿيل ڪتاب، 'موٽڻ جنين ميٺو' پڻ ڏنو.)

سوال: سائين توهان جو لکڻ پڙهڻ جو سلسلو ڪيئن هلي رهيو آهي.

ڊاڪٽر: مان هن وقت بيماري (اڌ رنگ) جي ڪري لکي به ڪونه ٿو سگهان ۽ پڙهڻ ۾ به دل ڪانه ٿي لڳي. ۽ ان ڪري لکڻ پڙهڻ تمام گهٽجي ويو آهي.

سوال: سائين ڀلا لکڻ لاءِ دل چاهي ٿي؟

ڊاڪٽر: جي ها، لکڻ لاءِ دل ته چاهي ٿي پر ڇا ڪجي. جيئن ته توهان سون کان منهنجي زندگيءَ جي باري ۾ ڪافي سوال ڪيا آهن. ان ڪري مان توهان کي ٻڌايان ٿو ته منهنجي زندگي جا چار وڏا المناڪ واقعا آهن جن مان هڪڙو واقعو آهي. منهنجي شادي، ماڻهن جي شادي انهن لاءِ گهر جي آبادي هوندي آهي پر منهنجي شادي مون لاءِ هڪ ٽريجڊي آهي. ٻيو المناڪ واقعو آهي طلاق، طلاق ٿي وڃڻ ڪري منهنجا ٻار مون سان رهيا ۽ مون کي پالڻا پيا. ان وقت منهنجي ننڍي ڇوڪري ٽن سالن جي هئي، ۽

منهنجي گهر ۾ ڪابه ٻي عورت ڪانه هئي. ان ڪري مون پنهنجي سئوٽ اقبال کي پاڻ سان رهايو پوءِ ان جي گهر واريءَ ان سلسلي ۾ منهنجي ڪافي مدد ڪئي. ٽيون واقعو آهي دهشتگردن هٿان منهنجي لطيف آباد واري گهر جي ڦر لٽ، ان ڦر لٽ ۾ ٻئي سڀ شيءِ سان گڏ منهنجي سڄي عمر جو ادبي سرمايو، يعني منهنجي ذاتي لائبرري به لٽجي وئي. ۽ چوٿون المناڪ واقعو آهي، منهنجي هيءَ بيماري، هاڻي مان انهن سڀني واقعن مان هن بيماريءَ کي وڌيڪ ڏکيو سمجهان ٿو ڇو ته ان ڪري مان لکڻ پڙهڻ کان وڃي ويو آهيان.

سوال: سائين توهان هن وقت لکڻ ته چاهيو ٿا پر لکي نٿا سگهو، هاڻي ان ڪيفيت ۾ توهان ڇا ٿا محسوس ڪيو؟

ڊاڪٽر: بس انهيءَ حالت کي ڏسي سوچيندو آهيان ته خودڪشي ڪري ڇڏيان. هن حالت ۾ ڇو ته ٽائيم ئي ڪونه ٿو گذري، ڇو ته ڪو به ڪم ڪار ڪرڻ جي پوزيشن نه آهي نه ئي لکي پڙهي ۽ نه ئي هيڏي هوڏي گهمي ڦري تفريح حاصل ڪري سگهجي ٿي. هاڻي ان حالت ۾ رڳو پيو سوچيندو آهيان. ننڊ به گوليءَ کان سواءِ ڪانه ايندي آهي ان ڪري دل چاهيندي آهي ته آتم هتيا ڪري ڇڏيان ڇو ته اڳ ۾ ته آسرو هئو ته طبيعت ٺيڪ ٿي ويندي پر هاڻي اهو آسرو به ڪونه آهي.

سوال: علاج جي سلسلي ۾ ڊاڪٽرن جو چوڻ ڇا آهي؟

ڊاڪٽر: ڊاڪٽرن جو چوڻ آهي ته ولايت مان علاج ڪرايان پر منهنجي مالي حالت اهڙي نه آهي جو مان ٻاهران علاج ڪرائي سگهان.

سوال: ٻاهران علاج ڪرائي اچڻ جي سلسلي ۾ سرڪار پاران توهان کي پيشڪش نه ڪئي وئي آهي؟

ڊاڪٽر: ان سلسلي ۾ مختلف تنظيمن ۽ شخصيتن پاران پريس مطالبا ڪيا پيا ٿا وڃن ته، ڊاڪٽر کي علاج لاءِ ٻاهر موڪليو وڃي. مون کي مظفرحسين شاهه جي حڪومت ۾ موجود ٻن وزيرن

اسماعيل راهو ۽ لياقت جتوئيءَ جي طرفان حيدرآباد ۾ هڪ جلسي ۾ هزارين ماڻهن جي آڏو اها يقين دهاني ضرور ڪرائي هئي تہ توهان کي سرڪاري خرچ تي علاج لاءِ ٻاهر موڪلبو. پر ان ڳالهہ جو ڪو بہ نتيجو اڃان تائين سامهون نہ آيو آهي.

سوال: سائين توهان سرڪاري سروس تان استيفعا ڏيڻ کان پوءِ ڪافي وقت پنهنجي پرائيويٽ ڪلينڪ هلائيندا رهيا. هاڻي ڪجهہ وقت کان اها ڪلينڪ توهان بند ڪري ڇڏي آهي. ان جو سبب توهان جي طبيعت جي ناسازي هئو يا حيدرآباد جا لساني جهيڙا؟

ڊاڪٽر: ڪلينڪ بند ڪرڻ جو سبب منهنجي طبيعت جي ناسازي آهي، ڇو تہ فالج جو حملو ٿيڻ ڪري منهنجي فزيڪل پوزيشن اهڙي نہ آهي جو مان پنهنجي پريڪٽس جاري رکي سگهان.

سوال: سائين توهان دهشتگرن هٿان حيدرآباد وارو گهر ڦرجي وڃڻ کان پوءِ، ڪجهہ وقت سکر ۾ وڃي رهيا هئو، هاڻي وري توهان حيدرآباد ۾ رهو ٿا. انهيءَ جو سبب توهان جو حيدرآباد سان دلي لڳاءُ آهي يا ڪو ٻيو؟

ڊاڪٽر: مان حيدرآباد مان نڪرڻ کان پوءِ ڪجهہ وقت ڪراچيءَ ۾ پنهنجي پٽ وٽ رهيس پوءِ سکر ۾ ۽ هاڻي وري حيدرآباد ۾، ڇو تہ ڪجهہ گهرو حالات اهڙا آهن جو هتي مون کي وڌيڪ سهوليت محسوس ٿئي ٿي ۽ ڪجهہ اهو بہ آهي تہ مان حيدرآباد ۾ چاليهہ سال رهيو آهيان انهيءَ ڪري منهنجو حيدرآباد سان دلي لڳاءُ بہ آهي.

سوال: سائين سنڌي ادب ۾ توهان جي هڪ نمائنده حيثيت آهي، توهان مهرباني ڪري اهو ٻڌائيندا تہ توهان جي اولاد مان ڪو لکي ٿو؟

ڊاڪٽر: مون کي اهو تمام گهڻي افسوس سان چوڻو پوي ٿو تہ منهنجي اولاد کي، ادب سان ڪابہ دلچسپي ڪانهي. مان تہ اهو سوچيندو هيس تہ مون وٽ هيترا ڪتاب آهن انهن کي ڪير سنڀاليندو ڇو تہ جنهن ماڻهوءَ کي ڪتابن جو شوق نہ آهي انهيءَ لاءِ ڪتاب

بي معنيٰ آهن.

سوال: سائين توهان جي ننڍي ڪڪيءَ (ڪونج) ته شايد ڪجهه ڪهاڻيون لکيون آهن؟

ڊاڪٽر: ها، انهيءَ ۾ ٻه ٽي ڪهاڻيون لکيون آهن ۽ اهو به چوندي آهي ته مان ڪهاڻيون لکان ٿي پر هوءَ باقاعده ليکڪا جي حيثيت سان سامهون اچي نه سگهي آهي ۽ ان کي ايترو پڙهڻ جو شوق به ڪونه آهي.

سوال: سائين ڀلا توهان جي خاندان مان ڪو ٻيو لکي ٿو؟

ڊاڪٽر: جي ها، منهنجي خاندان مان ٻه ڇوڪرا جيڪي منهنجا ڀاڻيجا آهن، جن مان هڪ جو نالو سرمد عباسي ۽ ٻئي جو اسلم عباسي آهي، اهي لکن به ٿا ۽ انهن کي ڪتابن پڙهڻ جو شوق به آهي.

سوال: سائين توهان جو پنهنجي زندگي ۾ گهڻين ئي شخصيتن سان واسطو پيو هوندو، توهان مهرباني ڪري اهو ٻڌائيندا ته توهان کي سڀ کان وڌيڪ ڪهڙي شخصيت متاثر ڪيو؟

ڊاڪٽر: مان پنهنجي زندگيءَ ۾ محمد عثمان ڏيپلائي جي شخصيت کان گهڻو متاثر ٿيو آهيان، ڇو ته اهو ڪامريڊ ماڻهو هئو ۽ ان جا خيالات ترقي پسند هئا، هن سان ڏاڍيون ڪچهريون ٿينديون هيون ۽ هن جون لکڻيون پڙهندو هيس ۽ حقيقت ۾ مون ۾ جيڪو ذهني انقلاب آيو سو محمد عثمان ڏيپلائيءَ جي لکڻين آندو.

سوال: سائين توهان پنهنجي زندگي ۾ ڪڏهن ڪو پيار ڪيو يا نه؟

ڊاڪٽر: نه سائين مون پيار ڪونه ڪيو، پيار ڪنهن سان ٿيوئي ڪونه.

سوال: ڀلا اها خواهش رهي ته ڪنهن سان پيار ٿئي؟

ڊاڪٽر: ها بلڪل اها خواهش هئي بلڪ ڏاڍو شوق هيو ته ڪنهن سان پيار ٿئي پر ڪنهن سان ڪونه ٿيو.

سوال: سائين توهان ڇا ٿا سمجهو ته سنڌ جو مستقبل ڇا آهي سنڌ آزادي ماڻيندي يا نه؟

ڊاڪٽر: سنڌ جو مستقبل تمام روشن آهي ۽ آزاد ٿيندا سون ۽ سنڌ آزاد ٿيندي. انهيءَ لاءِ ڪوششون ٿي رهيون آهن، ۽ ڪيترائي ماڻهو ان ڳالهه لاءِ ذهني طرح تيار ٿي ويا آهن.

سوال: پر سائين گهٽ ۾ گهٽ ڏرين جو چوڻ آهي ته سنڌي ماڻهو ايڏا ايترا ڊيولپڊ مائينڊيڊ نه ٿيا آهن، يا سوليءَ سنڌيءَ ۾ ائين ڪٿي چئجي ته انهن ۾ ايترو افعال نه آهي جو هو آزادي ماڻي سگهن؟

ڊاڪٽر: اسان اڳ ۾ تاريخ ۾ آزاد رهيا آهيون. گهٽ ۾ گهٽ پاڪستان جي قومن ۾ جيڪا ذهني سجاڳي آهي اها سنڌين ۾ ٻين سڀني قومن کان وڌيڪ آهي. باقي ڪيئن ٿا چون ته سنڌي بي افعالا آهن.

سوال: سائين توهان جون جيڪي شروعاتي ڪهاڻيون آهن انهن ۾ قومي موضوع ته رهيو ئي رهيو آهي پر وڌيڪ ڪهاڻين جو موضوع عشقيه رهيو آهي ۽ هاڻي واري دور ۾ توهان جون جيڪي مون ڪهاڻيون پڙهيون آهن انهن ۾ عشق جو عنصر ڪجهه گهٽ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. انهيءَ جو ڪهڙو سبب آهي؟

ڊاڪٽر: مان سمجهان ٿو ته انهيءَ ۾ عمر جو عنصر شامل آهي. جيئن جيئن ماڻهو جي عمر وڌي ٿي ته ان مان اها عشق واري ڳالهه گهٽجڻ لڳي ٿي.

سوال: سائين توهان ڇا ٿا سمجهو ته اسان جا جيڪي نوجوان ليکڪ آهن، انهن ۾ تخليقي صلاحيتون آهن؟

ڊاڪٽر: توهان جي ان سوال جي جواب ۾ مان اهو چوندس ته اسان جي نوجوان ليکڪ وٽ لکڻ جي تمام گهڻي صلاحيت آهي، هو پراڻن ليکڪن کان وڌيڪ سٺو ٿا لکن، انهن جي لکڻ جو اسٽائيل به وڌيڪ سٺو آهي ۽ انهن جا موضوع به ڪافي جاندار آهن.

سوال: سائين توهان ادب ۾ تنقيد جي حوالي سان ڪجهه ٻڌايو؟

ڊاڪٽر: سائين سنڌيءَ ۾ تنقيد لکجي ڪانه سگهي آهي، ڪي ٻه چار ڪتاب هوندا سنجيده قسم جا پيا نه ته ائين پنهنجي ياري دوستي نڀائڻ ۾ ڪجهه نه ڪجهه لکندا آهن.

سوال: سائين پوءِ اهڙي تنقيد کي جيڪا ياري دوستي نڀائڻ لاءِ لکي ويئي هجي ان کي سنڌي ادب جو حصو قرار ڏئي سگهجي ٿو يا نه؟

ڊاڪٽر: ان کي ادب جو حصو چوڻ به ڪُپي ۽ نه چوڻ به ڪُپي. چوڻ ان ڪري ڪُپي، ڇو ته اسان جي ادب ۾ تنقيد نه جي برابر آهي ۽ اها ڪنهن به حوالي سان لکيل ضروري آهي. ۽ نه انهيءَ ڪري چوڻ گهرجي، جو اهڙي تنقيد لکڻ جو مقصد مشڪوڪ آهي.

سوال: سائين توهان پنهنجي شايع ٿيل ڪتابن جو تعداد ٻڌايو ته اهو ڪيترو آهي ترجمن وغيره سان ملائي؟

ڊاڪٽر: منهنجا شايع ٿيل سڀ ڪتاب اٺاويهه آهن.

سوال: سائين توهان ناول جي باري ۾ ڪجهه ٻڌايو ته اسان وٽ ناول گهٽ ڇو لکيو ويو آهي؟

ڊاڪٽر: ناول انهيءَ ڪري گهٽ لکيا ٿا وڃن ڇاڪاڻ ته لکڻ وارا ڪل وقتي لکڻ وارا نه آهن بلڪ شوقيه لکندڙ آهن ۽ اصل ۾ اسان وٽ لکڻ وارن کي ڪو معاوضو وغيره به ڪونه ٿو ملي ۽ خاص ڪري ناول جي ڇپائي جو به مسئلو آهي. جيئن ناول ڪافي وڏو ٿيندو آهي ۽ ان کي ڇپائي نه سگهبو آهي. ان ڪري لکندڙ ان ڪان پاسو ڪن ٿا ۽ پنهنجي شوق جي پورائي لاءِ ننڍيون ڪهاڻيون لکن ٿا جيڪي مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ آسانيءَ سان ڇپجي به وڃن ٿيون.

سوال: جيئن نه پڙهندڙن ۽ نون لکندڙن لاءِ پيغام وارو سوال ڪافي روايتي آهي پر پوءِ به توهان ڪان پڇجي ٿو، ڇو ته هر ڪنهن جو پيغام مختلف ٿي سگهي ٿو؟

ڊاڪٽر: نوان لکندڙ ڪافي سٺو ٿا لکن ۽ اهي پنهنجي اها روايت جاري رکن ته جيئن سنڌي ادب کي بين الاقوامي معيار تي پهچائي سگهجي. ☆

(عبرت ميگزن ١- جون ١٩٩٣ع تان ورتل)

# هڪ خاندان کي ڏنل انٽرويو

محترم ڊاڪٽر نجم عباسي جو هڪ يادگار انٽرويو، جيڪو ١٥-٥-٩١ع تي "جهتيال هائوس" گهوٽڪي ۾ رڪارڊ ڪيو ويو. انٽرويو پينل ۾ شامل:

(١) ڊاڪٽر امان الله جهتيال

(٢) نور ناز سنڌو

(٣) سائل سنڌي

(٤) انجنيئر عنايت آزاد جهتيال

سوال: سنڌي اديبن بابت توهان جي ڇا راءِ آهي؟

جواب: ادا سائين! سنڌ جا اديب نهايت باشعور آهن. انهن ۾ قومي "ساڃاهه" آهي ۽ هو طبقاتي سماج جي خلاف آهن، هو چاهين ٿا ته سنڌ ۾ طبقاتي سماج جو خاتمو ٿئي، اصل ۾ ترقي پسند اديب جي اها سوچ هوندي آهي ته وڏيري ڪلاس جو خاتمو ڪيو وڃي. سنڌي اديبن جي سوچ جو مرڪز هميشه سنڌ رهي آهي، سنڌي اديب هميشه سنڌ جي پڙهيل طبقي جي نمائندگي ڪندي انهن جي حقن لاءِ لکيو آهي.

سوال: توهان کي پنهنجي پڙهندڙن وٽان ڪهڙو "ريسپانس" مليو ۽ توهان ان وقت ڇا محسوس ڪيو؟

جواب: ڀيڻ نور ناز! مون کي لکندي اڌ صدي گذري وئي آهي، منهنجي ادب جو هيءُ گولڊن جوبلي سال (١٩٩١) آهي، مون کي پڙهندڙن جا خط، رايا ۽ قرب وغيره هميشه، لکڻ لاءِ اتساهيندا رهيا آهن، مون کي پنهنجي ڪهاڻين جي باري ۾ ڪافي خط وغيره ايندا رهندا آهن. انهن ۾ هميشه مون کي لکڻ لاءِ همٿايو ويندو آهي، آءٌ جنهن ڍنگ سان ڪهاڻيون لکندو آهيان ان کي ساراهيو ويندو آهي، مون هميشه پنهنجين ڪهاڻين ۾ سنڌ جي مسئلن کي

ڪئيو آهي، سون کي پنهنجي پڙهندڙن لکڻ لاءِ هميشه همت ڏياري آهي، پر سنڌ جي نقادن منهنجي ايڏي همت‌افزائي نه ڪئي آهي جيتري منهنجي پڙهندڙن ۽ مداحن ڪئي آهي.

سوال: هينئر سنڌ جا نوجوان اديب جيڪو ادب تخليق ڪري رهيا آهن ان مان توهان ڪيتري قدر مطمئن آهيو؟

جواب: پيڻ سائل سنڌي! عام طرح سنڌي نوجوان ليکڪ تمام سٺو سنڌي ادب تخليق ڪري رهيا آهن، سٺي ادب مان منهنجو مقصد اهڙو آهي جيڪو سنڌي قوم کي قومي آزادي ڏياري ۽ سنڌ مان طبقاتي سماج کي ختم ڪري، انهيءَ لحاظ کان سنڌي ڪهاڻيڪار ۽ شاعر وغيره اهڙو ادب تخليق ڪن ٿا جيڪو روشن خيال آهي ۽ ترقي پسند آهي ۽ سنڌي اديب ان معاملي ۾ باشعور آهي ته اسان جي قوم غلام آهي ۽ اسان جو سنڌي سماج طبقاتي سماج آهي جنهن ۾ هڪڙا مظلوم آهن ۽ ٻيا ظالم آهن، ظالم آهي وڏيرو، پير ۽ مير ۽ مظلوم آهي هاري، پورهيت ۽ مزدور.

سنڌي سماج کي سنڌي نوجوان اديب هميشه پيڙهيل ۽ طبقاتي سماج سمجهي ٿو، نوجوان ليکڪ پنهنجي لکڻين ۾ اهڙيون ڪهاڻيون يا شعر لکي ٿو جنهن ۾ ان مرده سماج خلاف ڀرپور جدوجهد ڪيل هوندي آهي.

سوال: توهان جي خيال ۾ اسان وٽ ڪهڙا طبقا آهن ۽ سنڌي اديب انهن کي ڪيئن برابر ڪرڻ چاهي ٿو؟

جواب: دوست عنايت! اسان وٽ ٻه طبقا آهن، هڪ ظالم، ٻيو مظلوم، (ظالم آهي وڏيرو، مظلوم آهي هاري ۽ پورهيت) سنڌي اديب، سنڌي سماج کي هميشه پيڙهيل ۽ طبقاتي سماج سمجهندي لکيو آهي. سنڌي ليکڪ هميشه اها ڳالهه ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته اسان قومي غلاميءَ ۾ آهيون ۽ اسان جو آقا پنجاب سامراج آهي جنهن جو اسان جي پيداواري ذريعن تي قبضو آهي، ان قبضي جي خاتمي لاءِ به سنڌي اديب هميشه پاڻ پتوڙيو آهي.

سوال: ماضيءَ ۾ سنڌي اديبن جو جيڪو ڪردار رهيو آهي ان

بابت توهان جا ڪهڙا ويچار آهن؟
جواب: پيٹ نور ناز! ماضيءَ ۾ سنڌي ليکڪن ۽ ليکڪائن تمام سٺو رول ادا ڪيو آهي ۽ هميشه پاڻ ملهايو آهي، سنڌي اديبائن سنڌي عورت جا مسئلا کنيا آهن، سنڌي عورت تي جيڪي هتي ظلم ٿين ٿا، خاص ڪري ٻهراڙيءَ ۾ وڏيرو جيڪو ظلم ڪري ٿو انهن مسئلن کي سنڌي اديبن تمام زوردار نموني سان کنيو آهي ۽ سماجي مسئلا جهڙوڪ: شادي يا ڏاج جي مسئلن کي به سنڌي اديبائن پنهنجين لکڻين جي هميشه زينت بڻايو آهي ۽ هنن ڪيترين ئي لکڻين ۾، سنڌي عورت جي تعليم تي زور ڏنو آهي ڇوته تعليم عورت لاءِ نهايت ضروري آهي ڇاڪاڻ اڳتي هلي اسان جي سنڌي عورتن کي سنڌ جي قومي آزاديءَ جي جنگ ۾ اسان سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي وڙهڻي آهي.
سوال: جنهن دور ۾ توهان لکڻ شروع ڪيو هو ۽ هن دور جي لکڻين ۾ ڪهڙو فرق محسوس ڪيو پيا؟
جواب: ادا اسان الله! اُن وقت به طبقاتي ادب لکيو ويندو هو پر ان ۾ شعور جي گهٽتائي هئي، جيڪو شعور هن وقت تمام گهڻو ڏٺو پيو وڃي، اُن وقت به وڏيرن جا ظلم ۽ هاري جي مظلوميت موجود هئي ۽ هاڻي به آهي پر ان کي اڳي ڪهاڻين ۾ لاشعوري طور کنيو ويندو هو، هن وقت جيڪو ادب سرجي پيو آهي اديب سوشلزم جي سائنسي تعليم وٺي پوءِ پيو لکي اُن وقت ماڻهن کي قومي آزادي جي ساڃاهه گهٽ هئي، هاڻي آها ساڃاهه تمام گهڻي آهي، هاڻوڪو اديب پنهنجي قوم ۽ ڌرتيءَ کي ڌارين جي تسلط کان ڌار ڏسڻ ٿو چاهي پر اڳ اسان واري دور ۾ ايترو شعور نه هو.
سوال: توهان پاڻ کي ڪڏهن خوش محسوس ڪندا آهيو يا توهان لاءِ خوشيءَ جي گهڙي ڪهڙي هوندي آهي؟
جواب: منهنجي پيٹ سائل! آءٌ جڏهن به سنڌ جي سوڀ يا فتح جي ڳالهه ٻڌندو آهيان اها گهڙي منهنجي لاءِ نهايت ئي خوشي آڻيندڙ هوندي آهي ۽ پوءِ اها سوڀ ڪهڙي به ميدان ۾ ڇو نه هجي (سياسي

سماجي، تعليمي يا اقتصادي ميدان ۾).

سوال: زندگيءَ جي ڪا ستم ظريفي جنهن توهان کي ڏک پهچايو هجي؟

جواب: زندگيءَ جي ستم ظريفي؟ ٿوري دير جي خاموشي....! ادا عنايت! مون ته جيڪا زندگي جي ستم ظريفي ٿي آهي اهو پناهگيرن جو تازو ظلم آهي پين سنڌ واسين وانگر، جنهن ۾ هنن ظالم ۽ بيغيرت پناهگيرن منهنجو ذاتي گهر جيڪو سنڌ ڌرتيءَ جي لطيف آباد حصي تي هو، جنهن ۾ منهنجي سڄي زندگيءَ جي ڪمائي صرف ٿيل هئي ۽ مون کي ڪابه بي ملڪيت ڪونه هئي، هٿيارن جي زور تي مون کي پنهنجي گهر مان زوري ڪڍيو ويو ۽ ان منهنجي گهر تي هينئر پناهگيرن جو قبضو آهي. اها زندگيءَ جي تمام وڏي ستم ظريفي آهي جنهن مون کي تمام گهڻو ذهني صدمو رسايو آهي.

سوال: سنڌي عورت ۾ ڪهڙيون خوبيون هجڻ گهرجن؟

جواب: ادي نور ناز: سنڌي عورت پاڻ کي ڪڏهن به گهٽ نه سمجهي ۽ ان کي هميشه باهمت ۽ بهادر ٿي ميدان ۾ اچڻ کپي. ان کي سياسي، سماجي ۽ قومي آزاديءَ جي تحريڪن ۾ ڀرپور حصو وٺڻ کپي ۽ خاص ڪري مظلوم عورتن لاءِ پاڻ کي وقف ڪري ڇڏي ۽ خود اعتماديءَ سان هر ستم ظريفيءَ جو مقابلو ڪرڻ گهرجيس.

سوال: توهان کي امر جليل جون لکڻيون ڪيئن لڳنديون آهن؟

جواب: ادا عنايت! بس ٺيڪ ٺاڪ لڳنديون آهن، تمام سٺيون نه، صرف چڱيون.

سوال: توهان جو پسنديده شاعر، ڪهاڻيڪار يا نثر نويس؟

جواب: محترمه پيڻ سائل! نثر ۾ مون کي سراج ميمڻ ڏاڍو وڻندو آهي، شاعريءَ سان منهنجي دلچسپي گهٽ آهي شعر آءٌ گهٽ پڙهندو آهيان ڪو خاص پسنديده شاعر ڪونهي جنهن جو نالو وٺي سگهجي.

سوال: توھان لکڻين ذريعي ڪافي ماڻھن جي دلين تي راڄ ڪيو آھي؟ ڇا توھان جي دل تي بہ ڪنھن راڄ ڪيو؟

سواب: سنڌي لکڻي جي لحاظ کان منھنجي دل تي ڪنھن راڄ ڪيو ھجي؟.... گھري سوچ....!

ھا! امان‌الله صاحب! شروع شروع ۾ آءٌ ڏيپلائي صاحب کي ڏاڍو پڙھندو ھوس ۽ ان جي گھڻو ڪري ھر لکڻي جيڪا ھن لکي آھي مون پڙھي آھي، مون ۾ ذھني ڦيرو، ذھني انقلاب يا لکڻ تي آماده ڪرڻ ۾ جناب محمد عثمان ڏيپلائي جي لکڻين جو وڏو عمل دخل رھيو آھي، سو اھو چئي سگھجي ٿو تہ محمد عثمان ڏيپلائي ڪنھن حد تائين لکڻين وسيلي منھنجي دل تي راڄ ڪيو آھي.

سوال: ڇا توھان ايمان پاڻ کي لکڻ لاءِ تيار محسوس ڪيو ھيا؟

جواب: ڀيڻ نور ناز! ھا! مون کي لکڻ جي ھاڻي بہ شديد خواھش محسوس ٿيندي آھي پر ھن فالج جي ڪري ٿورو اپاھج ٿي پيو آھيان پر ذھني طرح آءٌ ڪڙو تڙو آھيان ۽ ذھن ۾ تمام گھڻيون ڳالھيون اھڙن پيون جيڪي آءٌ لکڻ چاھيان پيو. سنڌ جي قومي آزادي مون کي ھميشہ لکڻ لاءِ ھمٿايو آھي.

سوال: توھان جي ڀھرين ڪھاڻي ڪھڙي ھئي ۽ ڪھڙي سن ۾ شايع ٿي؟

جواب: ڊاڪٽر امان صاحب! منھنجي ڀھرين ڪھاڻي "قلب اندر ڪعبو" ھئي جيڪا مون سن ١٩٤٤ع ۾ لکي ۽ اھا شايع ٿي ١٩٤٦ ۾، سنڌي ادبي بورڊ جي رسالي ٽہ ماھي مھراڻ ۾.

سوال: توھان کي ڪھڙي سياستدان يا ڪھڙي ڪتاب متاثر ڪيو؟

جواب: ڀيڻ سائل! اھڙو ڪو خاص سياستدان يا ڪتاب ڪونھي جيڪو ھڪدم منھنجي ذھن ۾ اڀري اچي.

سوال: توھان جي پسنديده گھمڻ واري جڳھ؟

جواب: عنايت صاحب! گھمڻ واري جڳھ مان مطلب ڪو شھر يا؟.... ڪا تاريخي جڳھ يا مڪان؟ ھونئن مون کي باغن ۽ باغيچن ۾ گھمڻ ڦرڻ سٺو لڳندو آھي قدرتي نظارا بہ ڏاڍا وڻندا اٿم.

سوال: توهان جي پنهنجين لکڻين مان ڪا من پسند ڪهاڻي؟
جواب: ادي سائل! اهو سوال مون کان ٻي ٻي دفعا پڇيو ويو آهي ۽ مون ان تي غور به ڪيو آهي پر اڃان تائين ڪنهن فيصلي تي نه پهچي سگهيو آهيان. آئون چوندو آهيان ته ڪهاڻي يا شعر وغيره هڪڙي قسم جي تخليق آهي. جهڙيءَ طرح والدين کي هرڪو ٻار پيارو هوندو آهي. اهڙي طرح اديب کي پنهنجي هر لکڻي هڪ جيتري پياري هوندي آهي.
تنهن ڪري آءٌ اهو نه ٿو ٻڌائي سگهان ته فلاڻي ڪهاڻي مون کي تمام گهڻي پسند آهي.
اها منهنجي مجبوري آهي.
سوال: توهان جي ڪهاڻي ”سنڌي ڳائڻي جو سپنو“ پڙهي ائين محسوس ٿيندو آهي، ڄڻ اها سچي ڪهاڻي هجي. توهان اسان کي ان ڪهاڻيءَ جو پس منظر ٻڌايو؟
جواب: ادا امان الله! مون کي ان ڪهاڻي جو پس منظر ياد ٿو اچي ته آءٌ هڪ ڏينهن گاڏي کاتي واري اسپتال ۾ ويٺو هوس، جنهن کي گهڻا سال ٿيا آهن؛ ته سنڌ جو برک ڪهاڻيڪار علي بابا منهنجي اسپتال ۾ آيو ۽ چيائين ته يار نجم! تنهنجو گهر ڪٿي آهي؟ مون چيو ته، ادا سائين منهنجو گهر ته لطيف آباد ۾ آهي، مون چيو، خير ته آهي؟ چيائين مون کي ٽي وي ڏسڻي آهي. مون چيو، مون کي تمام گهڻي خوشي ٿئي ها پر منهنجو گهر ته پري آهي. مون چيو چو ڀلا؟ اهڙي ڪا خاص ڳالهه آهي جو تون پڇين ٿو. چيائين ته اڄ ٽي وي تي منهنجو سنڌي ناٽڪ اچي پيو. ان لاءِ مون ٽي وي ڏسڻ پئي چاهي.
ڀلا ويجهو توهان جي ڪنهن واقفڪار جو گهر هوندو جو اتي وڃي ٽي وي ڏسان. مون ان کي ولي رام ولڀ جي گهر لاءِ ٻڌايو ته ان جو گهر ويجهو آهي.
ان کان پوءِ مون کي خيال آيو ته اسان جي ڪهاڻيڪارن ويچارن جو حال اهو آهي ته ويچارن وٽ صرف پنهنجي ٽي وي به ڪونهي

جو پنهنجو ناٽڪ ڏسي سگهن.
ان ڪهاڻي جو پس منظر يا بنياد علي بابا جو اهو واقعو هو جنهن منهنجي ذهن کي ان ڪهاڻي لکڻ لاءِ آماده ڪيو.
سوال: توهان جو پسنديده لطيف رح سرڪار جو ڪو شعر؟
جواب: دوست امان الله! لطيف سرڪار جي سموري شاعري هيرن جي کاڻ آهي، پوءِ آءٌ ڪهڙي هيري لاءِ چوان ته هيءُ مون کي پسند آهي.
پر تنهن هوندي به مون کي هيٺيون شعر ڪجهه وڌيڪ پسند آهي.
"سائينم سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار،"
هي سٽ نه ٿو چوان، چاڪاڻ ته هي سٽ آهي.........
امان الله- سائين هي سٽ مان انٽرنيشنلزم ظاهر ٿئي ٿو؟ ها انٽرنيشنلزم....... پر اسان جي هڪ پياري دوست ايم.اي عالماڻي ان هي سٽ جو غلط مطلب ورتو آهي ته لطيف سائين رح،
"دوست مٺا دلدار عالم سڀ آباد ڪرين."
۾ ساري عالم يا دنيا جي ماڻهن کي سنڌ ۾ آباد ڪرڻ جي دعا ڪئي آهي. ڊاڪٽر نجم عباسي ڪلندي چيو- جيڪو هينئر ٿي چڪو آهي سڄي دنيا جا ماڻهو، موچڙا، ڌڪا ٿاپا کائي سنڌ ۾ اچي نازل ٿيا آهن. پر مون محترم ايم. اي عالماڻي سان سهمت ڪونه ڪيو ته ڪو لطيف رح جو ڪو اهو مطلب هو.
سوال: توهان پنهنجي شاگردي واري دؤر ۽ اڄ واري شاگرد ۾ ڪهڙو فرق محسوس ڪيو ٿا؟
جواب: عنايت! جيڪي ڳالهيون ٻڌجن پيون ان مان ته تمام گهڻو فرق محسوس ٿئي ٿو. هر ڳالهه ۾ واضح فرق آهي.
مثال طور: اسان جي زماني ۾ ڪاپيءَ جو تصور به ڪونه هو، هاڻي ته سڄو دارومدار ڪاپيءَ تي آهي، اسان جي زماني ۾ استاد جي تمام گهڻي عزت ڪئي ويندي هئي، پر اڄ ڪلهه عزت ڪونه ٿي ڪئي وڃي، اسان جي دور ۾ استاد لالچي ڪونه هوندا هئا، ٽيوشن وغيره جو رواج ڪونه هو، پر اڄ ڪلهه استاد ڏاڍا لالچي ٿي پيا

آهن ۽ ٽيوشن جي بهاني شاگردن کان ڏاڍا پئسا ڦرين ٿا. ۽ استادن مان ذميواري جو احساس ته بلڪل ختم ٿي چڪو آهي.

سوال: ون يونٽ ۾ ”سنڌ“ کي جيڪي نقصان پهتا ان باري ۾ اسان کي ڪجهه ٻڌايو؟

جواب: ادا امان الله: ون يونٽ جا نقصان توهين هينئر به ڏسي سگهو ٿا. هينئر به ائين سمجهو ته ون يونٽ برقرار آهي، پر زوري ان کي پاڪستان جو نالو ڏنو اٿن، ون يونٽ ۽ پاڪستان ۾ ڪو خاص فرق ڪونهي. حقيقت ۾ ون يونٽ ختم نه ٿيو آهي، ڇوته پنجاب سامراج ون يونٽ واري زماني کان به وڌيڪ هاڻي سنڌ کي ڦري لٽي رهيو آهي، ان ۾ ڪو خاص فرق ڪونهي.

سوال: سائين ڊاڪٽر صاحب! ڇا سنڌ آزاد ٿي ويندي؟

جواب: پاءُ عنايت! آزاد سنڌ هڪ ڏينهن ضرور آزاد ٿيندي اهو منهنجو ايمان آهي، سنڌ ۽ سنڌين جو مستقبل نهايت روشن آهي، اسان کي مايوس بلڪل نه ٿيڻ گهرجي. اسان کي پنهنجي ڪوشش ۽ جدوجهد جاري رکڻ کپي.

سوال: ايم. ڪيو. ايم ۽ جماعت اسلاميءَ مان سنڌين لاءِ ڪير وڌيڪ خطرناڪ آهي؟

جواب: پيو سائل سنڌي! منهنجي خيال ۾ ٻئي سنڌين جا خطرناڪ دشمن آهن، دشمن ته دشمن ئي ٿيندو آهي ننڍو ڇا ته وڏو ڇا؟

سوال: ادا سائين! ڇا توهان کي ڪڏهن عورت جي مظلوميت تي رحم آيو؟

جواب: پيڻ نور ناز! مون کي عورت جي مظلوميت تي حدکان وڌيڪ رحم آيو آهي. مون پنهنجين ڪيترين ئي ڪهاڻين ۾ عورت جي مظلوميت جو ذڪر ڪيو آهي. ۽ ساڳي وقت ڪهاڻين ۾ مون عورتن کي اهو سبق ڏنو آهي ته هو اهڙي نظام کان بغاوت ڪن ۽ ماٺ ميٺ ۾ ظلم نه سهن، هينئر زمانو اجتماعيت جو آهي. انفرادي طرح ڪابه عورت بغاوت نه ٿي ڪري سگهي پر جڏهن

عورتون تنظيمون ٺاهي جدوجهد ڪنديون ته سڀ مسئلا آسانيءَ سان حل ٿي ويندا.

سوال: سائين ڊاڪٽر صاحب، توهان جي گفتگو يا ڪهاڻين مان هميشه اهو تاثر ملندو آهي ته ”ڪاش! سنڌين جي ڪا اهڙي سگهاري تنظيم هجي جيڪا سنڌين کي قومي آزادي وٺي ڏي يا ”سنڌ“ کي آزاد ڪرائي ڏي.“ منهنجو سوال اهو آهي ته توهان جو جيئي سنڌ تحريڪ بابت ڪهڙو رايو آهي؟

جواب: ادا امان الله! منهنجو عرض آهي ته ”جيئي سنڌ تحريڪ“ کي ڪافي عرصو ٿيو آهي. انهن ٿورو گهڻو ڪم ته ڪيو آهي، سنڌي قوم ۾ انهن ٿوري گهڻي سجاڳي ته آندي آهي يعني قومي يا قومپرستيءَ واري، پر اهڙي انقلابي ۽ سگهاري تنظيم يا تحريڪ به گروهه بنديءَ جو شڪار ٿي وئي، جنهن ڪري انهن جي طاقت ورهائجي وئي آهي جنهن ڪري ڪافي نقصان ٿيو آهي. هاڻي تائين هن تحريڪ جا تقريباً ٤ گروپ ٿي چڪا آهن. هينئر، هاڻي هڪ نئين تنظيم يا پارٽي ”سنڌ انقلاب پارٽي“ وجود ۾ آئي آهي جنهن جا روح روان ”ادريس چانڊيو ۽ مظفر ڪلهوڙو وغيره آهن، انهن جو مون منشور ۽ پروگرام پڙهي ڏٺو آهي آهي ڪنهن حد تائين صحيح آهن پر في الحال اهي ننڍڙي ٽولي جي صورت ۾ آهن ۽ في الحال ڪا منظم پارٽي نه اٿن پر تنهن هوندي به اهي چڱو ڪم ڪن پيا.

سوال: سائين منهنجا، منشور ته تقريباً سڀني پارٽين جو سٺو هوندو آهي؛ پر جيتري تائين عملي ڪم جو مقصد آهي، ان تي پنهنجي راءِ ڏيو؟

جواب: ادا! هيءُ (سنڌ انقلاب پارٽيءَ) وارا عملي ڪم به ڪن پيا ۽ منشور به ٻين کان ڪافي سٺو اٿن. معنيٰ ته هنن جو منشور ڪو رواجي منشور نه آهي، پر ڪافي مختلف ۽ سٺو آهي معنيٰ پ.پ.پ ۽ جيئي سنڌ تحريڪ کان.

سوال: ادا سائين! ڇا توهان جيئي سنڌ ۽ سپاف ٻنهي کي هڪجهڙو

سمجهو ٿا؟

جواب: امان الله صاحب! نه نه منهنجو اهو مطلب هرگز نه آهي ته جساف ۽ سپاف هڪجهڙيون تنظيمون آهن. سپاف وفاق جي علامت آهي ۽ جڏهن ته جيئي سنڌ تحريڪ قومپرستي جي علامت آهي، جيئي سنڌ، سپاف کان تمام گهڻو بهتر آهي.

سوال: جيڪڏهن اوهان کي چيو وڃي ته ”ڊاڪٽر يا ڪهاڻيڪار“ مان ڪنهن به هڪ جي چونڊ ڪريو ته توهان ڇا ٿيڻ پسند ڪندا؟

جواب: عنايت صاحب! آءٌ هميشه ڪهاڻيڪار بڻجڻ کي ترجيح ڏيندس جيڪڏهن مون کي پيٽ گذران لاءِ ڪجهه پئسا مقرر ڪري ڏنا وڃن. ڊاڪٽري پيشو ته مون پيٽ گذر لاءِ اپنايو آهي. باقي جيڪو منهنجو شوق، جستجو، محنت سڀ سنڌي ادب جي واڌاري لاءِ آهن.

ان سلسلي ۾ آءٌ توهان کي هڪ واقعو ٻڌائيندس ته جڏهن محترم ابراهيم جويو تعليم کاتي کان رٽائر ڪيو ته هو صاحب سڄو وقت ادب کي ڏيڻ لڳو، ترجما ڪرڻ، مهاڳ لکڻ يا ادبي پروگرامن ۾ شرڪت ڪرڻ کي پنهنجو مشغلو بڻائين ڇڏيائين معنيٰ ته ”فل ٽائيم“ رائيٽر ٿي ويو. اهي ڳالهيون ڏسي منهنجي دل چاهيندي هئي ته ڪاش آءٌ به ائين ڪري سگهان پر پيٽ گذر جي محدود ذريعن هئڻ ڪري آءٌ ائين ڪري نه سگهيس.

سوال: وڏا اديب، نون لکندڙن جي ڪا به دلجوئي يا رهنمائي، رهبري نٿا ڪن توهان ان باري ۾ ڇا ٿا چئو؟

جواب: پيڻ نور ناز: ان سلسلي ۾ آءٌ اهو عرض ڪندس ته مون ڪڏهن به نئين لکندڙ اديب کي رهنمائي ڪرڻ يا ڪنهن ڳالهه سيکارڻ ۾ هٻڪ محسوس نه ڪئي آهي ۽ نه ئي ان ڳالهه کان ڪڏهن لنوايو آهي. ان جو مثال منهنجي ڳاڏي کاتي واري اسپتال هوندي هئي جتي سدائين نوجوان اديبن جا ٽولا ايندا رهندا هئا ۽ آءٌ انهن جي رهنمائي ڪري سرهائي محسوس ڪندو هوس. توهان جي هن ياءُ امان الله سان ملاقات به منهنجي اسپتال ۾ ٿي هئي

جڏهن هيءُ مون سان ملڻ ۽ حال احوال اورڻ آيو هو.
سوال: "سنڌي ادبي سنگت" سنڌي ادب جي ڪيتري خدمت ڪئي آهي ۽ توهان ان مان ڪيتري قدر مطمئن آهيو؟
جواب: پيڻ سائل سنڌي! س-اس سنڌي ادب جي تمام سٺي خدمت ڪئي آهي پر آءٌ اهو چوندس اهان بہ ان کي وڏيڪ ڪم ڪرڻ گهرجي، مثال طور انهن کي سنڌي ادب جا وڏ ۾ وڏ ڪتاب ڇپائڻ گهرجن ۽ پڻ س- ا- س جي مرڪز پاران ڪو سلسليوار ريگيولر رسالو ڪيڻ کپين.
سوال: سائين س-اس جي گروپ بندي بابت اوهان ڇا ٿا چئو؟
جواب: ادا عنايت! منهنجي خيال ۾ س-اس ۾ تہ ڪابہ گروپ بندي ڪونهي باقي تنقيد يا اختلاف راءِ رکڻ جو حق هرڪنهن کي آهي.
سوال: ڇا توهان پنهنجا ڪتاب ذاتي خرچ تي ڇپرايا آهن؟
جواب: ادي نور ناز! نہ، آءٌ ان باري ۾ تمام گهڻو خوش نصيب اديب آهيان. ڇوتہ منهنجا ڪتاب، ادبي يا اشاعتي ادارن هميشه پنهنجي خرچ تي ڇپرايا آهن. اهو منهنجو هڪ شاندار رڪارڊ آهي جنهن جي مون کي تمام گهڻي خوشي آهي.
سوال: توهان هن مهل تائين ڪيتريون ڪهاڻيون لکيون آهن؟
جواب: ادا- امان! مون هن مهل تائين مسلسل لکندي تقريباً ٣٠٠ جي لڳ ڀڳ ڪهاڻيون لکيون آهن.
سوال: ورهاڱي کان اڳ واري "سنڌي ادب" ۽ هاڻوڪي سنڌي ادب ۾ اوهان ڪيترو فرق محسوس ڪريو پيا؟
جواب: ادا امان الله! ورهاڱي وقت اسان جي هندو ليکڪن جي وڃڻ کان پوءِ سنڌي ادب ۾ هڪ وڏو خال پيدا ٿي پيو، ڇوتہ هندستان وڃڻ وارن هندن ۾ اسان جا تمام مهان ليکڪ، شاعر، تاريخدان، ڪهاڻيڪار وغيره هئا. انهن جي وڃڻ سان سنڌي ادب ۾ هڪ تمام وڏو خال پيدا ٿي پيو جيڪو هن وقت ايتري گهڻي عرصي تقريباً ٤٦ سالن گذرڻ کان پوءِ ڪنهن حد تائين پرجي ويو آهي. ڪافي سنڌي اخبارون ۽ ادبي رسالا نڪرڻ لڳا آهن جنهن

ڪري سڄا سڄا ليکڪ پيدا ٿي پيا آهن.

سوال: سائين اڄ ڪلهه سنڌي اخبارن ۾ هڪ مرض پيدا ٿي پيو آهي ته اهي روز روز فلمي اداڪارن ۽ سياستدانن جون تصويرون شايع ڪري فلمي صفحا ڀيون ڪدين، ساڳيون ساڳيون پراڻيون خبرون، ڪابه سائنسي خبر يا عام معلومات جي خبر ڪونهي ان ڳالهه کي ڪيئن منهن ڏيئي سگهجي ٿو؟

جواب: ادا عنايت صاحب! سنڌي اخبارن جا مالڪ به هڪ قسم جا واپاري آهن ۽ واپاري ته هميشه ڪاروبار ۾ واڌارو چاهيندو آهي پوءِ اهو کهڙي به طريقي سان هجي پوءِ آهي روز، روز نيون انڪلون سوچيندا آهن جيئن فلمي پوز ڏيڻ، جيڪي رواجي طرح ڪنهن به گهر ۾ وڃڻ لائق نه آهن، اهي اخباري مالڪ پنهنجي نقطه نگاهه کان واپار وڌائڻ لاءِ اهي تصويرون ڏين ٿا، اهي محنت يا ريسرچ وغيره نه ٿا ڪن. پر تنهن هوندي به ڪي اخبارون تمام سٺو ڪردار ادا ڪري رهيون آهن جن ۾ جاڳو ۽ عوامي آواز سرفهرست آهن. ان سلسلي ۾ سماجي تنظيمن تي ذميواري عائد ٿئي ٿي ته اهي عوام کي ٻڌائين ته انهن کي ڪهڙيون اخبارون پڙهڻ گهرجن.

سوال: سنڌ جي آزاديءَ لاءِ اسان کي ٻين ملڪن مثلاً هندستان يا روس وغيره تي ڪيتري قدر ڀاڙڻ کپي؟ يا اسان پنهنجي قوت کي ڪيئن منظم ڪري سگهون ٿا؟

جواب: امان الله صاحب! اسان کي ”سنڌ جي آزادي“ لاءِ ڪنهن تي به ڀاڙڻ نه کپي، آزادي خيرات ۾ ڪڏهن به نه ملندي آهي، ان لاءِ تمام وڏيون قربانيون ڏيڻيون پونديون آهن ـ اسان کي هندستان يا روس وغيره ڪڏهن به آزادي ڪونه وٺي ڏيندا يا جيڪڏهن وٺي به ڏيندا ته وري سڀاڻي اسان انهن جي غلامي ۾ به وڃي سگهون ٿا. تنهن ڪري اسان کي هميشه اها ڳالهه ڦهندي جيڪا اسان کي پنهنجي قوت بازو سان حاصل ٿيندي، سو ٻين تي ڀاڙڻ بلڪل غلط آهي. باقي اسان کي پاڻ ۾ ويڇا وساري،

انا پرستي ڇڏي پنهنجي قومي تنظيم کي منظم ڪرڻو پوندو ۽ ان کي جنگ لاءِ تيار ڪبو، ان لاءِ گوريلا ٽريننگ تمام ضروري آهي.

سوال: اسان جي قوم باشعور ته آهي پر متحد نه آهي ان کي ڪيئن متحد ڪري سگهجي ٿو؟

جواب: ڀيڻ نورناز! متحد ٿيڻ سنڌي قوم لاءِ تمام اهم قومي اهميت وارو مسئلو آهي. اسان نهايت دلير ۽ باشعور قوم آهيون. اسان وٽ وڏا وڏا بهادر ماڻهو موجود آهن، قوم کي ڪيئن متحد ڪجي، اهو سڀني سياسي ۽ سماجي تنظيمن جي سوچڻ جو مسئلو آهي ڇو ته هيءَ سان ٿي ”قومي بقا“ آهي. منهنجي خيال ۾ سياسي ليڊرن ۽ پارٽين ان سلسلي ۾ نهايت مايوس ڪيو آهي ڇو ته هر ڪو پنهنجي الڳ الڳ ديڳڙي چاڙهيو ويٺو آهي. سو اسان کي سڀني سياسي پارٽين تي زور پرڻو پوندو ته پاڻ ۾ متحد ٿين، جيڪڏهن ڪا سياسي پارٽي ائين نه ٿي ڪري يا ائين ڪرڻ ۾ رڪاوٽ ٿي بڻجي، ته اسان سڀني جو ان پارٽي سان سماجي، سياسي ۽ اخلاقي مڪمل بائيڪاٽ ڪرڻو پوندو. منهنجي خيال ۾ ائين ئي اهو مسئلو حل ٿي سگهي ٿو.

سوال: سائين! اڄوڪي شاگرد کي سياست ۾ ڪيتري قدر حصو وٺڻ کپي؟

جواب: اسان وانگر غلام قومن جي شاگرد جو سياست ۾ نهايت ئي اهم رول ٿيندو آهي، شاگرد طبقو نهايت ئي سجاڳ ۽ سلجهيل طبقو آهي ۽ ساڻ گڏ تعليم يافته به آهي تنهن ڪري اهو سياست کي سمجهي ٿو، تنهن ڪري انهن جو سياست ۾ حصو وٺڻ لازمي آهي ڇو ته سڀاڻي انهن کي ئي انهيءَ نظام جون واڳون سنڀالڻيون آهن اهو طبقو ئي آزادي ۽ انقلاب آڻي سگهي ٿو. پر اڄ ڪالهه جو شاگرد سياست ۾ حصو صرف پنهنجو ذاتي مقصد ماڻڻ لاءِ وٺي ٿو تنهن ڪري ان کي اها روش ترڪ ڪرڻي پوندي ۽ پنهنجي قوم جي آزادي لاءِ نهايت صاف سٿري سياست ڪرڻي پوندي ۽ پنهنجو مقصد ماڻڻو پوندو. هن وقت جا سياسي شاگرد اڳواڻ پڙهائي ۽ تعليم ڏانهن صفا ڌيان ڪونه ٿا ڏين ۽ پنهنجي ليڊرشپ جي

زور تي امتحان مان پاس ٿيو وڃن، اهو طريقو اجتماعي تباهيءَ ڏانهن وٺي وڃي ٿو، تنهن ڪري اسان جي شاگرد اڳواڻن کي اهو طريقو ختم ڪرڻو پوندو ۽ شاگرد اڳواڻن کي محنت ڪري امتحان پاس ڪرڻا پوندا. قومي آزاديءَ جي جنگ ۾ اچوڪا شاگرد جيڪي سڀاڻي ڊاڪٽر يا انجنيئر ٿيندا انهن جو نهايت اهم ڪردار ٿي سگهي ٿو. پر اهو تڏهن ٿيندو جڏهن آهي محنت ڪري پاس ٿيل هوندا.

سوال: ”آزادي ۽ پيار“ مان توهان کي ڪهڙي شيءِ وڌيڪ پسند آهي؟

جواب: ادا امان الله! اهو سوال ڪجهه قدر ڏکيو آهي پر اصولاً آزاديءَ کي پهرين هئڻ گهرجي ۽ اها به حقيقت آهي ته آزاديءَ کان سواءِ ماڻهو ڪڏهن به پيار نه ٿو ڪري سگهي، منهنجي خيال ۾ آزادي کان سواءِ پيار جو تصور ئي اڌورو آهي.

بقول سرڪش سنڌيءَ جي:

چاتيءَ سان چاتي ڪير نه چاهيندو،
پيار ۽ آزادي ڪير نه چاهيندو.

سوال: ”سنڌ جي آزادي“ ۾ سنڌي عورت اسان جي لاءِ ڪهڙي طرح مددگار ٿي سگهي ٿي؟

جواب: ادي سائل سنڌي! سنڌي عورت، آزادي ۾، مردن وانگرئي اسان جي مددگار ٿي سگهي ٿي، پر شرط اهو آهي ته اسان جي آها سنڌي عورت ذهني طرح سجاڳ هجي ۽ پڻ ترقي پسندانه سوچ واري هجي. اهڙي عورت پين عورتن سان ملي نوولا ٿاهي، عام عورتن سان ڪچهريون ڪري ”قومي آزاديءَ“ لاءِ انهن کي تيار ڪري سگهي ٿي. سنڌي عورت کي عملي ميدان لاءِ به تيار ٿيڻ کپي. ان جو مطلب آهي ته عورتن کي هٿيار وغيره هلائڻ جي سکيا لازمي وٺڻي پوندي، ۽ ساڳ گڏ گوريلا ٽريننگ به هجڻ گهرجي يا جنگ جي ميدان ۾ زخمين جي ملم پٽي ۽ پاڻي وغيره پيارڻ ۾ به مددگار ٿي سگهي ٿي.

سوال: اسان جي تاريخ جا تقريباً سڀ ڪتاب ڌارين حملي آورن جا لکيا آهن، تنهن ڪري اسان جي تاريخ کي ٽوڙي مروڙي پيش ڪيو ويو آهي، منهنجو سوال اهو آهي، اسان جي تاريخ جو ڪهڙو

ڪتاب ڪجهه قدر صحيح آهي؟

جواب: سائين منهنجا! سنڌ جي تاريخ تي هن وقت تائين ڪو به مستند ڪتاب لکيو ئي نه ويو آهي.

— سائين نجم صاحب! ”جنت السنڌ“ جي باري ۾ اوهان جو ڇا خيال آهي؟

پيٽ نور ناز! آهي نه آهو به اڌورو پر ٻين جي ڀيٽ ۾ وري به ڪجهه نه ڪجهه چڱو آهي. اهو ڪتاب اسان جي محترم سائي مولائي شيدائي جي محنت جو نتيجو آهي.

سوال: راجا ڏاهر سنڌ جي تاريخ جو سورهيه ۽ محب وطن ڪردار آهي پر تاريخ ۾ ان سان وڏي ويساهه گهاتي ڪئي وئي آهي، توهان ان جي ڪردار تي ڪيئن ٿا روشني وجهو؟

جواب: ادا عنايت الله! اسان سان هميشه تمام وڏو ظلم لڳو پيو آهي. اسان جي درسي ڪتابن ۾ اسان جي تاريخي هيرن کي ٽوڙي مروڙي پڙهايو پيو وڃي. اسان جي تاريخي سورمن کي درسي ڪتابن ۾ تمام گهٽ جڳهه ڏني وئي آهي. پر ان جي بدران يو پي يا لکنوءَ جا ڌاريا ڪردار پڙهايا پيا وڃن جن جو هن ڌرتي يا ماڻهن سان ڪو به واسطو نه آهي.

راجا ڏاهر هڪ نهايت ئي دلير ۽ بي باڪ حڪمران ٿي گذريو آهي. جنهن جي وقت حڪمراني ۾ سنڌ تمام سڀني ترقي ڪئي. ان جي دور حڪومت ۾ ڪا به مذهبي پابندي نه هوندي هئي هر ڪنهن فرقي کي عبادت وغيره ڪرڻ جي مڪمل آزادي هوندي هئي. تنهن ڪري راجا ڏاهر جي ڪردار کي ٽوڙي مروڙي پيش ڪرڻ ۾ ڪا به سچائي ڪانهي بلڪ اها هڪ ڪريل ذهنيت ۽ بغض ۽ ڪيني جي نشاني آهي جيڪا هن ملڪ جا ڌاريا حڪمران اپنائي رهيا آهن.

سوال: توهان تقريباً ٣٠ ڪتابن جا ليکڪ آهيو پر توهان ٻارن لاءِ ڪو به ڪتاب نه لکيو آهي ڪافي ٻارن کي توهان جهڙن اديبن کان اها شڪايت آهي توهان ان باري ۾ ڇا ٿا فرمايو؟

جواب: نه ادي سائل سنڌي! مون کي ڪنهن به حڪومت ڪا به وارننگ يا ڌمڪي نه ڏني آهي ۽ نه ئي وري ڪو ڪتاب ضبط ٿيو آهي، منهنجي خيال ۾ ته ان جو سبب اهو آهي ته مان عملي سياست ۾ ڪڏهن به حصو نه ورتو آهي.

سوال: مذهب جي باري ۾ اسان جي سنڌي ليکڪن، سنڌي قوم کي تمام گهڻو مايوس ڪيو آهي، ان جو ڇا سبب آهي؟

جواب: ادا عنايت الله! هر ڳالهه ۾ اختلاف راءِ ضرور ٿيندو آهي پوءِ ڪن ماڻهن کي اسان جون ڳالهيون وڻنديون آهن ۽ ڪن کي نه. مذهب ۾ ته اختلاف راءِ تمام گهڻو آهي. خود مذهب وارا پاڻ ۾ ڪونه ٺهيل آهن ۽ سندن ڪيترا ئي فرقا آهن. اهي هڪ ٻئي سان ايترو ته اختلاف راءِ رکن ٿا جو هڪ ٻئي کي مسلمان مڃڻ لاءِ به تيار نه آهن.

سوال: ڀراڙيءَ ۾ عام سنڌي ماڻهو ڌاڙيلن جي آزارڪان پاڻ کي ڪيئن ڏو بچائي سگهي؟

جواب: ادا امان الله! ان لاءِ هر ڪنهن سنڌي ماڻهوءَ کي پنهنجو بچاءُ پاڻ ڪرڻ گهرجي، هٿيار وغيره خريد ڪرڻ گهرجن ۽ چوڪيداري سسٽم رائج ڪرڻ کپي. حڪومت يا پوليس تي ڪڏهن به نه ڀاڙڻ گهرجي ڇو ته پوليس خود ڌاڙيلن سان مليل هوندي آهي.

سوال: آخر ۾ پنهنجي پڙهندڙن يا مداحن لاءِ ڪو پيغام؟

جواب: ادا سائين! منهنجا مداح تمام باشعور آهن ۽ انهن کي اها خبر آهي ته ڪهڙي ادب پڙهڻ سان هو روشن دماغ ٿي سگهن ٿا. تنهن ڪري آءٌ پنهنجي پڙهندڙن کي گذارش ڪندس ته هميشه ترقي پسندانه لٽريچر يا ادب پڙهن ۽ ڪڏهن به دقيانوسي يا رجعت پسند ادب نه پڙهن.

منهنجا پڙهندڙ جتي به هجن شال خوش ۽ آباد هجن.

۽ اهڙي طرح اهو شاندار انٽرويو رات جو تقريباً ٢ بجي پورو ٿيو.

تاريخ: ١٦ مئي ١٩٩١ع

## نيو فيلڊس جا جلد ايندڙ ڪتاب

## ٽڏا چپ

مصنف: ايشور چندر

هند ۽ سنڌ جي مشهور و معروف ليکڪ
ايشور چندر جي ڪهاڻين جو مجموعو

صفحو ۲۰۸- خوبصورت ٽائيٽل- قيمت ۴۰ رپيا

## نئون شهر ۽ عورت ۽ پيار

(هڪ ڪتاب هڪ ڪتابي صورت ۾)

مصنف: غلام نبي مغل ۽ پيري لوئي

## پياسي ڌرتي، رمندا بادل

سراج جا مشهور ٽي ڪتاب: منهنجي دنيا هيڪل ويڪل،
تنهنجي دنيا سڀ رنگ سانول، منهنجي دنيا مرگهه ترشنا،
هڪ ناول جي صورت ۾- ڪمپيوٽر تي ڪمپوز ٿيل
ڪل صفحا ۶۰۰

## اوڙاهه (ناول)

غلام نبي مغل جو نئون ناول، جيڪو تاريخ ۾
پس منظر ۾ لکيو ويو آهي. صفحا ۴۰۰

## پن ڇڻ پڇاڻان

مصنف: شيخ اياز

## نيو فيلڊس جا تازا شايع ٿيل ڪتاب

### سورج مکي ۽ سانجهه

مصنف: شيخ اياز

اياز جي هن نئين ڪتاب ۾، وايون، بيت، نظم ۽ غزل شامل آهن. ٢٠ صفحن جو سنڌس لکيل مهاڳ صفحا ٣٦٠ - خوبصورت ٽائيٽل - قيمت ٩٠ رپيا

### منهنجو وطن، منهنجا ماڻهو

مصنف: لوڪرام ڏوڏيجا

هڪ اهڙو ڪتاب جنهن جو پڙهندڙن کي سالن کان انتظار هو. سنڌ جي تاريخي ۽ ثقافتي لحاظ کان هڪ اهم دستاويز - اهڙو دلچسپ ڪتاب جو پورو ڪرڻ کان اڳ ڇڏڻ تي دل نه چوندي. ڪمپيوٽر تي ڪمپوز ٿيل صفحا ١٨٤ - تصويرون ٢٥ کان متي ڏنل قيمت ١٠٠ رپيا

### قومي غدار ۽ حساب ڪتاب

مصنف: لياقت عزيز

هن ڪتاب ۾ پيرن ميرن وڏيرن، ڪامورن، اسيمبلي ميمبرن، وزيرن، پوليس عملدارن، وائيس چانسلرن، تعليم کاتي جي آفيسرن، نام نهاد شاگرد ليڊرن، دانشورن وغيره جا پول پڌرا ڪيا ويا آهن. قيمت ٥٠ رپيا.

### بندر ديسان ديس ۽

### ڇا جو ديس ڇا جو وديس

(ٻه سفرناما هڪ ڪتابي صورت ۾)

الطاف شيخ جي هنن ٻن سفر نامن ۾ جپان، ٿائلينڊ، سنگاپور، بئنڪاڪ، ڪوريا، چين وغيره جي ملڪن جو دلچسپ انداز ۾ سفرنامو لکيل آهي. قيمت ٦٠ رپيا

### سر لوهيڙا گيپا

مصنف: شيخ اياز



صحبت جمال